چين چين ڪري چوڻ لڳيون،
اَٺون نمبر آسان، اَٺون نمبر آسان.
نو ننڍيون جهرڪيون ويٺيون آچي وڻ تي،
چين چين ڪري چوڻ لڳيون،
نائون نمبر آسان، نائون نمبر آسان.
ڏهہ ننڍيون جهرڪيون ويٺيون آچي وڻ تي،
چين چين ڪري چوڻ لڳيون،
ڏهون نمبر آسان، ڏهون نمبر آسان.

तितिली

बाग़ में आहिनि गुल टिड़िया
गाढ़ा-पीला गुल टिड़िया ।
उडंदी-उडंदी तितिली आई
तितिलीअ डाढी मौज मचाई ।
बाग़ में आहिनि गुल टिड़िया
गाढ़ा-पीला गुल टिड़िया ।

تِتلي

باغ ۾ آهن گُل ٽِڙيا
ڳاڙها پيلا گُل ٽِڙيا.
اُڏندي اُڏندي تِتلي آئي
تِتليءَ ڏاڍي موج مچائي.
باغ ۾ آهن گُل ٽِڙيا
ڳاڙها پيلا گُل ٽِڙيا.



पोपटिड़ो

पोपटिड़ो ही पोपटिड़ो
सुहिणो सुहिणो पोपटिड़ो
प्यारो प्यारो पोपटिड़ो
गाढ़ो पीलो पोपटिड़ो
रंग रंगीलो पोपटिड़ो
पोपटिड़ो ही पोपटिड़ो ।
हिते उडे थो हुते उडे थो
गुल गुल ते थो फेरियूं पाए
पोपटिड़ो ही पोपटिड़ो ।

پوپٽڙو

پوپٽڙو هي پوپٽڙو
سُهڻو سُهڻو پوپٽڙو
پيارو پيارو پوپٽڙو
ڳاڙهو پيلو پوپٽڙو
رنگ رنگيلو پوپٽڙو
پوپٽڙو هي پوپٽڙو.
هتي اُڏي ٿو هُتي اُڏي ٿو
گُل گُل تي ٿو ڦيريون پائي
پوپٽڙو هي پوپٽڙو.

मुंहिंजो मोती

मुंहिंजो मोती, मुंहिंजो साथी
मुंहिंजो मोती, मुंहिंजो साथी ।

अछो अछो खीर जहिड़ो,
रांदि करे थो मूंसा मोती,
खेल खेले थो मुंहिंजो मोती,
सुहिणो सुहिणो मुंहिंजो मोती
मुंहिंजो मोती मुंहिंजो साथी ।

गोल मटोल बाल जहिड़ो,
नरमु नरम आ रेशम जहिड़ो,
मूंखे डि़से थो पुछु लोडे थो,
खुशीअ विचां हू नचे टिपे थो,
सुहिणो सुहिणो मुंहिंजो मोती
मुंहिंजो मोती मुंहिंजो साथी ।

مُنهِنجو موتي

مُنهِنجو موتي مُنهِجو ساٿي
مُنهِنجو موتي مُنهِنجو ساٿي.
اَڇو اَڇو کير جهڙو
راندِ ڪري ٿو مون سان موتي
کيل کيلي ٿو مُنهِنجو موتي
سُهڻو سُهڻو مُنهِنجو موتي
مُنهِنجو موتي مُنهِنجو ساٿي.
گول مٽول بال جهڙو
نرم نرم آ ريشم جهڙو
مونکي ڏِسي ٿو پُڇُ لوڏي ٿو
خوشيءَ وچان هو نچي ٽِپي ٿو
سُهڻو سُهڻو مُنهِنجو موتي
مُنهِنجو موتي مُنهِنجو ساٿي.

نَنڍِڙو ڪُتِڙو

ڪُتِڙو آهي ڪُتِڙو آهي
مُون وَٽِ نَنڍِڙو ڪُتِڙو آهي.
ڪُتِڙو مُنهِنجو اَڇو آهي
ڏاڍو پِيارو - پِيارو آهي.
بريڊ کائي ۽ کيرُ پِيئي
هلي زور سان يا ڌيري.
جڏهن هلان ٿي تڏهن هلي ٿو
جڏهن وِهان ٿي تڏهن وِهي ٿو
اَهڙو آهي مُنهِنجو ڪُتِڙو.
ڪُتِڙو آهي ڪُتِڙو آهي
مُون وَٽِ نَنڍِڙو ڪُتِڙو آهي.
ڪُتِڙو مُنهِنجو پِيارو پِيارو
ڏاڍو پِيارو پِيارو آهي.

नंढिड़ो कुतिड़ो

कुतिड़ो आहे कुतिड़ो आहे
मूं वटि नंढिड़ो कुतिड़ो आहे ।
कुतिड़ो मुंहिंजो अछो आहे
डाढो प्यारो - प्यारो आहे ।
ब्रेड खाए ऐं खीर पीए
हले ज़ोर सां या धीरे
जडहिं हलां थी
तडहिं हले थो
जडहिं विहां थी
तडहिं विहे थो,
अहिड़ो आहे मुंहिंजो कुतिड़ो ।
कुतिड़ो आहे कुतिड़ो आहे
मूं वटि नंढिड़ो कुतिड़ो आहे ।
कुतिड़ो मुंहिंजो प्यारो आहे
डाढो प्यारो - प्यारो आहे ।



टोनीअ जा कुतिड़ा

टोनीअ जा ही आहिन कुतिड़ा
नंढिड़ा नंढिड़ा आहिन कुतिड़ा
फिडि फिडि करे हलन था कुतिड़ा
खीरु पियन था तकिड़ा तकिड़ा
टोनीअ जा ही आहिन कुतिड़ा ।

नंढिड़ो नंढिड़ो पुछु लोडीन था
मुंहिंजे हंज में रांदि कनि था
कुतिड़ा मुंहिंजा पेर चटीन था
कुतिड़ा मुंखे खूबु वणन था ।

टोनीअ जा ही आहिन कुतिड़ा
नंढिड़ा नंढिड़ा आहिन कुतिड़ा ।

ٽونيءَ جا ڪُتِڙا

ٽونيءَ جا هي آهن ڪُتِڙا
نَنڍڙا نَنڍڙا آهن ڪُتِڙا
ڦڏ ڦِڏ ڪري هلن ٿا ڪُتِڙا
کيرُ پيئن ٿا تڪڙا تڪڙا
ٽونيءَ جا هي آهن ڪُتِڙا.

نَنڍڙو نَنڍڙو پُڇُ لوڏين ٿا
مُنهنجي هنج ۾ راند ڪن ٿا
ڪُتِڙا مُنهنجا پير چٽين ٿا
ڪُتِڙا مون کي خوب وڻن ٿا.

ٽونيءَ جا هي آهن ڪُتِڙا
نَنڍڙا نَنڍڙا آهن ڪُتِڙا.

मुंहिंजो बंटी

बंटी मुंहिंजो कुतिड़ो प्यारो ,
सुहिणो सुहिणो न्यारो न्यारो ।
ममी हुन खे प्यार करे ,
पपा बि हुन खे प्यार करे ।

नरमु नरमु आ रेशम जहिड़ो ,
प्यारो प्यारो मुंहिंजो कुतिड़ो ।
गंदु कड॒हिं हू कीन करे ,
सदा सफ़ाई हुन खे वणे ।
घर में जे को धारियो अचे ,
भौं भौं थो करण लगे॒ ।

آواز

बि॒ली करे थी म्याऊं – म्याऊं
कुतो करे थो भौं-भौं ।
ब॒किरी करे थी में-में
बांदर करे थो खौं-खौं-खौं ।
मखि करे थी भिन-भिन-भिन
भौंरु करे थो गुन-गुन-गुन ।

مُنهِنجو بنٽي

بنٽي مُنهِنجو ڪُتِڙو پيارو
سُهِڻو سُهِڻو نيارو نيارو.
مَمي هِنَ کي پيار ڪري
پپا بہ هِنَ کي پيار ڪري.
نرم نرم آ ريشم جهڙو
پيارو پيارو مُنهِنجو ڪُتِڙو.
گندُ ڪڏهن هُو ڪين ڪري
سدا صفائي هن کي وڻي.
گهر ۾ جي ڪو ڌاريو اَچي
ڀَون ڀَون ٿو ڪرڻ لڳي.

آواز

ٻِلي ڪري ٿي مياؤن ـ مياؤن
ڪُتو ڪري ٿو ڀَون ڀَون.
ٻڪري ڪري ٿي مين مين
باندر ڪري ٿو کَؤَن کَؤَن کَؤَن.
مَکہ ڪري ٿي ڀِن ڀِن ڀِن
ڀؤنر ڪري ٿو گُن گُن گُن.

मूंखे बुधाइ तूं

उठ किथां आएं तूं ,
उठ किथां आएं तूं ?
इहो मूंखे बुधाइ तूं ,
उठ किथां आएं तूं ?
एडो ऊंचो आहीं तूं ,
पुठीअ ते विहारीं तूं
गिची तुंहिंजी डिघी डिघी
पुछु तुंहिंजो नंढिड़ो
टंगूं तुंहिंजूं सनिहियूं सनिहियूं
मुंहुं अथेई वडिड़ो ।
कहिड़े देस मां आएं तूं
इहो मूंखे बुधाइ तूं
उठ किथां आएं तूं ,
उठ किथां आएं तूं ?
इहो मूंखे बुधाइ तूं ,
उठ किथां आएं तूं ?

مؤنکي ٻُڌاءِ تون

اُٺ ڪٿان آئين تون ،
اُٺ ڪٿان آئين تون؟
اِهو مونکي ٻڌاءِ تون ،
اُٺ ڪٿان آئين تون؟
ايڏو اونچو آهين تون ،
پٺيءَ تي وِهارين تون
ڳچي تنهنجي ڏگهي ڏگهي
پُڇ تنهنجو ننڍڙو
ٽنگون تنهنجون سنهيون سنهيون
مُنهن اَٿيئي وڏڙو.
ڪهڙي ديس مان آئين تون
اِهو مونکي ٻڌاءِ تون،
اُٺ ڪٿان آئين تون
اُٺ ڪٿان آئين تون،
اِهو مونکي ٻڌاءِ تون
اُٺ ڪٿان آئين تون؟

सुहिणो सहो

अछो अछो सहो,
सुहिणो सुहिणो सहो ,
कपहि जहिड़ो सहो ,
रेशम जहिड़ो सहो ।
ग॒ाढ़ियूं ग॒ाढ़ियूं अखियूं हुन जूं.
डिघा डिघा कन हुन जा
नंढिड़ो नंढिड़ो पुछ हुन जो
अछो अछो सहो,
सुहिणो सुहिणो सहो ।
गाह में हू लिके थो ,
लिकी लिकी डि॒से थो ,
मूंखे डि॒सी भजे॒ थो ।
अछो अछो सहो,
सुहिणो सुहिणो सहो ।

سُهِڻو سَهو

اَڇو اَڇو سهو
سُهِڻو سُهِڻو سَهو
ڪپهہ جهڙو سَهو
ريشم جهڙو سَهو.
ٻاڙهيون ٻاڙهيون اکيون هن جون
ڊگها ڊگها ڪن هن جا
نَنڍڙو نَنڍڙو پُڇ هن جو،
اَڇو اَڇو سُهو
سُهِڻو سُهِڻو سَهو.
گاهہ ۾ هو لڪي ٿو
لِڪي لِڪي ڏسي ٿو،
مون کي ڏسي ڀڄي ٿو
اَڇو اَڇو سَهو،
سُهِڻو سُهِڻو سَهو.



प्यारी बिलिड़ी

प्यारी प्यारी बिलिड़ी
मिठिड़ी मिठिड़ी बिलिड़ी ।
अछी कारी बिलिड़ी
मियाऊं करे थी बिलिड़ी
कूआ मारे थी बिलिड़ी ।
प्यारी प्यारी बिलिड़ी
मिठिड़ी मिठिड़ी बिलिड़ी ।

پِياري ٻِلڙي

پِياري پِياري ٻِلڙي
مِٺڙي مِٺڙي ٻِلڙي.
اَڇي ڪاري ٻِلڙي
مِيائون ڪري ٿي ٻِلڙي
ڪوئا ماري ٿي ٻِلڙي.
پِياري پِياري ٻِلَڙي
مِٺڙي مِٺڙي ٻِلڙي.

मिनी मासी

मुंहिंजी हिकिड़ी बिलिड़ी आहे ,
प्यारी प्यारी बिलिड़ी आहे ।
रंगु संदसि आ नासी नासी ,
सडियांसि प्यार सां मिनी मासी ।
मुंहिंजी हिकड़ी बिलिड़ी आहे ,
प्यारी प्यारी बिलिड़ी आहे ।
खीरु चटे थी चटि चटि चटि ,
केकु झटे थी झटि झटि झटि ,
चवां जडहिं मां हटि हटि हटि ,
भजी वञे थी फटि फटि फटि ।
मुंहिंजी हिकिड़ी बिलिड़ी आहे ,
प्यारी प्यारी बिलिड़ी आहे ।

مِني ماسي

مَنهِنجي هِڪڙي ٻِلڙي آهي
پِياري پِياري ٻِلڙي آهي.
رنگ سندس آ ناسي ناسي
سڏيانس پيار سان مِني ماسي.
مُنهِنجي هِڪڙي ٻِلڙي آهي
پِياري پِياري ٻِلڙي آهي.
کيرُ چَٽي ٿي چَٽِ چَٽِ چَٽِ
ڪيڪُ جهٽي ٿي جَهٽ جَهٽ
چوان جڏهن مان هَٽ هَٽ هَٽ
ڀڄي وڃي ٿي ڦَٽ ڦَٽ ڦَٽ.
مُنهِنجي هِڪڙي ٻِلَڙي آهي
پِياري پِياري ٻِلڙي آهي.

वछिड़ो ऐं मां

अमां अमां खीर डे ,
वछिड़ो भी थो खीर पीए ,
मुंखे भी तूं डे ।
अमां अमां खीर डे ।

अमां अमां प्यार करि
गांइ जीअं वछिड़े खे करे ,
मुंखे भी तूं करि ,
अमां मुंखे प्यार करि ।

अमां अमां रांदि करि ,
गांइ वछिड़े सां रांदि करे ,
मूं सां भी तूं रांदि करि
अमां मूं सां रांदि करि ।

وَڇڙو ۽ مان

آمان آمان کير ڏي،
وڇڙو ڀي ٿو کيرُ پيئي
مونکي ڀي تون ڏي.
آمان آمان کيرُ ڏي.

امان امان پيار ڪَرِ،
ڳانءِ جيئن وڇڙي کي ڪري،
مونکي ڀي تون ڪَرِ
آمان مُونکي پيار ڪَرِ.

آمان آمان راندِ ڪَرِ،
ڳانءِ وڇڙي سان راندِ ڪري،
مُون سان ڀي تُون راند ڪَرِ
آمان مُون سان راندِ ڪَرِ.



असांजी गांइ

गांइ असांजी गांइ असांजी
खीरु डिए थी गांइ असांजी
मुंहिंजी अमां खीरु डुहे थी
मूंखे पिअण लाइ डिए थी ।
अमां डही जमाए थी
सभिनी खे खाराए थी ।
अमां मखणु ठाहे थी
सभिनी खे खाराए थी ।
अमां गीहु बि ठाहे थी
सभिनी खे खाराए थी ।



اسانجي ڳانءِ

ڳانءِ اسانجي ڳانءِ اسانجي
کير ڏئي ٿي ڳانءِ آسانجي.
مُنهنجي آمان کيرُ ڏُهي ٿي
مُونکي پيئڻ لاءِ ڏئي ٿي
آمان ڏهي ڄمائي ٿي
سيني کي کارائي ٿي.
آمان مکڻ ٺاهي ٿي
سيني کي کارائي ٿي.
امان ڳيهه بہ ٺاهي ٿي
سيني کي کارائي ٿي.

دروازو کول

ڏسو ناني ڏِسو ناني
ڪَان ڪان ڪِري ٿو ڪانءُ
مُونکي ٻاهر وڃڻ ڏي
دِروازو تُون کولي ڏي.

ڏسو ناني ڏِسو ناني
ڪُڪُڙون ڪَوُن ڪري ٿو ڪُڪُڙُ
مُونکي ٻاهر وڃڻ ڏي
دِروازو تون کولي ڏي.

ڏسو ناني ڏِسو ناني
ڪَوُ ڪوُ ڪَوُ ڪري ٿي ڪويل
مُونکي ٻاهر وڃڻ ڏي
دِروازو تُون کولي ڏي.

ڏسو ناني ڏِسو ناني
پِي پِي ڪري ٿو مُور
مُونکي ٻاهر وڃڻ ڏي
دِروازو تون کولي ڏي.



दरवाज़ो खोलि

ॾिसो नानी ॾिसो नानी
कां कां करे थो कांउ
मूंखे ॿाहिरि वञणु ॾे
दरवाज़ो तूं खोले ॾे ।
ॾिसो नानी ॾिसो नानी
कुकुड़ूं कूं करे थो कुकुड़ु
मूंखे ॿाहिरि वञणु ॾे
दरवाज़ो तूं खोले ॾे ।
ॾिसो नानी ॾिसो नानी
कू कू कू करे थी कोयल
मूंखे ॿाहिरि वञणु ॾे
दरवाज़ो तूं खोले ॾे ।
ॾिसो नानी ॾिसो नानी
पी पी करे थो मोरु
मूंखे ॿाहिरि वञणु ॾे
दरवाज़ो तूं खोले ॾे ।

नंढिड़ो तोतो

तोतो आहे तोतो आहे
मूं वटि नंढिड़ो तोतो आहे ।
सुबुह सवेरो मूंखे उथारे
नाले सां थो मूंखे पुकारे ।
मिठूअ-मिठूअ जी रट लगाए
पखियुनि में सुहिणो तोतो आहे ।
तोतो आहे तोतो आहे
मूं वटि नंढिड़ो तोतो आहे ।

कबूतर

घू घू कबूतर कंदो आहे
कखन पनन मां आखेरो ठाहे

तंहिंते पंहिंजा आना लाहे
हिन जो रंगु सिलेटी आहे

घू घू करे थो गिची फुंडाए
वर वर करे थो फेरा पाए ।

मोरु नचे थो

मोरु नचे थो - मोरु नचे थो ,
पंख पखेड़े - मोरु नचे थो ,
बाग़नि मंझि - मोरु नचे थो ,
अङण मंझि - मोरु नचे थो ,
मोरु नचे थो - मोरु नचे थो ,
बाग़नि मंझि - मोरु नचे थो ।

ننڍڙو طوطو

طوطو آهي طوطو آهي
مُون وٽ ننڍڙو طوطو آهي.
صبح سويرو مُونکي اُٿاري
نالي سان ٿو مُون کي پُڪاري.
مِٺوءَ مِٺوءَ جي رَٽ لَڳائي
پکين ۾ سُهِڻو طوطو آهي.
طوطو آهي طوطو آهي
مُون وٽ ننڍڙو طوطو آهي.

ڪبوتر

گھُو گھُو ڪبوتر ڪندو آهي
ڪکن پنن مان آکيرو ٺاهي
تنهن تي پنهِنجا آنا لاهي
هِنجو رنگُ سِليٽي آهي
گھُو گھُو ڪري ٿو ڳچي ڦُنڊائي
ور ور ڪري ٿو ڦيرا پائي.

مور نچي ٿو

مور نچي ٿو - مور نچي ٿو ،
پنک پکيڙي - مور نچي ٿو ،
باغن منجهه - مور نچي ٿو ،
آڱڻ منجهه - مور نچي ٿو ،
مور نچي ٿو - مور نچي ٿو ،
باغن منجهه - مور نچي ٿو.

कुकुड़ु

कुकुड़ खे कीअं थी ख़बर पवे ,
वक़्त जी कीअं थी ज़ाण पवे ।

सुबुह सवेल थो बांग डिए ,
सिजु बि जणु थो सुजाग थिए ।

केडी हू थो ओन करे ,
सभ खे उथारे खड़ो करे ।



ڪُڪُڙ

ڪُڪُڙ کي ڪيئن ٿي خبر پوي،
وقت جي ڪيئن ٿي ڄاڻ پوي.

صُبُح سويل ٿو بانگ ڏئي،
سِڄُ بہ جڻُ ٿو سُڄاڳُ ٿئي.

ڪيڏي هو ٿو اون ڪري،
سڀ کي اُٿاري کڙو ڪري.

झिरिकी राणी

झिरिकी राणी झिरिकी राणी
तोखे पियारियां थधिड़ो पाणी ।

दाणो तोखे मां खारायां
अचु अचु तोखे गीतु बुधायां ।

टार टार ते लुडीं कुडीं थी
जिते किथे तूं घुमीं फिरीं थी ।

वण ते मुंखे लुडणु सेखारि
मुंखे भी तूं उडणु सेखारि ।

جهِرڪِي راڻِي

جهِرڪِي راڻِي جهِرڪِي راڻي
توکي پياريان ٿَڌِڙو پاڻي.

داڻو توکي مان کارايان
اَچُ اَچُ توکي گيت ٻڌايان.

ٽار ٽار تي لُڏين ڪُڏين ٿي
جِتي ڪِٿي تون گُهمين ڦِرين ٿي.

وڻ تي مونکي لُڏڻ سيکار
مونکي ٻي تون اُڏڻ سيکار.

पखी

कोयल ग़ाए कू-कू-कू
कुकुड़ु करे थो कुकुड़ू कूं ।

झिरिकी चवे थी चीं-चीं-चीं ,
करे कबूतर गुटर-गूं ।

काउं करे थो कां-कां-कां ,
बोले तोतो मिठू-मिठू ।



پکي

ڪوئل ڳائي ڪوُ - ڪوُ - ڪوُ
ڪُڪُڙُ ڪري ٿو ڪُڪُڙو ڪوُن.

جھِرڪي چوي ٿي
چِين چِين چِين،
ڪري ڪَبوتر گُٽر گوُن.

ڪانءُ ڪري ٿو
ڪان ڪان ڪان،
بولي طوطو مِٺوُ مِٺوُ.

झिरिकीअ जो आखेरो

झिरिकी फ़ोटे ते वेठी आहे
फ़्रेम पुठियां घरिड़ो ठाहे ।
नंढिड़ा नंढिड़ा ॿचिड़ा आहिनि
चूं-चूं करे था खाधो खाइनि ।
विहंदा आहिनि पाणु छिपाए ,
भिति ते हिकिड़ो फ़ोटो आहे ।



جھرڪيءَ جو آکيرو

جھرڪي فوٽي تي ويٺي آهي،
فريم پُٺِيان گھرِڙو ٺاهي.
ننڍڙا ننڍڙا ٻچِڙا آهن،
چوُن چوُن ڪري ٿا کاڌو کائن.
وِهندا آهن پاڻ ڇپائي،
ڀِت تي هِڪِڙو فوٽو آهي.

रांदि करियूं

ॿारो अचो त रांदि करियूं
नचूं टिपूं ऐं खिलूं कुॾूं ।

फिर फिर सौंटो रांदि करियूं
गोल गोल फेरी रांदि करियूं
अचो त नोड़ी टिपूं टिपूं ।

ॿारो अचो त रांदि करियूं
नचूं टिपूं ऐं खिलूं कुॾूं ।

راندِ ڪريون

ٻارو! اَچو تہ راندِ ڪريون
نَچون ٽِپون ۽ کِلون ڪُڏون.
ڦِر ڦِر سوئنٽو راندِ ڪريون
گول گول ڦيري راندِ ڪريون
اچو تہ نوڙي ٽِپون ٽِپون.
ٻارو اَچو تہ راند ڪريون
نچون ٽِپون ۽ کِلون ڪُڏون!



पिकिनिक

पिकिनिक आहे पिकिनिक आहे
स्कूल जी अॼु पिकिनिक आहे ।
रामूं हलंदों शामूं हलंदो ,
तिन सां गॾिजी लालू हलंदों ।
ममी मूंखे मोकल ॾे
अॼु मां वेंदुसि मोकल ॾे ।
पिकिनिक आहे पिकिनिक आहे
स्कूल जी अॼु पिकिनिक आहे ।

پِڪِنِڪ

پِڪنڪ آهي پڪنڪ آهي
اسڪول جي اَڄُ پڪنڪ آهي.
رامون هلندو شامون هلندو
تِن سان گڏجي لالو هلندو.
ممي مونکي موڪل ڏي
اَڄ مان ويندس موڪل ڏي.
پڪنڪ آهي پڪنڪ آهي
اسڪول جي اڄ پڪنڪ آهي.

हलो, हलूं मेले में

हलो, हलूं मेले में
सभेई गडिजी मेले में ।
ममी हले, पापा हले
बबलू हले बबिली हले
सोना ऐं मोना हले
हलो, हलूं मेले में
सभेई ....
नचूं टिपूं मेले में
झूला झूल्यूं मेले में
खाऊं पीऊं मेले में
हलो, हलूं मेले में
सभेई ....
गुडा वठूं , गुडियूं वठूं
बैटूं वठूं बालु वठूं
फूकिणा ऐं पेनूं वठूं
हलो, हलूं मेले में
सभेई ....



هلو، هَلوُن ميلي ۾

هلو، هَلوُن ميلي ۾
سڀيئي گَڏجي ميلي ۾.
ممي هلي، پاپا هلي
ببلو هلي ببلي هَلي
سونا ۽ مونا هلي
هلو هَلوُن ميلي ۾
سڀيئي ....
نچوُن ٽِپون ميلي ۾
جهولا جهوليوُن ميلي ۾
کائون پيئون ميلي ۾
هلو ....
سڀيئي ....
گُڏا وٺون گُڏيون وٺون
بئٽون وٺون بالُ وٺون
ڦوُڪڻا ۽ پينون وٺون
هلو ....
سڀيئي ....

होली आई

होली आई होली आई
रंग बिरंगी होली आई ।
ममी पापा होली आई ,
दादा दादी होली आई ।
रंग खणी आई ,
गुलाल खणी आई ।
गीहर आया मिठाई आई ।
होली आई होली आई
रंग बिरंगी होली आई ।

هولي آئي

هولي آئي هولي آئي
رنگہ برنگي هولي آئي.
ممي پاپا هولي آئي،
دادا دادي هولي آئي.
رنگہ کڻي آئي - گلال کڻي آئي
گيهر آيا مِٺائي آئي.
هولي آئي هولي آئي
رنگہ برنگي هولي آئي.

ड॒ियारी

ड॒ियारी आई ड॒ियारी आई
बा॒रनि डा॒ढी मौज मचाई ।
हलु त ममी घुमण हलूं
हर तरह जूं शयूं वठूं ।
ड॒ियारी आई ड॒ियारी आई
बा॒रनि डा॒ढी मौज मचाई ।
अचु त राजू नचूं टिपूं
फटाका बि जाम वठूं ।
ड॒ियारी आई ड॒ियारी आई
बा॒रनि डा॒ढी मौज मचाई ।

ڏياري

ڏياري آئي ڏياري آئي
ٻارن ڏاڍي مؤج مچائي.
هل تہ ممي گھمڻ هلون
هر طرح جون شيون وٺون.
ڏياري آئي ڏياري آئي
ٻارن ڏاڍي مؤج مچائي.
اَچ تہ راجوُ نَچون ٽپون
ڦٽاڪا بہ جام وٺون.
ڏياري آئي ڏياري آئي
ٻارن ڏاڍي مؤج مچائي.

रसगुलो

रसगुलो ॾे ममी रसगुलो
रसगुलो ॾे रसगुलो ।
गोल़ गोल आ रसगुलो ,
अछो अछो आ रसगुलो ,
मिठो मिठो आ रसगुलो ।
ममी मूंखे तूं ॿुधाइ
कीअं ठहे ही रसगुलो ?

رَسگُلو

رَسگُلو ڏي مَمي رَسگُلو
رَسگُلو ڏي رَسگُلو ڏي.
گول گول آ رَسگُلو،
اَڇو اَڇو آ رَسگُلو،
مِٺو مِٺو آ رَسگُلو.
مَمي مونکي تون ٻُڌاءِ
ڪئين ٺهي هي رَسگُلو؟

टमाटो

गोल गोल टमाटो
ॻाढ़ो ॻाढ़ो टमाटो
रोज़ु खां मां टमाटो
तूं बि खाउ टमाटो
अमां खाए टमाटो
बाबा खाए टमाटो
सभ लाइ सुठो टमाटो
ॻाढ़ो ॻाढ़ो टमाटो ।

ٽَماٽو

گول گول ٽَماٽو
ڳاڙهو ڳاڙهو ٽَماٽو
روز کان مان ٽَماٽو
تون به کاءُ ٽَماٽو
اَمان کائي ٽَماٽو
بابا کائي ٽَماٽو
سڀ لاءِ سُٺو ٽَماٽو
ڳاڙهو ڳاڙهو ٽَماٽو.

हलिणी

पापा पंधड़ी,
मुनी करे पंधड़ी ।
हलिणी झलींदी,
सोघो झलींदी,
कीन छडींदी,
पेरिड़ो खणंदी,
फिडि फिडि हलंदी,
मूरि न किरंदी ।
हलिणी हलाए,
विख वधाए,
धीरे घुमंदी,
वाह वाह हलिणी,
काठ जी हलिणी ।

هَلِڻي

پا-پا پَنڌِڙي،
مُني ڪري پَنڌِڙي.
هلڻي جَهلِيندي،
سوگهو جَهلِيندي،
ڪين ڇَڏِيندي،
پيرڙو کَڻَندي،
ڦِڏ ڦِڏ هَلَندي،
مُوَر نہ ڪرَندي.
هَلِڻي هَلائي،
وکَ وڌائي،
ڌِيري گهُمَندي،
واهه واهه هَلِڻي،
ڪاٺ جي هَلِڻي.

बाबा-गाडी

बाबा-गाडी, बाबा-गाडी,
सुहिणी-सुहिणी, बाबा-गाडी,
चइनि फीथनि वारी गाडी,
नढिड़ी-नंढिड़ी, बाबा-गाडी ।

बाबा-गाडीअ में आ वेठो,
नंढो भाउ प्यारो राजू,
मां हलायां बाबा-गाडी,
खिले थो मुंहिंजो प्यारो राजू ।

بابا-گاڏِي

بابا-گاڏِي، بابا-گاڏِي،
سُهڻِي سُهڻِي، بابا-گاڏِي،
چَئِن ڦِيٿَن وارِي گاڏي،
نَنڍِڙِي-ننڍِڙي، بابا-گاڏي.
بابا-گاڏيءَ ۾ آ ويٺو،
ننڍو ڀاءُ پيارو راجوُ،
مان هَلايان- بابا-گاڏِي،
کِلي ٿو منهنجو پيارو راجوُ.

बाबा ईंदो

मुंहिंजो अॼु बाबा ईंदो
मूं लाइ रांदीका आणींदो
बाबा मूंखे बागु घुमाईंदो
झूला झूलाईंदो रांदि कराईंदो
थकिजी पवंदसि हंज ते खणंदो
टोल वठी हू मूंखे ॾींदो ।

मुंहिंजो नंढिड़ो भाउ

झूले में थो निंड करे
मुंहिंजो नंढिड़ो नंढिड़ो भाउ
मुंहिंजो प्यारो प्यारो भाउ ।
हुन जूं नंढिड़ियूं नंढिड़ियूं अखिड़ियूं
नंढिड़ा नंढिड़ा कन
नंढिड़ो नंढिड़ो नकु आ हुनजो
नंढिड़ा नंढिड़ा पेर
निंड कंदे हू खिलंदो आहे
निंड कंदे हू रुअंदो आहे
मूंखे ॾाढो वणंदो आहे
मुंहिंजो नंढिड़ो नंढिड़ो भाउ
मुंहिंजो प्यारो प्यारो भाउ ।

بابا ايندو

منهنجو اَڄ بابا ايندو
مون لاءِ رانديڪا آڻيندو
بابا مونکي باغ گهمائيندو
جهولا جهولائيندو راند ڪرائيندو
ٿڪجي پوندس هنج تي کڻندو
ٽول وٺي هو مونکي ڏيندو.

منهنجو ننڍڙو ڀاءُ

جهُولي ۾ ٿو ننڊ ڪري
منهنجو ننڍڙو ننڍڙو ڀاءُ
منهنجو پيارو پيارو ڀاءُ.
هُن جون نَنِڍڙِيُون نَنِڍڙِيُون اَکِڙِيُون
نَنِڍڙا نَنِڍڙا ڪن
نَنِڍڙو نَنِڍڙو نَڪُ آ هُن جو
نَنِڍڙا نَنِڍڙا پير
نِنڊَ ڪندي هو کِلندو آهي
ننڊ ڪندي هو رُئندو آهي
مونکي ڏاڍو وَڻندو آهي
منهنجو ننڍڙو ننڍڙو ڀاءُ
منهنجو پيارو پيارو ڀاءُ.

मिठड़ी मिठड़ी पपी

पपा मूंखे करे थो प्यारु
मिठड़ी मिठड़ी पपी डि॒ए थो
खंडु पताशे जहिड़ी डि॒ए थो ।

ममी मूंखे करे थी प्यारु
मिटड़ी मिठड़ी पपी डि॒ए थी
मिसिरीअ जहिड़ी पपी डि॒ए थी ।

आउं बि॒न्ही खे पपी डि॒यां थी
मिठड़ी मिठड़ी पपी डि॒यां थी
माखीअ जहिड़ी पपी डि॒यां थी ।

مِٺڙي مِٺڙي پَپي

پپا مونکي ڪري ٿو پيار
مِٺڙي مِٺڙي پَپي ڏئي ٿو
کنڊ پتاشي جهڙي ڏئي ٿو.

ممي مونکي ڪري ٿي پيار
مِٺڙي مِٺڙي پَپي ڏئي ٿي
مصريءَ جهڙي پَپي ڏئي ٿي.

آنءُ ٻنهي کي پَپي ڏيان ٿي
مِٺڙي مِٺڙي پَپي ڏيان ٿي
ماکيءَ جهڙي پَپي ڏيان ٿي.

डं॒दनि बिना खिल

नंढिड़ी नंढिड़ी भेनड़ी
प्यारी प्यारी भेनड़ी
डं॒दनि बिना हूअ खिले थी
ख़ूबु मूंखे वणे थी
डा॒ड़ी मुंहिंजी आ बु॒ढिड़ी बु॒ढिड़ी
डं॒दनि बिना हूअ खिले थी
ख़ूबु मूंखे वणे थी ।

ڏندَنِ بِنا کِلَ

نَنڍڙي نَنڍڙي ڀينَڙي
پياري پياري ڀينَڙي
ڏندن بنا هوءَ کِلي ٿي
خوُب مونکي وڻي ٿي
ڏاڏي منهنجي آ ٻُڍڙي ٻُڍڙي
ڏندن بنا هوءَ کِلي ٿي
خوُب مونکي وڻي ٿي.

ममी पापा

मुनीः ममी पापा, ममी पापा,
बि॒ई बम्बई डां॒हुं वञो था
मूं लाइ रांदीका आणींदा
ऐं मूंखे घुरिजनि के कपिड़ा

पापाः मुनी, तोखे छा घुरिजे ?
बूट खपे या सूट खपे ?

मुनीः ममी, मूंखे फ़्राकु खपे
पापा, मूंखे बूट खपे
पापा, नचंदड़ बि॒लिड़ी आणिजो
चाबीअ वारो रिछु बि आणिजो
ममी पापा, जल्दी अचिजो
रांदीकनि कपिड़नि सां अचिजो ।

مَمِي پاپا

مُنِي : ممي پاپا،ممي پاپا
ٻئي بمبئي ڏانهن وڃو ٿا
مون لاءِ رانديڪا آڻيندا
۽ مونکي گهرجن ڪي ڪپڙا .
پَپا : مُنِي،توکي ڇا گهرجي؟
بوٽ کپي يا سوٽ کپي؟
مُنِي : ممي،مونکي فراڪ کپي
پاپا،مونکي بوٽ کپي
پاپا،نچندڙ ٻلڙي آڻجو
چابيءَ وارو رڇ بہ آڻجو
ممي پاپا،جلدي اَچجو
رانديڪن ڪپڙن سان اَچجو.

सिलेट

कारी कारी सिलेट,
मुंहिंजी प्यारी सिलेट,
पटन मढ़ियल सिलेट,
अख़र लिखण जी सिलेट ।
ममीअ मूं लाइ आंदी आहे
पेन ऐं सिलेट
स्कूल में मां खणी वेंदसि
हैंडिल वारी सिलेट ।

سليٽ

ڪاري ڪاري سليٽ،
منهنجي پياري سليٽ،
پٽن مڙهيل سليٽ،
اکر لکڻ جي سليٽ.
ميءَ مونلاءَ آندي آهي
پين ۽ سليٽ
شڪول ۾ مان کڻي ويندس
هئنڊل واري سليٽ.

स्कूल वेंदसि

ममी मां भी स्कूल वेंदसि
भाउ जियां मां थेल्हो खणंदसि
ममी मां भी स्कूल वेंदसि ।
भाउ जियां मां टाअ पाईंदसि
ममी मां भी स्कूल वेंदसि ।
भाउ जियां मां बूट पाईंदसि
ममी मां भी स्कूल वेंदसि ।
खाइण लाइ मां टिफ़िन खणंदसि
ममी मां भी स्कूल वेंदसि ।
पीअण लाइ मां पाणी खणंदसि
ममी मां भी स्कूल वेंदसि ,
ममी मां भी स्कूल वेंदसि ।

اسڪول ويندَسِ

ممي مان ڀي اسڪول ويندَسِ
ڀاءُ جيان مان ٿيلهو کڻندَسِ
ممي مان ڀي اسڪول ويندَسِ.
ڀاءُ جيان مان ٽاءِ پائيندَسِ
ممي مان ڀي اسڪول ويندَسِ.
ڀاءُ جيان مان بوٽ پائيندَسِ
ممي مان ڀي اسڪول ويندَسِ.
کائڻ لاءِ مان ٽفن کڻندَسِ
ممي مان ڀي اسڪول ويندَسِ.
پيئڻ لاءِ مان پاڻي کڻندَسِ
ممي مان ڀي اسڪول ويندَسِ،
ممي مان ڀي اسڪول ويندَسِ.



मुंहिंजी टीचर

मुंहिंजी टीचर - मुंहिंजी टीचर ,
सुहिणियूं साढ़ियूं पाए टीचर ,
गीत ब॒ुधाए मुंहिंजी टीचर ,
नाच नचाए मुंहिंजी टीचर ,
गुड॒ा गुड॒ियूं ड॒े मुंहिंजी टीचर ,
रांदि कराए मुंहिंजी टीचर ,
खिले खिलाए मुंहिंजी टीचर ,
प्यार करे थी मुंहिंजी टीचर ,
ख़ूबु वणे थी मूंखे टीचर ,
मुंहिंजी टीचर - मुंहिंजी टीचर ।

مُنهِنجي ٽيچر

مُنهِنجي ٽيچر-مُنهِنجي ٽيچر ،
سُهِڻيون ساڙهيون پائي ٽيچر ،
گيت ٻُڌائي مُنهِنجي ٽيچر ،
ناچ نچائي مُنهِنجي ٽيچر ،
گُڏا گُڏيُون ڏي مُنهِنجي ٽيچر ،
راندِ ڪرائي مُنهِنجي ٽيچر ،
کِلي کِلائي مُنهِنجي ٽيچر ،
پيار ڪري ٿي مُنهِنجي ٽيچر ،
خوُب وڻي ٿي مونکي ٽيچر ،
منهنجي ٽيچر منهنجي ٽيچر.

हिकु , ब॒ , टे

हिकु ब॒ टे चार ,
बणूं असीं होशियार ।
पंज छह सत अठ ,
छड॒ियूं असीं अजाया हठ ।
नंव ड॒ह यारहां ब॒ारहां ,
थियूं असीं सुठा सियाणा ।

هِڪُ ، ٻہ ، ٽي.

هِڪُ ٻہ ٽي چار
ٻڻونُ اَسين هوشيار.
پنج ڇهہ سَتَ اَٺ
ڇڏيُون اسين اَجايا هَٺَ.
نَوَ ڏَهَ يارِهان ٻارِهان
ٿيُون اَسين سُٺا سِياڻا.

हिक खां पंज
हिकु हिकु हिकु ,
मथो हिकु नकु हिकु
हिकु हिकु हिकु ।
ब ब ब ,
अखियूं ब कन ब
ब ब ब ।
टे टे टे ,
पंखे जा पर टे
नारेल जूं अखियूं टे
टे टे टे ।
चार चार चार ,
मोटर जा फीथा चार
खट जा पावा चार
चार चार चार ।
पंज पंज पंज ,
हथ जूं आङुरियूं पंज
पेर जूं आङुरियूं पंज
पंज पंज पंज ।








هِڪَ کان پَنجَ
هِڪُ هِڪُ هِڪُ ،
مٿو هِڪُ نَڪُ هِڪُ
هِڪُ هِڪُ هِڪُ.
ٻہ ٻہ ٻہ ،
اَکيون ٻہ ڪَنَ ٻہ
ٻہ ٻہ ٻہ.
ٽي ٽي ٽي ،
پنکي جا پَرَ ٽي
ناريل جون اکيون ٽي
ٽي ٽي ٽي.
چار چار چار ،
موٽر جا ڦيٿا چار
کٽ جا پاوا چار چار
چار چار چار.
پنج پنج پنج ،
هٿ جون آڱريون پنج
پير جون آڱريون پنج
پنج پنج پنج.

मुंहिंजो स्कूल

मुंहिंजो स्कूल - मुंहिंजो स्कूल ,
प्यारो प्यारो मुंहिंजो स्कूल ।
मूंखे डा॒ढो वणंदो आहे
रोज़ सुबुह जो वेंदो आहियां
बा॒रनि सां गडु॒ विहंदो आहियां
टीचर आखाणियूं थी बु॒धाए
गीत सेखारे मौज मचाए
सुठियूं सुठियूं रांदियूं कराए
टोल सुठा भी थी खाराए ।
मुंहिंजो स्कूल - मुंहिंजो स्कूल ,
प्यारो प्यारो मुंहिंजो स्कूल ।

مُنهِنجو اسڪول

مُنهِنجو اسڪول-مُنهِنجو اسڪول،
پيارو پيارو مُنهِنجو اسڪول.
مونکي ڏاڍو وڻندو آهي
روز صبوح جو ويندو آهيان
ٻارن سان گڏ وهندو آهيان
ٽيچر آکاڻيون ٿي ٻڌائي
گيت سيکاري موج مچائي
سُٺيون سُٺيون رانديون ڪرائي
ٽول سُٺا ڀي ٿي کارائي .
مُنهِنجو اسڪول-مُنهِنجو اسڪول،
پيارو پيارو منهنجو اسڪول.

हिक खां डह॒

हिकु ब॒ हिकु ब॒
डे॒ रब॒ - डे॒ रब॒ ।
टे चार टे चार
हलु बज़ार - हलु बज़ार ।
पंज छह सत अठ
खणु खट - खणु खट ।
नंव डह॒ नंव डह॒
पाइ ग॒ह - पाइ ग॒ह ।

هِڪ کان ڏهه

هِڪُ ٻَہ هِڪُ ٻَہ
ڏي رَبَ - ڏي رَبَ.
ٽي چار ٽي چار
هَلُ بزار - هَلُ بزار.
پَنجَ ڇهه سَتَ اَٺَ
کَڻُ کَٽ - کَڻُ کَٽ.
نَوَ ڏهَ نو ڏهَ
پاءِ ڳَهه - پاءِ ڳهه.

ماڪوڙين جي گاڏي

ماڪوڙيون ڀائي ماڪوڙيون
ڏسو تہ ڪھڙيون ماڪوڙيون.
ننڍڙيون ننڍڙيون ماڪوڙيون
ڪيئن هلن ٿيون ماڪوڙيون
هڪ ٻئي پويان ماڪوڙيون
ماڪوڙيون ڀائي ماڪوڙيون
ڏسو تہ ڪھڙيون ماڪوڙيون.
گاڏي ٺاهي هلن ماڪوڙيون
ڪڏهن ڪونہ ٿڪجن ماڪوڙيون
هردم هلنديون رهن ماڪوڙيون
ماڪوڙيون ڀائي ماڪوڙيون
ڏسو تہ ڪھڙيون ماڪوڙيون.
ماڪوڙين جي اڳيان ماڪوڙيون
ماڪوڙين جي پويان ماڪوڙيون
گاڏي ٺاهي هلن ماڪوڙيون
ماڪوڙيون ڀائي ماڪوڙيون
ڏسو تہ ڪھڙيون ماڪوڙيون.

माकोड़ियुनि जी गाडी

माकोड़ियूं भाई माकोड़ियूं
डिसो त कहिड़ियूं माकोड़ियूं ।
नंढिड़ियूं नंढिड़ियूं माकोड़ियूं
कीअं हलनि थियूं माकोड़ियूं
हिक बिए पोयां माकोड़ियूं
माकोड़ियूं भाई माकोड़ियूं
डिसो त कहिड़ियूं माकोड़ियूं ।
गाडी ठाहे हलनि माकोड़ियूं
कडहिं कोन थकिजनि माकोड़ियूं
हरिदम हलंदियूं रहनि माकोड़ियूं
माकोड़ियूं भाई माकोड़ियूं
डिसो त कहिड़ियूं माकोड़ियूं ।
माकोड़ियुनि जे अगियां माकोड़ियूं
माकोड़ियुनि जे पोयां माकोड़ियूं
गाडी ठाहे हलनि माकोड़ियूं
माकोड़ियूं भाई माकोड़ियूं
डिसो त कहिड़ियूं माकोड़ियूं ।

हाथी

कारो कारो हाथी
हेडो वडो हाथी !

हेडी वडी सूंढि हुनि जी
हेडा वडा डंद !

नंढियूं नंढियूं अखियूं हुन जूं
हेडा वडा कन ,
हेडो वडो पेटु हुन जो
हेडी वडी टंग ।

कारो कारो हाथी
हेडो वडो हाथी !

هاٿي

ڪارو ڪارو هاٿي
هيڏو وڏو هاٿي !

هيڏي وڏي سونڍ هُن جي
هيڏا وڏا ڏند !

ننڍيون ننڍيون اکيون هن جون
هيڏا وڏا ڪن؛
هيڏو وڏو پيٽ هُن جو
هيڏي وڏي ٽنگ !

ڪارو ڪارو هاٿي
هيڏو وڏو هاٿي !



डेडरु

टर टर कंदो डेडरु आयो
डेडरु आयो डेडरु आयो
मींहुं पवण ते डेडरु आयो ।
अगियां वञण सां भजी वञे थो ,
पाणीअ में हू हली वञे थो ।
पाणीअ जे हू अंदर आ ,
पाणीअ जे हू बाहिर आ ,
टर टर कंदो डेडरु आयो ,
डेडरु आयो डेडरु आयो ।

ڏيڏرُ

ٽَر ٽَر ڪندو ڏيڏرُ آيو
ڏيڏرُ آيو ڏيڏرُ آيو
مينهن پوڻ تي ڏيڏرُ آيو.
اَڳيان وڃڻ سان ڀَڄِي وڃي ٿو
پاڻيءَ ۾ هو هَلي وَڃي ٿو.
پاڻيءَ جي هوُ اَندر آ
پاڻيءَ جي هوُ باهر آ
ٽَر ٽَر ڪندو ڏيڏرُ آيو
ڏيڏرُ آيو ڏيڏرُ آيو.

नंढिड़ो नोरीअड़ो

नंढिड़ो नंढिड़ो नोरीअड़ो ,
डुके डुके थो नोरीअड़ो ।
चिक चिक करे थो नोरीअड़ो ,
टिप टिप करे थो नोरीअड़ो ।
पुछु पटकाए थो नोरीअड़ो ,
वण ते चढ़े थो नोरीअड़ो ,
वलि ते चढ़े थो नोरीअड़ो ।
हथ में झले हू खाए थो ,
खाई अखि मिचिकाए थो ,
नंढिड़ो नंढिड़ो नोरीअड़ो ।

نَنڍڙو نوريئڙو

نَنڍڙو نَنڍڙو نوريئڙو ،
ڊُڪي ڊُڪي ٿو نوريئڙو.
چڪ چڪ ڪري ٿو نوريئڙو ،
ٽِپ ٽِپ ڪري ٿو نوريئڙو.
پُڇ پٽڪائي ٿو نوريئڙو ،
وڻ تي چَڙهي ٿو نوريئڙو ،
وَلِ تي چَڙهي ٿو نوريئڙو.
هٿ ۾ جهلي هو کائي ٿو ،
کائي اَک مِچڪائي ٿو ،
نَنڍڙو نَنڍڙو نوريئڙو.

मछी

मछी आहे मछी आहे ,
पाणीअ अंदर रहंदी आहे ।
पाणीअ में थी रांदि करे ,
पाणीअ में थी घुमे फिरे ।
पाणीअ में थी खाए पीए ,
पाणीअ में आराम करे ,
मछी आहे मछी आहे ।
पाणीअ अंदर रहंदी आहे ।
जेकरि मां बि मछी हुजां ,
पाणीअ में ई घुमां फिरां ।

مَڇي

مَڇي آهي مَڇي آهي ،
پاڻيءَ اندر رهندي آهي.
پاڻيءَ ۾ ٿي راند ڪري ،
پاڻيءَ ۾ ٿي گُهمي ڦري.
پاڻيءَ ۾ ٿي کائي پيئي ،
پاڻيءَ ۾ آرام ڪري :
مڇي آهي مڇي آهي.
پاڻيءَ اَندر رهندي آهي.
جيڪر مان به مڇي هجان ،
پاڻيءَ ۾ ئي گهمان ڦِران.

नंढिड़ी साईकिल

हीअ मुंहिंजी आ सुहिणी साईकिल ,
टिन फीथनि ते हले थी साईकिल ।

पम्पु बि हिन में नंढो लगलु आ ,
पूं पूं पूं जो आवाज़ु कंदो आ ,
हीअ मुंहिंजी आ सुहिणी साईकिल ,
टिन फीथनि ते हले थी साईकिल ।

नंढिड़ी गदी पुठियां लगल आ ,
जंहिं ते मुंहिंजो भाउ वेठल आ ,
तकिड़ी तकिड़ी हले थी साईकिल ,
हीअ मुंहिंजी आ सुहिणी साईकिल ।

भाजीअ वारा

भाजीअ वारा भाजियूं डे ,
ताज़ियूं ताज़ियूं भाजियूं डे ,
मुंहिंजी अमां सडे थी तोखे ,
अची असां खे भाजियूं डे ।
भाजीअ वारा भाजियूं डे ।
भाजियूं खाई चुस्तु थियां
तकिड़ो तकिड़ो पढ़ण वञां
अहिड़ियूं ताज़ियूं भाजियूं डे ।
भाजीअ वारा भाजियूं डे ,
ताज़ियूं ताज़ियूं भाजियूं डे ।

ننڍڙي سائيڪل

هيءَ مُنهنجي آ سُهڻي سائيڪل ،
ٽن ڦيٿن تي هلي ٿي سائيڪل.
پمپُ بہ هِنَ ۾ ننڍو لڳل آ ،
پوُن پوُن پوُن جو آواز ڪندو آ ،
هيءَ مُنهِنجي آ سُهِڻي سائيڪل ،
ٽِن ڦيٿن تي هلي ٿي سائيڪل.
ننڍڙي گَدِي پٺيان لڳل آ ،
جنهن تي مُنهِنجو ڀاءُ ويٺل آ ،
تَڪِڙي تَڪِڙي هَلي ٿي سائيڪل ،
هيءَ مُنهنجي آ سُهِڻي سائيڪل..

ڀاڄِيءَ وارا

ڀاڄيءَ وارا ڀاڄِيوُن ڏي ،
تازِيوُن تازِيوُن ڀاڄيون ڏي ،
مُنهِنجي اَمان سڏي ٿي توکي ،
اچي اسانکي ڀاڄيون ڏي.
ڀاڄيءَ وارا ڀاڄيون ڏي .
ڀاڄيون کائي چُست ٿيان،
تڪڙو تڪڙو پڙهڻ وڃان ،
اهڙيون تازِيوُن ڀاڄيون ڏي.
ڀاڄيءَ وارا ڀاڄيون ڏي ،
تازيون تازيون ڀاڄيون ڏي .

नंढिड़ा बबलू हेड॒े आउ

नंढिड़ा बबलू हेड॒े आउ
आहीं मुंहिंजो प्यारो भाउ
रेढ़ियूं पाए हलंदो आउ
फेरियूं पाए हलंदो आउ
खिलंदे-खिलंदे हलंदो आउ
यां रुअंदे-रुअंदे हलंदो आउ
पर मां खणंदियसि तड॒हिं तोखे
पपी डीं॒दें जड॒हिं मूंखे ।

ننڍڙا ببلوُ هيڏي آءُ

ننڍڙا ببلو هيڏي آءُ
آهين منهنجو پيارو ڀاءُ
ريڙهِيونُ پائي هلندو آءُ
ڦيرِيونُ پائي هلندو آءُ
کِلندي - کِلندي هلندو آءُ
يان رُئندي - رُئندي هلندو آءُ
پَرَ مان کڻندس تڏهن توکي
پَپِي ڏيندين جڏهين مونکي.

मुंहिंजो चाचो

मुंहिंजो चाचो मुंहिंजो चाचो
प्यारो प्यारो मुंहिंजो चाचो
सभ खां न्यारो मुंहिंजो चाचो
बज़ार मूंखे घुमाए थो
केला फल खाराए थो
प्यारो प्यारो मुंहिंजो चाचो
पाण सां गडु॒ नचाए थो
सभ खां वधीक नचाए थो
मुंहिंजो चाचो मुंहिंजो चाचो
प्यारो प्यारो मुंहिंजो चाचो ।

منهنجو چاچو

منهنجو چاچو منهنجو چاچو
پيارو پيارو منهنجو چاچو
سڀ کان نيارو منهنجو چاچو
بـزار مونکي گهمائي ٿو
ڪيلا ڦل کارائي ٿو
پيارو پيارو منهنجو چاچو
پاڻ سان گڏ نچائي ٿو
سڀ کان وڌيڪ نچائي ٿو
منهنجو چاچو منهنجو چاچو
پيارو پيارو منهنجو چاچو.

दीदीअ जी स्कूल बस

बस अचे थी बस अचे थी ,
स्कूल जी बस अचे थी ।
पूं पूं पूं पूं बस करे थी ,
जल्दी अचो, बस अचे थी ।
दीदीअ जे लाइ बस अचे थी ,
बस अचे थी बस अचे थी ।
रोजु उहा घर डांहुं अचे थी ,
दीदीअ खे सा वठी वञे थी ।
मोटी वापसि छडे वञे थी ,
बस अचे थी बस अचे थी ।

ڊِيديءَ جي اِسڪول بس

بس اَچي ٿي بس اَچي ٿي ،
اِسڪول جي بس اَچي ٿي.
پوُن پوُن پوُن پوُن بس ڪري ٿي ،
جلدي اَچو، بس اَچي ٿي.
ڊِيديءَ جي لاءِ بس اَچي ٿي ،
بس اَچي ٿي بس اَچي ٿي.
روزُ اُها گهر ڏانهن اَچي ٿي ،
ڊيديءَ کي سا وٺي وڃي ٿي.
موٽي واپس ڇڏي وڃي ٿي ،
بس اَچي ٿي بس اَچي ٿي.



सन सन सन

हवा हले थी ,
सन सन सन, सन सन सन ।
नदी वहे थी ,
कल कल कल, कल कल कल ।
मींहुं पवे थो ,
धड़ धड़ धड़, धड़ धड़ धड़ ।
सन सन सन, सन सन सन ,
कल कल कल, कल कल कल ,
धड़ धड़ धड़, धड़ धड़ धड़ ।

سَن سَن سَن

هوا هلي ٿي ،
سَن سَن سَن، سَن سَن سَن.
ندي وهي ٿي ،
ڪَل ڪَل ڪَل، ڪَل ڪَل ڪَل.
مينهُن پوي ٿو ،
ڌَڙ ڌَڙ ڌَڙ، ڌَڙ ڌَڙ ڌَڙ.
سَن سَن سَن، سَن سَن سَن ،
ڪَل ڪَل ڪَل، ڪَل ڪَل ڪَل ،
ڌڙ ڌڙ ڌڙ، ڌڙ ڌڙ ڌڙ.

बादल आया

बादल आया - बादल आया ,
कारा कारा - बादल आया ।

गड़ि गड़ि गड़ि उभु गजे थो ,
डम डम डम डम ढोलु व॒जे थो,
बादल आया - बादल आया ,
कारा कारा - बादल आया ।

पंख पखेड़े मोरु अचे थो ,
ख़ुशीअ मां सो ख़ूबु नचे थो ।
बादल आया - बादल आया ,
कारा कारा - बादल आया ।

पाणी बरिसे

रिम झिम रिम झिम पाणी बरिसे
छम छम छम छम पाणी बरिसे
घर जे ॿाहिरि ॻडु थियो पाणी
घर जे अङण में भी पाणी ।
ठाहे मां काग़ज़ जी ॿेड़ी
तारियां पियो काग़ज़ जी ॿेड़ी ।
आहे छडी मूं ॿेड़ी छोड़े
ॾिसो मतां को उनखे ॿोड़े ।

بادل آيا

بادل آيا - بادل آيا ،
ڪارا ڪارا - بادل آيا.
ڳڙ ڳڙ ڳڙ اُڀ ڳجي ٿو ،
ڊم ڊم ڊم ڊم ڍول وڄي ٿو ،
بادل آيا - بادل آيا ،
ڪارا ڪارا - بادل آيا.
پنک پکيڙي مورُ اَچي ٿو ،
خوشيءَ مان سو خوُب نچي ٿو .
بادل آيا - بادل آيا ،
ڪارا ڪارا - بادل آيا.

پاڻي بَرِسي

رِم جِهم رِم جِهم پاڻي بَرِسي
ڇم ڇم ڇم ڇم پاڻي بَرِسي.
گهَرَ جي ٻاهِر ڳڏُ ٿِيو پاڻي
گهَرَ جي اَڱڻ ۾ ڀِي پاڻي.
ٺاهي مان ڪاغذ جي ٻيڙِي
تاريان پيو ڪاغذ جي ٻيڙِي.
آهي ڇَڏِي مون ٻيڙِي ڇوڙي
ڏِسو متان ڪو اُنکي ٻوڙي.

टिम टिम टिम

टिम टिम तारा टिम टिम तारा
चमक चमक चिमिकनि तारा ।

राति थिए थी निकिरनि तारा
उभ सजे में आहिनि तारा ।

नंढिड़ा नंढिड़ा आहिनि तारा
सुहिणा सुहिणा आहिनि तारा ।

ٽِم ٽِم ٽِم

ٽِم ٽِم تارا ٽِم ٽِم تارا
چمڪ چمڪ چمڪن تارا.

رات ٿئي ٿي نڪرن تارا
اُڀ سڄي ۾ آهن تارا .

ننڍڙا ننڍڙا آهن تارا
سهڻا سهڻا آهن تارا.

टिम टिम - चम चम

तारा टिमिकन टिम टिम टिम
बिजली चमके चम चम चम
बादल गरिजन गड़ गड़ गड़
मींहुं पवे थो टप टप टप
बार नचनि था छम छम छम
तारा टिमकन टिम टिम टिम !

ٽِم ٽِم، چَم چَم

تارا ٽِمڪن ٽِم ٽِم ٽِم
بجلي چَمِڪي چَم چَم چَم
بادل گَرجن گَڙ گَڙ گَڙ
مينهنُ پوي ٿو ٽپ ٽپ ٽپ
ٻار نَچن ٿا ڇَم ڇَم ڇَم
تارا ٽِمڪن ٽِم ٽِم ٽِم !



+ ٢

नंढिड़ो बा॒रु

आहियां मां नंढिड़ो बा॒रु
नंढिड़ो नंढिड़ो नंढिड़ो बा॒रु ।
अखियूं त मुंहिंजूं नंढिड़ियूं आहिनि
नंढिड़ियूं नंढिड़ियूं नंढिड़ियूं
अखियुनि सां मां सभु डि॒सां
सुहिणा सुहिणा गुल डि॒सां
नंढिड़ा-वडि॒ड़ा पखी डि॒सां
आहियां मां नंढिड़ो बा॒रु
नंढिड़ो नंढिड़ो नंढिड़ो बा॒रु ।
कन त मुंहिंजा नंढिड़ा आहिनि
नंढिड़ा नंढिड़ा नंढिड़ा
कननि सां मां सभु बु॒धां
सुठियूं सुठियूं गा॒ल्हियूं बु॒धां
मिठिड़ा मिठिड़ा गीत बु॒धां
आहियां मां नंढिड़ो बा॒रु
नंढिड़ो नंढिड़ो नंढिड़ो बा॒रु ।
हथ त मुंहिंजा नंढिड़ा आहिनि
नंढिड़ा नंढिड़ा नंढिड़ा
हथनि सां मां कमु करियां
सुठा-सुठा कम करियां
तकिड़ा-तकिड़ा कम करियां
आहियां मां नंढिड़ो बा॒रु
नंढिड़ो नंढिड़ो नंढिड़ो बा॒रु ।
पेर त मुंहिंजा नंढिड़ा आहिनि
नंढिड़ा नंढिड़ा नंढिड़ा
पेरनि सां मां डोड़ां-डुकां
पेरनि सां मां हलां-चलां
बाग़-बग़ीचा घुमां-फिरां
आहियां मां नंढिड़ो बा॒रु
नंढिड़ो नंढिड़ो नंढिड़ो बा॒रु ।

ننڍڙو ٻارُ

آهيان مان ننڍڙو ٻارُ
ننڍڙو ننڍڙو ننڍڙو ٻارُ.
اکيون تہ منهنجيون ننڍڙيون آهن
ننڍڙيون ننڍڙيون ننڍيوڙيون
اَکين سان مان سڀُ ڏسان
سُهڻا سُهڻا گُل ڏسان
ننڍڙا وڏڙا پکي ڏسان
آهيان مان ننڍڙو ٻارُ
ننڍڙو ننڍڙو ننڍڙو ٻارُ.
ڪَنَ تہ مُنهنجا ننڍڙا آهن
ننڍڙا ننڍڙا ننڍڙا
ڪنن سان مان سڀُ ٻڌُان
سٺيون سٺيون ڳالهيون ٻُڌان
مِٺڙا مِٺڙا گيت ٻڌُان
آهيان مان ننڍڙو ٻارُ
ننڍڙو ننڍڙو ننڍڙو ٻار.
هٿ تہ منهنجا ننڍڙا آهن
ننڍڙا ننڍڙا ننڍڙا
هٿن سان مان ڪم ڪريان
سٺا سٺا ڪم ڪريان
تکڙا تکڙا ڪم ڪريان
آهيان مان ننڍڙو ٻارُ
ننڍڙو ننڍڙو ننڍڙو ٻارُ.
پير تہ منهنجا ننڍڙا آهن
ننڍڙا ننڍڙا ننڍڙا
پيرن سان مان ڊوڙان ڊڪُان
پيرن سان مان هلان چلان
باغ باغيچا گهمان ڦران
آهيان مان ننڍڙو ٻارُ
ننڍڙو ننڍڙو ننڍڙو ٻارُ.

भंडारो

भंडारो आ भंडारो,
मिटीअ जो आ भंडारो !

भंडारे में रुपयो विधो मां,
ख़ूबु वजे थो भंडारो ।
ममी मूंखे पैसा डिए थी,
पापा मूंखे पैसा डिए थो,
भंडारे में विधा अथमु,
जल्दी भरींदुसि भंडारो ।

चाचे मूंखे रुपयो डिनो आ,
चाचीअ मूंखे रुपयो डिनो आ,
अञा न भरियो आ भंडारो ।

अमा, भाऊ, रुपया डियनि था
सभु रुपया मां विझी करे,
जल्दी भरियो आ भंडारो,
भरिजी वियो आ भंडारो ।
हाणे न वजंदो भंडारो,
भंडारो आ भंडारो !

ڀنڊارو

ڀنڊارو آ ڀنڊارو، مِٽيءَ جو ڀنڊارو!
ڀنڊاري ۾ رُپيو وِڌو مان،
خُوب وڃي ٿو ڀنڊارو.
ممي مونکي پئسا ڏِئي ٿي،
پاپا مونکي پئسا ڏِئي ٿو،
ڀنڊاري ۾ وِڌا اَٿم،
جلدي ڀَرينِدس ڀنڊارو.
چاچي مونکي رپيو ڏِنو آ
چاچِيءَ مونکي رپيو ڏِنو آ
اَڃا نہ ڀَرِيو آ ڀنڊارو.
اَمان ڀائو رُپيا ڏِين ٿا
سڀ رُپيا مان وِجهي ڪري،
جلدي ڀَرِيو آ ڀنڊارو،
ڀَرجِي وِيو آ ڀنڊارو.
هاڻي نہ وَڄندو ڀنڊارو،
ڀنڊارو آ ڀنڊارو!

किरशिन कनैयो

अमां अमां !
मूंखे मोर जो पंखु वठी डे॒,
मां किरशिन कनैयो ठंहदुसि।

अमां अमां !
मूंखे हिक बंसरी वठी डे॒,
मां किरशिन कनैयो ठंहदुसि ।

बंसी वजा॒ए तोखे बुधाईंदुसि
ख़ूबु नचंदुसि ऐं ख़ुशु थींदुसि ।

ڪرشن ڪنعيو

اَمان اَمان!
مونکي مور جو پنک وٺي ڏي،
مان ڪرشن ڪنعيو ٺهَندُسِ.
اَمان اَمان!
مونکي هڪ بنسري وٺي ڏي،
مان ڪرشن ڪنعيو ٺهَندُس.
بَنِسيِ وڄائي توکي ٻُڌائيندُسِ
خوب نَچَندُسِ ۽ خوُشِ ٿِيندُسِ.

मासी

मुंहिंजी मासी भेण ममीअ जी,
ममीअ इहो बुधायो आहे ।
बि॒ली बि सड़ि॒जे शींहं जी मासी,
इहो बि समझायो आहे ।
मुंहिंजी मासी वडि॒ड़ी मूंखां
शींहं जी मासी नंढिड़ी छो ?
गा॒ल्हि इहा समझाए को !

ماسِي

منهنجي ماسي ڀيڻ مَمِيءَ جِي،
مميءَ اِهو ٻڌايو آهي.
ٻِلِي ٻہ سَڏِجي شينهَن جِي ماسي،
اِهو ڀِي سَمِجهايو آهي.
منُهنِجِي ماسِي وَڏِڙِي مونکان
شينِهنَ جِي ماسِي ننڍِڙي ڇو؟
ڳالھ اِها سمجهائي ڪو!

वारीअ जो घरु

अचो त दीदी घरु ठाहियूं
वारीअ जो असीं घरु ठाहियूं

हिकु तुंहिंजो हिकु मुंहिंजो कमिरो
हिकु ममी डैडीअ जो कमिरो
उन सां रंधिणो भी ठाहियूं
अचो त दीदी घरु ठाहियूं
वारीअ जो असीं घरु ठाहियूं ।

फूकिणा

फूकिणा ॾे फूकिणा
ॾे मूंखे तूं फूकिणा
ॻाढ़ा पीला फूकिणा
ॾे अछा नीरा फूकिणा
रंगबिरंगी फूकिणा

गैस भरियल उॾाईं थो
उभ में तूं भॼाईं थो
सुठा लॻनि था
जॾहिं उॾनि था
ॻाढ़ा पीला फूकिणा

फूकिणा ॾे फूकिणा
मूंखे ॾे तूं फूकिणा
ॻाढ़ा पीला फूकिणा
अछा नीरा फूकिणा ।

واريِءَ جو گهرُ

اَچو تہ دِيدِي گهرُ ٺاهِيوُن،
واريِءَ جو اَسين گهرُ ٺاهيون،
هڪ تُنهِنجو هڪ مُنهِنجو ڪَمرو،
هڪ ممِي، ڊئڊيءَ جو ڪمرو،
اُن سان رنڌِڻو ڀِي ٺاهيون،
اَچو تہ دِيدِي گهر ٺاهيون،
واريِءَ جو اَسين گهر ٺاهيون.

ڦوڪِڻا



ڦوڪِڻا ڏي ڦوڪِڻا
ڏي مونکي تون ڦوڪڻا
ڳاڙها پِيلا ڦوڪڻا
ڏي اَڇا نيرا ڦوڪڻا
رنگ برنگي ڦوڪڻا
گئس ڀرِيَلَ اُڏائِين ٿو
اُڀ ۾ تون ڀَڄائِين ٿو
سُٺا لڳن ٿا جڏَهِن اُڏن ٿا
ڳاڙها پِيلا ڦوڪڻا
ڦوڪڻا ڏي تون ڦوڪڻا
مونکي ڏي تون ڦوڪڻا
ڳاڙها پِيلا ڦوڪڻا
اَڇا نيِرا ڦوڪڻا.

किटी बधी

ममी तोसां किटी आहे,
केकु डि॒नो तो मूंखे नाहे,
न-न, न-न, ब॒धी आहे,
माओ डि॒नो तो मूंखे आहे ।

ममी तोसां किटी आहे,
बूट॒ डि॒नो तो मूंखे नाहे,
न-न, न-न, ब॒धी आहे,
चम्पल डि॒नो तो मूंखे आहे ।

ममी तोसां किटी आहे,
क़लम डि॒नो तो मूंखे नाहे,
न-न, न-न, ब॒धी आहे,
चाकु डि॒नो तो मूंखे आहे ।

ममी तोसां ब॒धी आहे,
ममी तोसां ब॒धी आहे,
ममी आहीं मुंहिंजी प्यारी,
ऐं मां तुंहिंजी राजदुलारी ।

ڪِتي ٻَڌِي

ممي توسان ڪتي آهي،
ڪيڪ ڏنو تو مونکي ناهي،
نہ نہ، نہ نہ، ٻَڌِي آهي،
مائو ڏنو تو مونکي آهي.

ممي توسان ڪِتي آهي،
بوٽ ڏنو تو مونکي ناهي،
نہ نہ، نہ نہ، ٻَڌِي آهي،
چمپل ڏنو تو مونکي آهي.

ممي توسان ڪِتي آهي،
قلم ڏنو تو مونکي ناهي،
نہ نہ، نہ نہ، ٻَڌِي آهي،
چاڪُ ڏنو تو مونکي آهي.

ممي توسان ٻَڌِي آهي،
ممي توسان ٻَڌِي آهي،
ممي آهين منهنجي پياري،
۽ مان تنهنجي راج ڏُلاري.

रोटी

ममीअ ठाही रोटी,
रोटी आहे रोटी, गोल गोल रोटी,
थुल्ही थुल्ही रोटी, सन्ही सन्ही रोटी,
ढउ कराए रोटी ।
ममीअ ठाही रोटी, गोल गोल रोटी,
रोटी खाऊं तूं ऐं मां,
ममी, पापा, बाबा, अमां,
रोटी आहे रोटी, गोल गोल रोटी ।

روٽي

ممي ءَ ٺاهي روٽي،
روٽي آهي روٽي، گول گول روٽي،
ٿُلهي ٿُلهي روٽي،
سَنهي سَنهي روٽي،
ڍءُ ڪرائي روٽي.
ممي ءَ ٺاهي روٽي، گول گول روٽي،
روٽي کائون تون ۽ مان،
پاپا، ممي، بابا، اَمان،
روٽي آهي روٽي، گولُ گولُ روٽي.

पापड़

पापड़ आहियां पापड़ आहियां
चहिरो चटपटो पापड़ आहियां
घणनि नमूननि जो मां आहियां ।
दाल पटाटे चांवर जो
साबूदाणे जो बि पापड़
कचो पापड़ पको पापड़
तरियलु पापड़ बि मां आहियां
भुरिकिणो भुरिकिणो पापड़ आहियां
सभिनी खे मां वणंदो आहियां
ख़ूबु सवादी पापड़ आहियां ।

پاپڙ

پاپڙ آهيان پاپڙ آهيان
چهرو چَٽپَٽو پاپڙ آهيان
گهڻن نَمُونَنِ جو مان آهيان.
دال پٽاٽي چانور جو
صابوداڻي جو بہ پاپڙ
ڪچو پاپڙ پڪو پاپڙ
تَريَل پاپڙ بہ مان آهيان
ڀُرڪڻو ڀُرڪڻو پاپڙ آهيان
سڀني کي مان وڻندو آهيان
خوب سَوادي پاپڙ آهيان.

मिर्च

कड़ा मिर्च तिखा मिर्च
कड़ा-कड़ा तिखा मिर्च
नंढा मिर्च वडा मिर्च
थुलहा मिर्च सनिहिड़ा मिर्च
गाढ़ा मिर्च सावा मिर्च
भली हुजनि कड़ा मिर्च
कड़ा मिरिच ....
कड़ा-कड़ा ....

असीं छो खाऊं कड़ा मिर्च
असीं बार छो खाऊं मिर्च
असीं न खाऊं अहिड़ा मिर्च
असीं न खाऊं अहिड़ा मिर्च
कड़ा मिर्च ....
कड़ा-कड़ा ....

مِرچَ

ڪڙا مرچ تکا مرچ
ڪڙا ڪڙا تکا مرچ
ننڍا مرچ وڏا مرچ
ٿُلها مرچ سَنهِڙا مرچ
ڳاڙها مرچ ساوا مرچ
ڀلي هُجَنِ ڪڙا مرچ
ڪڙا مرچ ....
ڪڙا ڪڙا ....
اَسين ڇو کائُون ڪڙا مرچ
اَسين ٻار ڇو کائون مرچ
اَسين نہ کائون اَهڙا مرچ
اَسين نہ کائون اَهڙا مرچ
ڪڙا مرچ ....
ڪڙا ڪڙا ....

सलाद

वणंदी आहे वणंदी आहे
गजर मूंखे वणंदी आहे
वणंदी आहे वणंदी आहे
वेढ़े खे ऐं विशिनीअ खे
वंगी ॾाढी वणंदी आहे
माधव खे ऐं मूमल खे
मूरी ॾाढी वणंदी आहे
भोले ऐं भॻवानीअ खे
बसरु ॾाढो वणंदो आहे
वणंदो आहे वणंदो आहे
टेंऊंअ खे ऐं टोपण खे
ख़ूबु टमाटो वणंदो आहे
वणंदो आहे वणंदो आहे
सुरेश खे ऐं सरला खे
सलाद ॾाढो वणंदो आहे ।



سَلاد

وَڻَندِي آهي وَڻَندِي آهي
ڳجر مونکي وڻندي آهي
وڻندي آهي وڻندي آهي
ويڙهي کي ۽ وِشِنيءَ کي
ونگِي ڏاڍِي وڻندي آهي
ماڌوءَ کي ۽ مُومل کي
مُورِي ڏاڍِي وڻندي آهي
ڀولي ۽ ڀڳوانيءَ کي
بصر ڏاڍو وڻندو آهي
وڻندو آهي وڻندو آهي
ٽيئُونءَ کي ۽ ٽوپڻ کي
خُوب ٽماٽو وڻندو آهي
وڻندو آهي وڻندو آهي
سُريش کي ۽ سَرلا کي
سَلاد ڏاڍو وڻندو آهي!

फल

वणंदा आहिनि वणंदा आहिनि
मिठा मिठा फल
मूंखे डा॒ढा वणंदा आहिनि
खाईंदो आहियां खाईंदो आहियां
सूफ़ मां धोई खाईंदो आहियां
खाईंदो आहियां खाईंदो आहियां ।
ज़ेतून बि वणंदो अथमि
धोई मज़े सां खाईंदो आहियां ।
केले खे मां धीरे धीरे
डा॒ढे मज़े सां खाईंदो आहियां ।
पपीतो, ममी छिले ड्रींदी आ
तड॒हिं ई मां खाईंदो आहियां ।
अंबु त डा॒ढो वणंदो आहे
चूसे-चूसे खाईंदो आहियां
मिठा-मिठा फल सभेई
वणंदा आहिनि खाईंदो आहियां
वणंदा आहिनि वणंदा आहिनि
फल सभेई वणंदा आहिनि ।

ڦَلَ

وڻندا آهن وڻندا آهن
منا منا ڦل
مونکي ڏاڍا وڻندا آهن
کائيندو آهيان کائيندو آهيان
صوف مان ڌوئي کائيندو آهيان
کائيندو آهيان کائيندو آهيان.
زيتونُ بہ وڻندو اٿم
ڌوئي مَزي سان کائيندو آهيان.
ڪيلي کي مان ڌيري ڌيري
ڏاڍي مزي سان کائيندو آهيان.
پَپيتو ممي ڇلي ڏيندي آ
تڏهن ئي مان کائيندو آهيان.
اَنب تہ ڏاڍو وڻندو آهي
چوُسي - چوُسي کائيندو آهيان.
مِنا مِنا ڦلَ سڀيئي
وڻندا آهن کائيندو آهيان
وڻندا آهن وڻندا آهن
ڦل سڀيئي وڻندا آهن.

वणे थी

वणे थी वणे थी
मूंखे डा॒ढी वणे थी
मिठी-मिठी गजर
मूंखे डा॒ढी वणे थी

वणे थी वणे थी
मूंखे घटि वणे थी
खटी-खटी अंबिड़ी
मूंखे घटि वणे थी

वणे थी वणे थी
मूंखे डा॒ढी वणे थी
फिकी-फिकी वंगी
मूंखे डा॒ढी वणे थी

वणे थी वणे थी
मूंखे घटि वणे थी
तिखी-तिखी मूरी
मूंखे घटि वणे थी
नथी वणे नथी वणे ।

وَڻي ٿِي

وَڻي ٿِي وَڻي ٿِي
مونکي ڏاڍي وڻي ٿِي
مِٺي مِٺي گجَرَ
مونکي ڏاڍي وڻي ٿِي

وڻي ٿِي وڻي ٿِي
مونکي گهٽِ وڻي ٿِي
کَٽي کِٽي اَنبِڙي
مونکي گهٽ وڻي ٿِي

وڻي ٿي وڻي ٿِي
مونکي ڏاڍي وڻي ٿِي
ڦِکي ڦِکي وَنگِي
مونکي ڏاڍي وڻي ٿِي

وڻي ٿي وڻي ٿِي
مونکي گهٽِ وڻي ٿِي
تکِي تکِي مُوري
مون کي گهٽ وڻي ٿِي
نَٿِي وڻي نٿي وڻي.

छा कंदुसि

सुबुह जो उथंदुसि पेस्ट कंदुसि
पेस्ट करे मां मुंहुं धुअंदुसि
मुंहुं धोई करे मां खीरु पिअंदुसि
खीरु पी करे त्यारु थींदुसि
त्यारु थी करे स्कूल वेंदुसि
अची करे मां रोटी खाईंदुसि
रोटी खाई करे रांदि कंदुसि
रांदि करे मां कुछु पढ़ंदुसि
रात जो सुम्हंदुसि जल्दी उथंदुसि ।

ڇا ڪَندُسِ

صبوح جو اُٿندس پيسٽ ڪَندُسِ
پيسٽ ڪري مان منهن ڌوئَندُسِ
مُنهنُ ڌوئي پوءِ کير بہ پيئَندُسِ
کير پي ڪري مان تيار ٿيندُسِ
تيار ٿِي ڪري شڪول ويندُسِ
اَچي ڪري مان روٽي کائيِندُسِ
روٽِي کائِي ڪري راند ڪَندُسِ
راند ڪَري مان ڪُجهُ پَڙهندُسِ
راتِ جو سُمهنَدُسِ جلدي اُٿنَدسِ.

गुडी़

गुडी़ बि मुंहिंजे घर में आहे
नची टिपी थी मौज मचाए ।

हलंदी चलंदी खिलंदी आहे
नवां-नवां थी कपिड़ा पाए
माल-मिठायूं वेठी खाए
गुडी़ बि मुंहिंजे घर में आहे ।

सभिनी सां हूअ प्यारु करे थी
कड़हिं न को तकिरारु करे थी
सुम्हें गुडे़ सां भाकुरु पाए
गुडी़ बि मुंहिंजे घर में आहे ।

گُڏِي

گُڏِي بہ مُنهنجِي گهر ۾ آهي،
نَچِي ٽِپِي ٿِي موُج مچائي.
هلندِي چلندِي کِلندِي آهي،
نوان نوان ٿي ڪپڙا پائي،
مال مِٺايوُن ويني کائي،
گُڏِي بہ منهنجي گهر ۾ آهي.
سڀني سان هوءَ پيار ڪري ٿي،
ڪڏهن نہ ڪو تڪرارُ ڪري ٿي.
سُمهِين گُڏي سان ڀاڪُرُ پائي،
گُڏِي بہ منهنجي گهر ۾ آهي.

गुड़े गुड़ीअ खे था परिणायूं

गुड़े गुड़ीअ खे था परिणायूं
अचु त ब़िन्हीं जो विहांउ करायूं
गुडि़ड़ो मुंहिंजो गुडि़ड़ी तुंहिंजी
जोड़ी सुंदर आहे ब़िन्हीं जी
पाड़े वारियूं गडिजी आयूं
गुड़े गुड़ीअ जा लाडा ग़ायूं
डम-डम डम-डम दुहिल वज़ायूं
अचो वज़ायूं था शरिनायूं
बैंड घुरायूं, नाच नचायूं
गुड़े गुड़ीअ खे था परिणायूं ।

ڳُڏي ڳُڏِيءَ کي ٿا پَرِڻايُون

ڳُڏي ڳُڏِيءَ کي ٿا پَرِڻايونُ
اَڄُ تہ ٻِنهين جو وهانءُ ڪَرايونُ
ڳُڏڙو منهنجو ڳُڏڙِي تنهنجي
جوڙِي سُندر آهه ٻِنهين جي
پاڙي واريُون گَڏِجي آيُون
ڳُڏي ڳُڏِيءَ جا لاڏا ڳايُون
ڊم-ڊم-ڊم-ڊم ڏُهِلَ وَڄايُون
اچو وَڄايُون ٿا شَرِنايُون
بَئِنڊَ گُهرايُون، ناچ نچايُون
ڳُڏي ڳُڏِيءَ کي ٿا پَرڻايُون.

फूकिणो

फूकिणो आ फूकिणो
गुल गुलाबी फूकिणो
ग़ाढ़ो साओ नीरो पीलो
चिटकमिरो आ फूकिणो
फूकण सां ही फुंडी पवे थो
छडे़ डि़यण सां सुसी वञे थो
प्यारो प्यारो, सुहिणो सुहिणो
मुंहिंजो आहे फूकिणो ।

ڦوڪڻو

ڦوڪڻو آ ڦوڪڻو
گُل گلابي ڦوڪڻو
ڳاڙهو سائو نِيرو پِيلو
چِٽڪَمِرو آ ڦوڪڻو
ڦُوڪَڻَ سان هي ڦُنڊِي پوي ٿو
ڇَڏي ڏيَڻَ سان سُسِي وڃي ٿو
پيارو پيارو سهڻو سهڻو
منهنجو آهي ڦوڪڻو.

मुंहिंजी गुडिड़ी

मुंहिंजी गुडिड़ी, मुंहिंजी गुडिड़ी
वाह वाह आहे मुंहिंजी गुडिड़ी ।

सुबुह सवेरो बुर्श करे थी
बोतल में पोइ खीरु पीए थी
मुंहिंजी गुडिड़ी, मुंहिंजी गुडिड़ी ।
टब में थी इशिनानु करे
रंगबिरंगी कपिड़ा पहिरे
मुंहिंजी गुडिड़ी, मुंहिंजी गुडिड़ी ।
पींघे में थी निंड करे
निंड में पेई थी खिले खिले
मुंहिंजी गुडिड़ी, मुंहिंजी गुडिड़ी ।

पापा मूं लाइ आंदी आहे
मुंहिंजी गुडिड़ी, मुंहिंजी गुडिड़ी ।

مُنهِنجي ڳُڏِڙي

منهنجي ڳُڏِڙي، منهنجي ڳُڏِڙي
واه واه آهي، منهنجي ڳُڏِڙي.

صبوح سويرو بُرش ڪري ٿي
بوتل ۾ پوءِ کير پيئي ٿي
منهنجي ڳُڏِڙي، منهنجي ڳُڏِڙي.
ٽَبَ ۾ ٿي اِشنانُ ڪري
رنگ برنگي ڪپڙا پهري
منهنجي ڳُڏِڙي، منهنجي ڳُڏِڙي.

پينگهي ۾ ٿي ننڊَ ڪَري
ننڊَ ۾ پيئي ٿي کِلي کِلي
منهنجي ڳُڏِڙي، منهنجي ڳُڏِڙي.

پاپا، مون لاءِ آندِي آهي
منهنجي ڳُڏِڙي، منهنجي ڳُڏِڙي.

गुडे़ गुडी़अ जी शादी

हलु मुंहिंजी घोड़ी हलु हलु हलु
टक टक कंदी हलंदी हलु
हलु ....
अजु गुडे़ जी शादी आहे
गुडो़ घोड़ीअ ते वेठो आहे
मुकुटु मथे ते सुहिणो पाए
गुडो़ घोड़ीअ ते वेठो आहे
हलु ....
टक ....
गुडी़अ जे घर वञिणो आहे
गुडी़ संभिरी वेठी आहे
सुहिणा सुहिणा कपिड़ा पाए
सुहिणा सुहिणा ज़ेवर पाए
झटपटि हुनखे आणिणो आहे
हलु मुंहिंजी ....
टक ....
हलु ....

گُڏي گُڏيءَ جي شادي

هلُ منهنجي گهوڙي هَلُ هَلُ هَلُ
ٽڪ ٽڪ ڪندي هلندي هَلُ
هَلُ ....
اَڄ گُڏي جي شادي آهي
گُڏو گهوڙيءَ تي ويٺو آهي
مُڪُٽُ مٿي تي سُهڻو پائي
گُڏو گهوڙيءَ تي ويٺو آهي
هَلُ ....
ٽڪ ....
گُڏيءَ جي گهر وڃڻو آهي
گُڏي سنڀري ويٺي آهي
سُهڻا سُهڻا ڪپڙا پائي
سُهڻا سُهڻا زيوَرَ پائي
جَهٽ پَٽ هُن کي آڻڻو آهي
هَلُ منهنجي ....
ٽڪ ....
هَلُ ....

कुल्फ़ी

निरिमला कुल्फ़ी खाए थी
मुकेश खे खाराए थी
काजू किशमिश वारी कुल्फ़ी
माए मलाईअ वारी कुल्फ़ी
टूटी-फूटीअ वारी कुल्फ़ी
थधी-थधी आहे कुल्फ़ी
ख़ूबु सवादी आहे कुल्फ़ी ।

کُلفِي

نِرمِلا کُلفِي ڪائي ٿِي.
مڪيش کي کارائي ٿِي.
ڪاجو ڪِشمِش واري ڪلفي
مائي ملائيءَ واري ڪلفي
ٽُوٽِي-ڦُوٽِيءَ واري ڪلفي
ٿڌي-ٿڌي آهي ڪلفي
خوب سَوادِي آهي ڪلفي.

खीरिणी

अमां ठाही खीरिणी
सभिनी लाइ खीरिणी
अछी अछी खीरिणी
मिठी मिठी खीरिणी
बादामियुनि ऐं पिस्तनि वारी
खाजुनि किशमिश केसर वारी
अमां ठाही खीरिणी
मिठी मिठी खीरिणी
अमां विराहे खीरिणी
सभिनी खे डि॒ए खीरिणी
ढुक भरे पीओ खीरिणी
कोसी-कोसी खीरिणी
अमां ठाही खीरिणी
मिठी मिठी खीरिणी ।

کيرِٽِي

اَمان ٺاهي کيرٽي-سڀني جي لاءِ کيرٽي
اَڇي اَڇِي کيرٽي مِٺي مِٺِي کيرٽي
باداميِن ۽ پستن وارِي
ڪاڄن ڪشمش ڪيسَر وارِي
اَمان ٺاهي کيرٽي-مٺي مٺي کيرٽي
اَمان وِراهي کيرٽي
سڀني کي ڏِئي کيرٽي
ڍُڪَ ڀَري پيِئو کيرٽي
ڪوسِي ڪوسِي کيرٽي
اَمان ٺاهي کِيرٽِي-مٺي مِٺِي کِيرٽِي.

चिठी आई

चिठी आई चिठी आई,
नानीअ जी अज़ु चिठी आई ।

ममी तंहिंखे पढ़े थी,
मूंखे झट हूअ सडे़ थी,
गरमीअ जी मुंद आई आहे,
स्कूल मां बि मोकल आहे,
चिठी आई चिठी आई,
नानीअ जी अज़ु चिठी आई,
नानीअ हाणि घुरायो आहे,
असांखे ओडा़ंहं वञिणो आहे ।

चिठी आई चिठी आई,
नानीअ जी अज़ु चिठी आई ।

रंगीन पेनूं

रंगबिरंगी पेनूं मुंहिंजियूं
रंगबिरंगी पेनूं मुंहिंजियूं

रंगबिरंगी लीका पायां
नंढिड़ा वडिड़ा जोकर ठाहिया

दादा मूं लाइ लीकियो घोड़ो
रंगु लगा़यम तंहिं में गा़ढ़ो

दीदी लीके डे़ हिकु कांउ
रंगु लगा़यां कहिड़ो आंउ ?

چِٺي آئِي

چِٺي آئِي چِٺي آئِي،
نانيءَ جي اڄ چِٺي آئِي.
مَمِي تنهنکي پڙهي ٿِي،
مُونکي جهٽ هوءَ سڏي ٿِي،
گرميءَ جي مند آئي آهي،
اسڪول مان بہ موڪل آهي،
چِٺي آئِي چِٺي آئِي،
نانيءَ جي اڄ چِٺي آئِي،
نانيءَ هاڻ گهُرايو آهي،
اسانکي اوڏانهن وَڃِڻو آهي،
چِٺي آئي چِٺي آئِي،
نانيءَ جي اڄ چِٺي آئِي.

رَنگِين پينوُن

رنگ برنگي پينوُن منهنجيون
رنگ برنگي پينوُن منهنجيون
رنگ برنگي ليڪا پايان
ننڍڙا وڏڙا جوڪر ٺاهيان
دادا مون لاءِ لِيڪيو گهوڙو
رنگ لڳايم تنهن تي ڳاڙهو
ديدي ليڪي ڏي هڪ ڪانءُ
رَنگُ لڳايان ڪهڙو آنءُ؟

गाडी आई

गाडी आई,   गाडी आई,
वडी-वडी, गाडी आई ।

चुनू चढ़ंदो मुनी चढ़ंदी
सभई गड्जी चढ़ंदासीं
गाडी आई,   गाडी आई,
वडी-वडी गाडी आई ।

नचंदा टिपंदा वेंदासीं
मामा जे घर हलंदासीं
नानीअ सां बि मिलंदासीं
गाडी आई,   गाडी आई,
वडी-वडी, गाडी آई ।

ڳاڏِي آئِي

ڳاڏي آئي ، ڳاڏي آئي،
وڏي-وڏي ، ڳاڏي آئي.
چُنو چڙهندو مُنِي چڙهندي
سيئي ڳڏجي چڙهنداسين
ڳاڏي آئي ، ڳاڏي آئي،
وڏي-وڏي ڳاڏي آئي.
نَچَندا ٽِپَندا ويندا سين
ماما جي گهر هلنداسين
نانِيءَ سان بہ مِلَنداسين
ڳاڏي آئي ، ڳاڏي آئي،
وڏي-وڏي ، ڳاڏي آئي.

मुंहिंजो दोस्त

राजू मुंहिंजो दोस्त आहे
हू मूंसां गडु पढ़ंदो आहे
मूंखे डाढो प्यारो आहे
मूंसां गडिजी घुमंदो आहे ।
कोन कडहिं बि विढ़ंदा आहियूं
हिक बिए खे भाईंदा आहियूं ।

مُنهنجو دوست

راجوُ منهنجو دوست آهي
هوُ مون سان ڳڏُ پڙهَندو آهي
مونکي ڏاڍو پيارو آهي
مونسان ڳڏِجي گهُمَندو آهي.
ڪونہ ڪڏهن بہ وِڙهَندا آهيون
هِڪَ ٻِئي کي ڀائِيندا آهيون.

नंढिड़ी रेल

छुक-छुक कंदी हले थी रेल,
कू-कू कंदी हले थी रेल ।

चाबी भरण सां हले थी रेल,
तकिड़ी-तकिड़ी हले थी रेल,
छुक-छुक कंदी हले थी रेल,
कू-कू कंदी हले थी रेल ।

साई झंडीअ सां हले थी रेल,
गाढ़ी झंडीअ सां बीहे थी रेल,
छुक-छुक कंदी हले थी रेल,
कू-कू कंदी हले थी रेज ।

लग़ड्डु

मुंहिंजो लग़ड्डु मथे उड्डे थो
धागे सां हू मथे चढ़े थो
मां तंहिंते पुछिड़ी लगायां
लग़ड़ खे थी मथे चढ़ायां ।

आसमान में नंढो लगे थो
जणु त कोई पखी लगे थो
मुंहिंजो लग़ड्डु मथे उड्डे थो
धागे सां हू मथे चढ़े थो ।

نَنڍِڙِي ريلَ

ڇُڪ ڇُڪ ڪندي هلي ٿي ريلَ،
ڪُوُ ڪُوُ ڪندي هلي ٿي ريلَ.

چابي ڀَرَڻَ سان هلي ٿي ريلَ،
تَڪِڙي تَڪِڙي هلي ٿي ريلَ،
ڇُڪ ڇُڪ ڪندي هلي ٿي ريلَ،
ڪُوُ ڪُوُ ڪندي هلي ٿي ريلَ.

سائِي جهَنڊيءَ سان هلي ٿي ريلَ،
ڳاڙهي جهَنڊيءَ سان بِيهي ٿِي ريلَ،
ڇُڪ ڇُڪ ڪندي هلي ٿي ريلَ،
ڪُوُ ڪُوُ ڪَندِي هلي ٿي ريلَ.

لغڙُ

منهنجو لَغَڙُ مٿي اُڏي ٿو
ڌاڳي سان هوُ مٿي چڙهي ٿو
مان تنَهِن تي پُڇڙِي لڳايان
لغڙَ کي ٿِي مَٿي چَڙاهِيان.
آسمان ۾ ننڍو لڳي ٿو
ڄَڻُ تہ ڪوئِي پَکِي لڳي ٿو
منهنجو لَغَڙُ مٿي اُڏي ٿو
ڌاڳي سان هوُ مٿي چڙهي ٿو.

हलो पिकिनिक ते

अचो-अचो ॿारो
चढ़ो बस में जल्दी
ॻाढ़ी-ॻाढ़ी बस अची वेई
चढ़ो बस में जल्दी
अची वियो आ ड्राईवर
चढ़ो बस में जल्दी
तियारु आहे कंडक्टर
चढ़ो बस में जल्दी
पिकिनिक ते अॼु हलिणो आहे
चढ़ो बस में जल्दी
बाग़ ऐं बज़ारियूं बि घुमूं
चढ़ो बस में जल्दी
ॾिसो घंटी वॼी वेई आ
चढ़ो बस में जल्दी
ड्राईवर बस हलाए थो
चढ़ो बस में जल्दी ।

هلو پِڪنِڪَ تي

اَچو اَچو ٻارو - چَڙهو بس ۾ جلدي
ڳاڙهي ڳاڙهي بس اَچي ويئي
چڙهو بس ۾ جلدي
اَچي وِيو آ ڊرائيور
چَڙهو بس ۾ جلدي
تِيار آهي ڪنڊڪٽر
چڙهو بس ۾ جلدي
پڪنِڪ تي اَڄ هلڻو آهي
چَڙهو بس ۾ جلدي
باغ ۽ بزاريون بہ گُهمُون
چڙهو بس ۾ جلدي
ڏِسو گهنٽي وڄي ويئي آ
چڙهو بس ۾ جلدي
ڊِرائيور بس هلائي ٿو
چَڙهو بس ۾ جلدي.



रेस पुज॒ायूं

हली आ गीता डोड़ पायूं
ब॒ई ज॒णा रेस पुज॒ायूं

दर खे पहिरीं जो हथु लाईंदो
पापा उनखे टाफी ड॒ींदो
डोड़ पाइण सां फुड़िती ईंदी
डोड़ पाइण सां मौज मिलंदी

हली आ गीता डोड़ पायूं
ब॒ई ज॒णा रेस पुज॒ायूं ।

रांदि करियूं

रांदि करियूं, रांदि करियूं
अचो मिली करे रांदि करियूं ।

कड॒हिं ठहूं असीं घोड़ो हाथी
कड॒हिं ठहूं असीं रेलगाड॒ी
रांदि करियूं, रांदि करियूं
अचो ....

कड॒हिं ठहूं असीं डॉक्टर नरसि
कड॒हिं ठहूं असीं ममी-पापा
कड॒हिं ठहूं असीं अमा-बाबा
रांदि करियूं, रांदि करियूं
अचो ....

ريس پُڄايون

هَلِي آ گيتا ڊوڙ پايوُن
ٻَئِي ڄَڻا ريس پُڄايوُن
دَرَ کي پَهرِين جو هَٿُ لائيندو
پاپا اُنکي ٽافِي ڏِيندو
ڊوڙ پائِڻ سان ڦُڙتِي اِيندي
ڊوڙ پائِڻ سان مَوڄ مِلندي

هَلِي آ گيتا ڊوڙ پايوُن
ٻئِي ڄڻا ريس پڄايوُن.

راندِ ڪَرِيوُن

راند ڪَرِيوُن راند ڪَرِيوُن
اَچو مِلِي ڪري راند ڪريون.
ڪڏهن ٿَهوُن اَسين گهوڙو هاٿي
ڪڏهن ٿهون اَسين ريل گاڏي
راند ڪريون راند ڪريون
اَچو ....
ڪڏهن ٿَهوُن اَسين ڊاڪٽر نَرسِ
ڪڏهن ٿهون اَسين مَمِي - پاپا
ڪڏهن ٿهون اَسين اَمان - بابا
راند ڪريون راند ڪريون
اَچو ....

मुंहिंजो लाटूं

हीउ मुंहिंजो आ सुहिणो लाटूं,
फिर-फिर-फिर, फिरे थो लाटूं,
गोल-गोल, हीउ फिरे थो लाटूं,
नोड़ीअ सां वेढ़ियलु आ लाटूं

फिटी करण सां ख़ूबु फिरे थो,
गोल-गोल, हू ख़ूबु घुमे थो,
फिरी-फिरी, पोइ किरी पवे थो,
हीउ मुंहिंजो आ सुहिणो लाटूं,
रंगबिरंगी मुंहिंजो लाटूं ।

منهنجو لاٽون

هيءُ منهنجو آ سُهڻو لاٽون،
ڦر ڦر ڦِر ڦِري ٿو لاٽون،
گول گول هيءُ ڦِري ٿو لاٽون،
نوڙيءَ سان ويڙهِيَلُ آ لاٽون
ڦِٽي ڪرڻ سان خُوب ڦِري ٿو،
گول گول هوُ خُوب گُهمي ٿو،
ڦِري ڦِري پوءِ ڪِري پوي ٿو.
هيءُ منهنجو آ سُهڻو لاٽون،
رنگ برنگي منهنجو لاٽون.

कागज़ जी ब॒ेड़ी

ब॒ेड़ी कागज़ जी हीअ आहे
पाणीअ में हीअ तरंदी आहे
ख़ूबु मज़े सां हलंदी आहे
ख़ूबु मज़े सां हलंदी आहे
वहंदो जेडा॒हं पाणी आहे
उन सां गडु॒ हीअ डु॒कंदी आहे ।



ڪاغَذَ جي ٻيڙِي

ٻيڙِي - ڪاغَذَ جِي هيءَ آهي
پاڻيءَ ۾ هيءَ تَرندِي آهي
خُوب مَزي سان هَلندِي آهي
خُوب مزي سان هَلندِي آهي
وَهَندو جيڏانهن پاڻي آهي
اُن سان گَڏُ هيءَ ڏُڪندِي آهي.

लिक-छिप

ममी आउ त रांदि करियूं
लिक-छिप लिक-छिप रांदि करियूं

आऊं लिकां थो ऐं तूं ॻोल्हि,
ड॒िसु थिए कंहिंजो बाला-बोल

खट हेठां - कुर्सीअ हेठां
सोफा पोयां - टेबल पोयां

ममी ! आउ त रांदि करियूं,
लिक-छिप लिक-छिप रांदि करियूं

अंदर-ब॒ाहिरि ॻोल्हे ड॒िसु
हिते-हुते फोल्हे ड॒िसु
कोन ममी तूं ॻोल्हे सघंदीअं
ॻोल्ह-ॻोल्हे थकिजी पवंदीअं
ममी ! आउ त रांदि करियूं
लिक-छिप लिक-छिप रांदि करियूं ।

لِڪَ چِپَ

مَمِي آءُ تہ راند ڪَرِيون
لِڪَ چِپَ - لِڪَ چِپَ راند ڪَرِيون
آنءُ لِڪان ٿو ۽ تون ڳولهہ
ڏس ٿِئي ڪَنهِنجو بالا-بول
کَٽَ هيٺان ڪُرسِيءَ هيٺان
سوفا پويان - ٽيبل پويان
مَمِي آءُ تہ راندِ ڪَرِيون
لِڪَ چِپَ-لِڪَ چِپَ راند ڪَرِيون
اَندَرِ ٻاهِرِ ڳولهي ڏسُ
هِتي هُتي ڦولي ڏس
ڪونہ ممي تون ڳولهي سَگهندينءَ
ڳولهي ڳولهي ٿَڪجي پوندينءَ
ممي آءُ تہ راند ڪَرِيون
لِڪَ چِپَ لِڪَ چِپَ راند ڪَرِيون.





सुहिणी कार

सुहिणी कार नंढिड़ी कार
ॿारो हीअ आ मुंहिंजी कार

बटणु दॿाए त हलंदी कार
ॿरे थी हेडलाइट चमकेदार
मुंहिंजी कार जा फीथा चार
सोने जे रंग जी आहे कार
कार में वेठल आहिन ॿार
कडहिं न कनि कंहिं सां तकरार
सुहिणी ....
ॿारो ....

سُهڻِي ڪار

سهڻي ڪار ننڍڙي ڪار
ٻارُو هيءَ آ منهنجي ڪار
بٽڻ دٻاءِ تہ هلندي ڪار
ٻري ٿي هيڊ لائيٽ چمڪيدار
منهنجي ڪار جا ڦيٿا چار
سوني جي رنگ جي آهي ڪار
ڪار ۾ ويٺل آهن ٻار
ڪڏهن نہ ڪَنِ ڪنهن سان تڪرار
سهڻي ....
ٻارو ....

झूलो

अचो त गॾिजी झूलो झूल्यूं,
गा॒ढ़ो पीलो झूलो झूल्यूं ।

ममता झूले - मीनू झूले
रामू झूले - शामू झूले
अचो त सभु गॾिजी झूल्यूं
गा॒ढ़ो पीलो झूलो झूल्यूं ।

ऊचो केॾो ॾिसु वञे थो
उड़न खटोले जियां उॾे थो
अचो त सभु गॾिजी झूल्यूं
गा॒ढ़ो पीलो झूलो झूल्यूं ।

جھُولو

اَچو تہ گَڏجِي جھُولو جھُولِيونُ،
ڳاڙهو پِيلو جهولو جهوليون.
ممتا جھُولي-مِينُوُ جھُولي
لاجُوُ جھُولي- شامُوُ جھُولي
اَچو تہ سڀُ گَڏجِي جھُولِيونُ
ڳاڙهو پِيلو جھُولو جھُولِيونُ.
اوچو ڪيڏو ڏِسُ وڃي ٿو
اُڙن کٽولي جِيان اُڏي ٿو
اَچو تہ سڀُ گَڏجِي جھُولِيونُ
ڳاڙهو پِيلو جھُولو جھُولِيونُ.

नंढिड़ी गाड़ी

मूं वटि नंढिड़ी गाड़ी आहे,
गाड़ी आहे गाड़ी आहे ।

चाबीअ सां ई हलंदी आहे
रेल ते फेरा-फेरा पाए
खाधो मूरु न कंहिंजो खाए
टेशन जंहिंखे काई नाहे
मूं वटि नंढिड़ी गाड़ी आहे ।

गाड़ीअ में गुड़ो वेठो आहे
गुड़ो गुड़ीअ खे भाकुरु पाए
सीटी बि वेठो गुड़ो वज़ाए
गाड़ीअ में पियो फेरा पाए
मूं वटि नंढिड़ी गाड़ी आहे ।

نَنڍِڙي ڳاڏِي

مُون وَٽِ ننڍڙي ڳاڏِي آهي،
ڳاڏِي آهي، ڳاڏِي آهي.
چاٻِيءَ سان ٿي هَلندِي آهي
ريلَ تي ڦيرا ڦيرا پائي
کاڌو مُور نہ ڪنهنجو کائي
ٽيشَن جنَهِن کي ڪائِي ناهي
مُون وَٽِ ننڍڙي ڳاڏِي آهي.

ڳاڏيءَ ۾ گُڏو وينو آهي،
گُڏو گُڏيءَ کي ڀاکُرُ پائي،
سيٽِي بہ وينو گُڏو وَڄائي
ڳاڏيءَ ۾ پيو ڦيرا پائي
مُور، وَٽِ نَنڍِڙي ڳاڏِي آهي.

नंढिड़ा-वडिड़ा गुल

मुंहिंजे घर में गुल-फुल आहिनि
नंढिड़ा-वडिड़ा, गुल-फुल आहिनि
गाढ़ा-पीला रंगबिरंगी
नंढिड़ा-वडिड़ा, गुल-फुल आहिनि ।

गुल-फुल मूंखे ख़ूबु वणनि था
सभई मूंखां वठी वञनि था
मुंहिंजे घर में गुल-फुल आहिनि
नंढिड़ा-वडिड़ा, गुल-फुल आहिनि ।

गुलनि-फुलनि मां गजिरो ठाहियां
सो गजिरो चोटीअ में पायां
मुंहिंजे घर में गुल-फुल आहिनि
नंढिड़ा-वडिड़ा, गुल-फुल आहिनि ।

ننڍڙا وڏڙا گُلَ

منهنجي گهر ۾ گُل ڦُل آهن
ننڍڙا وڏڙا گل ڦل آهن
ڳاڙها پِيلا رنگ برنگي
ننڍڙا وڏڙا گل ڦل آهن.
گل ڦل مونکي خوب وڻن ٿا
سڀئي مونکان وٺي وڃن ٿا
منهنجي گهر ۾ گل ڦل آهن
ننڍڙا وڏڙا گل ڦِل آهن.
گُلَنِ ڦّلَنِ مان گجِرو ٺاهيان
سو گجرو چوٽيءَ ۾ پايان
منهنجي گهر ۾ گل ڦل آهن
ننڍڙا وڏڙا گل ڦل آهن.

मुंहिंजी पोती

मुंहिंजी पोती, मुंहिंजी पोती
आहे डिनी पुफीअ हीअ पोती
आहे किनारीअ वारी पोती
गोटे सां हीअ प्यारी पोती
गुलनि-फुलन वारी हीअ पोती
बह बह बहिके प्यारी पोती
मुंहिंजी पोती मुंहिंजी पोती
आऊं घुमां जे पाए पोती
हर कंहिं खे हिरखाए पोती
हवा जडहिं हलंदी आ सर-सर
मुंहिंजी पोती कंदी आ फर-फर
मुंहिंजी पोती, मुंहिंजी पोती ।



مُنهنجي پوٽِي

منهنجي پوٽي، منهنجي پوٽِي
آهي ڏني پڦيءَ هيءَ پوٽي
آهي ڪِناريءَ واري پوٽي
گوٽي سان هيءَ پياري پوٽي
گُلن ڦلن واري هيءَ پوٽي
ٻَهَ ٻَهَ ٻَهِڪي پياري پوٽي
منهنجي پوٽي منهنجي پوٽي
آنءُ گهمان جي پائي پوٽي
هر ڪَنهنِ کي هِرکائي پوٽي
هوا جڏهن هلندي آ سر-سر
منهنجي پوٽي ڪندي آ ڦر-ڦر
منهنجي پوٽِي، منهنجي پوٽِي.

टेलीफोन

ट्रिन-ट्रिन जो आवाज़ु करे,
आयो टेलीफोन
हेलो हेलो कयो मूं ,
कंहिंजो आहे फोन ?
डैडीअ चयो ममी किथे आ ?
डे तूं उनखे फोन ।
ममी ओ ममी ! डैडीअ जो,
आयो आहे फोन ।

ٽيليفون

ٽِرن ٽِرن جو آواز ڪري
آيو ٽيليفون
هيلو هيلو ڪيو مون،
ڪنهنجو آهي فون؟
ڊئڊيءَ چيو ممي ڪٿي آ ؟
ڏي تون اُنکي فون.
ممي او ممي! ڊئڊيءَ جو،
آيو آهي فون.

डाईनिंग टेबुल

ममी वेठी कुर्सीअ ते,
पापा वेठो कुर्सीअ ते,
मां बि वेठुसि कुर्सीअ ते,
रोटी आहे टेबल ते ।

दाल, पटाटा, भींडियूं, चांवर
खीचा कचिरियूं ख़ूबु सवादी,
डुधु, सलादु ऐं फुल्को कोसो,
बंद दबे में आहे पियो सो ।
अचो त गडिजी रोटी खाऊं,
बुख लगी आ रोटी खाऊं ।

ڊائينِنگ ٽيبل

ممي ويٺي ڪُرسيءَ تي،
پاپا ويٺو ڪُرسيءَ تي
مان بہ ويٺس ڪُرسيءَ تي،
روٽي آهي ٽيبل تي.
دال، پٽاٽا، ڀينڊيون، چانور
کيچا ڪَچِريُوں خوُب سَوادي
ڏُڌُ، سَلاد ۽ ڦلڪو ڪوسو،
بَندِ دٻي ۾ آهي پِيو سو.
اچو تہ گَڏجي روٽي کائوُن،
ٻُک لَڳي آهي روٽِي کائوُن.

वाच

واچ

वाच-वाच-वाच,
ममीअ जी वाच,
चेन वारी वाच,
गोल-गोल वाच,
सुहिणी आहे वाच,
वाच-वाच-वाच ।

टिक-टिक करे वाच,
बिनि सुयुनि वारी वाच,
वक़्तु बुधाए वाच,
चाबीअ वारी वाच,
वाच-वाच-वाच ।

नंढिड़ी आहे वाच,
वाच-वाच-वाच,
ममीअ जी वाच ।

واچ واچ واچ،
مميءَ جي واچ،
چين واري واچ،
گول-گول واچ،
سُهڻي آهي واچ،
واچ واچ واچ.

ٽڪِ ٽڪِ ڪري واچ،
ٻنِ سُئِن واري واچ،
وقت ٻُڌائي واچ،
چابيءَ واري واچ،
واچ واچ واچ.

ننڍڙي آهي واچ،
واچ واچ واچ،
مميءَ جي واچ.



गोल गोल चंडु

डिसु अमां !
चंडु निकतो आहे गोल-गोल
थाल्हीअ जहिड़ो गोल-गोल
फुल्के जहिड़ो गोल-गोल
पापड़ जहिड़ो गोल-गोल

अमां !
चंडु त मूंखे लाहे डे
चंड सां मां वेही रांदि करियां
पींघे में हुन खे लोडियां
लोडे लोडे लोली डियां

अमां चंडु मूंखे लाहे डे
चंडु मूंखे लाहे डे !

گول گول چنڊُ

ڏس اَمان!
چَنڊُ نِڪتو آهي گول گول
ٿالهيءَ جَهِڙو گول گول
ڦلڪي جهڙو گول گول
پاپَڙ جهڙو گول گول

اَمان!
چَنڊُ تہ مونکي لاهي ڏي
چَنڊَ سان مان ويهي راند ڪريان
پينگهي ۾ هُنَ کي لوڏيان
لوڏي لوڏي، لولي ڏِيان
اَمان چَنڊُ مونکي لاهي ڏي.
چَنڊُ مونکي لاهي ڏي!

मुंहिंजी डा॒डी॒

डा॒डी॒ मुंहिंजी प्यारी प्यारी
बुढिड़ी बुढिड़ी न्यारी न्यारी
वेस त हुनजा अछिड़ा आहिनि,
वार बि हुनजा अछिड़ा आहिनि,
हथ में हुनजे माल्हाआहे,
चपनि में कुछु-कुछु चवंदी आहे,
खट ते सदा हूअ विहंदी आहे,
सुठियूं कहाणियूं बु॒धाईंदी आहे ।

बु॒ढिड़ी डा॒डी॒

हीअ त मुंहिंजी डा॒डी॒ आहे,
बुढिड़ी मिठड़ी डा॒डी॒ आहे ।

डा॒डी॒ डा॒ढो प्यार करे थी
कड॒हिं नको तकिरारु करे थी
प्यार मां मूंखे भाकिड़ी पाए
मुंहिंजी पटींदी खाडी॒ आहे
हीअ त मुंहिंजी डा॒डी॒ आहे ।

डा॒डे॒ जो बि ख़्यालु रखे थी
खाधे जो बि मालु रखे थी
डा॒डे॒ खे जे खंघि सताए
खंघि जूं गोरियूं डीं॒दी आहे
हीअ त मुंहिंजी डा॒डी॒ आहे ।

مُنهِنجِي ڏاڏِي

ڏاڏِي منهنجي پياري پياري،
ٻُڍِڙِي ٻُڍِڙِي نياري نياري،
ويسَ تہ هن جا اَڇِڙا آهن
وار بہ هن جا اَڇِڙا آهن
هٿ ۾ هنجي مالھاآهي
چَپَنِ ۾ ڪُجھ ڪُجھ چَوندِي آهي
کَٽ تي سَدا هوءَ وِهَندِي آهي
سُٺيون ڪَهاڻِيون ٻُڌائيندِي آهي.

ٻُڍِڙِي ڏاڏِي

هيءَ تہ منهنجي ڏاڏِي آهي،
ٻُڍِڙِي مِٺِڙِي ڏاڏِي آهي.
ڏاڏِي ڏاڍو پيار ڪري ٿي،
ڪڏهن نہ ڪو تَڪِرارُ ڪري ٿي،
پيار مان مونکي ڀاڪِڙِي پائي،
منهنجي پَٽيندِي ڪاڏِي آهي،
هيءَ تہ منهنجي ڏاڏِي آهي.
ڏاڏِي جو بہ خِيال رکي ٿي،
کاڌي جو بہ مالُ رکي ٿي،
ڏاڏي کي جي کنگھ ستائي،
کنگھ جون گورِيُون ڏيندِي آهي،
هيءَ تہ منهنجي ڏاڏِي آهي.

जादूअ जा ड॒ंद

हीउ छा ममी, हीउ छा ममी !
ड॒ंद बाबा जा कहिड़ा आहिन ?
छा उहे जादूअ जा आहिनि ?
कडहिं त मुंहं मां कढंदा आहिन
ऐं दबि॒लीअ में रखंदा आहिनि
छा मां बि ईएं करे सघांथो ?
पंहिंजा ड॒ंद कढी सघांथो ?
ममी मूंखे जादू सेखारि
ड॒ंदनि कढण जो जादू सेखारि ।

جادوءَ جا ڏندَ

هيءُ ڇا مَمِي هيءُ ڇا مَمِي!
ڏند بابا جا ڪهڙا آهن؟
ڇا اُهي جادوءَ جا آهن؟
ڪڏهن تہ مُنهَن مان ڪڍندا آهن
۽ دٻليءَ ۾ رکندا آهن
ڇا مان بہ اِئين ڪري سگهان ٿو؟
پنهنجا ڏندَ ڪَڍِي سگهان ٿو؟
مَمِي مونکي جادوُ سيکار
ڏندنِ ڪَڍَڻَ جو جادوُ ڏيکار.

नओं घरु

अजु॒ मां नएं घर में वेंदुसि
घर आ मुंहिंजो वडि॒ड़ो-वडि॒ड़ो
डा॒ढो आहे सुहिणो-सुहिणो
घर में सुहिणा रंग लग॒ल
डा॒ड़ी बि रहंदी, डा॒ड़ो बि रहंदो
मां वेंदुसि, टामी बि हलंदो
ममी बि हलंदी, पपा बि हलंदो
दोस्तनि खे मां घरु डे॒खारियां
टामीअ खे मां ख़ूबु नचायां
अजु॒ नऐं घर में वेंदुसि
घरु आ मुंहिंजो वडि॒ड़ो-वडि॒ड़ो ।

نئون گهَرُ

اَڄ مان نَئين گهَرَ ۾ ويندُسِ
گهَرُ آ منهنجو وَڏِڙو-وَڏِڙو
ڏاڍو آهي سُهڻو-سُهڻو
گهَرَ ۾ سُهڻا رنگ لڳل
ڏاڏِي بہ رهندي، ڏاڏو بہ رهندو
مان ويندُسِ، ٽامِي بہ هلندو
مَمِي بہ هلندي، پَپا بہ هلندو
دوستنِ کي مان گهَرُ ڏيکاريان
ٽامِيءَ کي مان خوُب نچايان
اَڄ نَئين گهَرَ ۾ ويندُسِ
گهَرُ آ منهنجو وڏِڙو-وڏِڙو.

नानी चउ आखाणी

नानी चउ आखाणी,
शेर हरण यां गिदड़ बघड़ जी
का त बुधाइ आखाणी ।

शहिज़ादे या सोन परीअ जी
जादूगर यां गुड़े गुड़ीअ जी
राजा हो यां राणी,
नानी चउ आखाणी ।

लीली-लावां, लीली-लावां,
खीरु भतु मां जेसीं खावां,
ऐं मां पीआं पाणी,
तेसीं चउ आखाणी ।

पापा जी चिठी

अजु मां डाढो खुशु आहियां
पापा जी आ चिठी आई
चिठी आई चिठी आई
अजु पापा जी चिठी आई ।

पापा जल्दी अचिणो आहे
डियारीअ ते हू अचिणो आहे
रांदीका कपड़ा आणींदो
रेडियो टीवी बि आणींदो
ममी डाढी खुशु लगे थी
हर हर चिठी हूअ पढ़े थी ।

نانِي چَئہُ آکاڻِي

نانِي چَئہُ آکاڻي
شيرَ هرڻ يان گِدَڙَ ٻگَهڙَ جِي
ڪا تہ ٻُڌاءِ آکاڻي.

شَهِزادي يان سونَ پريءَ جي
جادوگر يان گُڏي گُڏِيءَ جي
راجا هو يان راڻي،
نانِي چئہُ آکاڻي.

لِيلي لاوان، ليلي لاوان،
کيرَ ڀتُ مان جيسِين کاوان
ءِ مان پِيئان پاڻي
تيسِين چئہُ آکاڻِي.

پاپا جي چِٺِي

اَڄ مان ڏاڍو خوش آهيان
پاپا جِي آ چٺي آئِي
چٺي آئِي چٺي آئي
اَڄُ پاپا جِي چٺي آئي.
پاپا جلدِي اَچڻو آهي
ڏياريءَ تي هُو اَچڻو آهي
رانديڪا ڪپڙا آڻيندو
ريڊيو ٽي-وي بہِ آڻيندو
ممي ڏاڍي خوش لڳي ٿي
هَرَ هَرَ چِٺي هوءَ پڙهي ٿي.

असांजो रेडियो

असांजो रेडियो असांजो रेडियो
सुठो सुठो असांजो रेडियो ।

बाराणां थो गीत गाए
बाराणियूं आखाणियूं बुधाए
सज़े देश जूं ख़बरूं बुधाए ।

असांज़ो रेडियो असांजो रेडियो
सुठो सुठो असांजो रेडियो ।

सेलन ते बि हले थो
बिजलीअ ते बि हले थो
असांजो रेडियो असांजो रेडियो ।



آسانجو ريڊيو

آسانجو ريڊيو آسانجو ريڊيو
سُٺو سُٺو اسانجو ريڊيو.

ٻاراڻا ٿو گيتَ ڳائي
ٻاراڻيون آکاڻيون ٻُڌائي
سڄي ديش جون خبرون ٻُڌائي.

اسانجو ريڊيو اسانجو ريڊيو
سٺو سٺو اسانجو ريڊيو.

سيلن تي بہ هلي ٿو
بجليءَ تي بہ هلي ٿو
اسانجو ريڊيو اسانجو ريڊيو .

टी. वी.

मुंहिंजे घर में टी.वी. आहे,
रंगबिरंगी टी.वी. आहे ।

टी.वी मूंखे गीत बुधाए,
झिरिकियूं, तोता मोर नचाए ।
कोयल गाए, खाधो खाए,
मुंहिंजे घर में टी.वी. आहे,
रंगबिरंगी टी.वी. आहे ।

टी.वी.अ में डिसु बार बि आहिनि,
हिक बिए खे था गले लगाइनि ,
सुहिणा सुहिणा कपिड़ा पाइनि ,
खाइनि, गाइनि डोड़ पुजाए
मुंहिंजे घर में टी.वी. आहे,
रंगबिरंगी टी.वी. आहे ।

ٽي.وي.

منهنجي گهرَ ۾ ٽي وي آهي،
رنگ بِہ رنگي ٽي وي آهي.

ٽي وي مونکي گيتَ ٻڌائي،
جهرڪيون طوطا مور نچائي.
ڪوئل ڳائي، کاڌو کائي،
منهنجي گهر ۾ ٽي وي آهي،
رنگ بِہ رنگي ٽي وي آهي.

ٽي ويءَ ۾ ڏسُ ٻارَ بہ آهن،
هڪ ٻئي کيَ ٿا گلي لڳائن،
سهڻا سهڻا ڪپڙا پائن،
کائن ڳائن ڊوڙ پُڄائي،
منهنجي گهر ۾ ٽي وي آهي،
رنگ بہ رنگي ٽي وي آهي.

मन मचिली

मछिली ओ मछिली
ओ मन मचिली
कीअं तरीं थी पाणीअ में
मूंखे बि तूं तरण सेखारि,
मछिली ओ मछिली
ओ मन मचिली ।

मछिली ओ मछिली,
ख़ूबु टिपी थी पाणीअ में
मूंखे बि तूं टिपण सेखारि,
मछिली ओ मछिली
ओ मन मचिली ।

मछिली ओ मछिली
हथ मां कीअं न
वञी थी खिसकीं,
मूंखे बि खिसकण सेखारि,
मछिली ओ मछिली
ओ मन मचिली ।

مَن مَڇِلي

مَڇِلي او مَڇِلي
او من مَڇِلي
ڪيئَن تَرينِ ٿي پاڻيءَ ۾،
مونکي بہ تون تَرَڻُ سيکار،
مڇلي او مڇلي - او مَن مَڇِلي.

مَڇِلي او مَڇِلي،
خوبُ ٽِپي ٿي پاڻيءَ ۾،
مونکي بہ تون ٽِپَڻُ سيکارِ،
مڇلي او مڇلي - او من مڇلي.

مڇلي او مڇلي،
هَٿَ مان ڪيئَن نَہ وَڃينِ ٿي کِسڪينِ،
مونکي بہ کِسڪَڻُ سيکار،
مَڇِلي او مَڇِلي - او مَن مَڇِلي.



कु॒मी

कुमी आहे कुमी आहे
नदीअ किनारे कुमी आहे
राजा डि॒सु पिंकी डि॒सु
कुमी आहे कुमी आहे
अगि॒यां वञण सां गि॒ची लिकाए
अगि॒यां वञण सां पेर लिकाए
पथर जहिड़ी पुठी आहे
कुमी आहे कुमी आहे
पाणीअ में हूअ तरंदी आहे
धरतीअ ते हूअ हलंदी आहे ।
कुमी आहे कुमी आहे
नदीअ किनारे कुमी आहे ।

बांदर मामा

बांदर मामा बांदर मामा
तोखे माल घणा खारायम
अंब चकूं केला खारायम
किसिम किसिम जा फल खारायम
ब्रेड पूरियूं फुल्का खारायम
ताम मज़े वारा खारायम
पर तबि तुंहिंजो पेट न भरिजे
बार बार तूं हथ फहिलाए
मूंखां बि॒या भी माल घुरीं थो
केडो॒ तूं पेटोड़ी आहीं !

ڪُمي

ڪُمي آهي ڪُمي آهي
نديءَ ڪناري ڪُمي آهي.
راجا ڏسُ پنڪي ڏسُ
ڪُمي آهي ڪُمي آهي.
اَڳيان وڃڻ سان ڳچي لِڪائي
اَڳيان وڃڻ سان پيرَ لِڪائي
پٿر جَهڙي پُٺي آهي
ڪُمي آهي ڪُمي آهي.
پاڻيءَ ۾ هوءَ ترندي آهي
ڌرتيءَ تي هوءَ هلندي آهي.
ڪُمي آهي ڪُمي آهي
نديءَ ڪناري ڪُمي آهي.

باندر ماما

باندر ماما باندر ماما
توکيْ مال گھڻا کارايم
اَنب، چَڪوُن، ڪيلا کارايم
قِسمَ قِسمَ جا ڦَلَ کارايَم
بِريڊ، پوُريون، ڦُلڪا کارايَم
طعام مزي وارا کارايم
پَرَ تَہ بہ تُنهنجو پيٽُ نَہ ڀَرِجي
بار بار تون هٿ ڦهلائي
مون کان ٻيا بہ مال گھُرين ٿو
ڪيڏو تونَ پيٽوڙِي آهين!

सांडो

सांडा सांडा सुठो लग॒ीं थो,
रंग बि डा॒ढा कई मटीं थो,
गाह में तूं जड॒हिं वञीं थो,
पंहिंजो रंगु तूं साओ करीं थो ।
वण जे सले ते वेहीं थो,
पंहिंजो भूरो रंगु करीं थो ।
पुछु तुंहिंजो आ डि॒घिड़ो सनिहिड़ो
डोड़ी डोड़ी बीही रहीं थो ।
वरी डि॒सीं थो वरी भज॒ीं थो
आवाज़नि ते डि॒ज॒ी वञीं थो ।
गि॒ची लोडा॒ए हा हा करीं थो
छा मतलबु आ कुछु न चवीं थो ।
माण्हूं तोखां छा त डि॒ज॒नि था
तूं त कहिं खे कुछ न चवीं थो ।
सांडा सांडा सुठो लग॒ीं थो
रंग बि डा॒ढा कई मटीं थो ?

سانڊو

سانڊا سانڊا سُٺو لڳين ٿو،
رنگ بہ ڏاڍا ڪَئين مَٽين ٿو،
گاهہ ۾ تون جڏهن وَڃين ٿو،
پنهنجو رنگ تون سائو ڪَرين ٿو.
وڻ جي سَلي تي ويهين ٿو،
پنهنجو ڀُورو رنگ ڪرين ٿو.
پُڇُ تنهنجو آ ڏِگهڙو سَنهڙو
ڏوڙي ڏوڙي بيهي رَهين ٿو.
وَري ڏِسين ٿو وَري ڀڄين ٿو
آوازَن تي ڏِڄي وڃين ٿو.
ڳِچي لوڏائي ها ها ڪرين ٿو
ڇا مطلب آ ڪُڇُ نہ چوين ٿو.
ماڻهون توکان ڇا تہ ڏڄن ٿا
تون تہ ڪنهنکي ڪُڇُ نہ چوين ٿو.
سانڊا سانڊا سُٺو لڳين ٿو
رَنگَ بہ ڏاڍا ڪَئين مَٽين ٿو.



नोरीअड़ो

नोरीअड़ो भाई नोरीअड़ो
नरम नरम रेशम जहिड़ो ।
कारे अछे पटे वारो
ब्रुश जहिड़े पुछ वारो
हेठि लहे थो, मथे चढ़े थो
नोरीअड़ो भाई नोरीअड़ो ।

नंढियूं नंढियूं अखयूं मिचिकाए
वडो वडो पुछ थो लोडे
टोल, मूंखां घुरे थो
नोरीअड़ो भाई नोरीअड़ो
नरम नरम रेशम जहिड़ो !

अछो सहो

मूं वटि अछो सहो आहे,
बाहिरि निकिरी वेंदो नाहे ।

वार नरमु ऐं रेशम जहिड़ा,
गाढ़ियुनि अखिड़ियुनि वारो आहे,
टिपा डेई हू हलंदो आहे,
मुंहिंजी गोदि में विहंदो आहे,
मूं वटि अछो सहो आहे ।

साओ साओ गाहु थो खाए,
घर में पियो थो फेरा पाए,
मूंखे त डाढो वणंदो आहे,
मूं वटि अछो सहो आहे ।

نورِيئڙو

نوريئَڙو پائي نوريئَڙو
نرمَ نرمِ ريشم جهڙو.
ڪاريِ اَڇي پٽي وارو
بُرش جَهِڙي پُڇَ وارو
هيٺِ لهيٿو، مٿي چڙهيٿو
نوريئڙو پائي نوريئڙو.
ننڊيون ننڊيون اَکيون مِڇڪائي
وڏو وڏو پُڇُ ٿو لوڏي
ٽول، مون کان گهُريٿو
نوريئڙو پائي نوڙيئڙو
نرم نرم ريشم جهڙو!

اَڇو سَهو

مون وٽ اَڇو سَهو آهي،
ٻاهِرِ نِڪرِي ويندو ناهي.
وار نرم ۽ ريشم جهڙا،
ڳاڙهين اَکڙين وارو آهي،
ٽِپا ڏيئِي هوُ هَلنَدو آهي،
منهنجي گودِ ۾ وهندو آهي،
مُون وَٽِ اَڇو سَهو آهي.

سائو سائو گاهه ٿو کائي،
گهر ۾ پيو ٿو ڦيرا پائي،
مونکي تہ ڏاڍو وڻندو آهي،
مون وٽ اَڇو سَهو آهي.

हाथी दादा

हाथी दादा हाथी दादा
ख़ूबु अचीं थो सूंढि हलाए
असां खे तूं सैरु कराइ
असां ....
हाथी दादा ......
असां आहियूं नंढिड़ा ॿार
पंहिंजे मथां असां खे चाढ़ि
झंगल जो तूं सैरु कराइ
झंगल ....
हाथी ....
हाथी दादा वेहु तूं हिते
असां चढूं था तुंहिंजीअ पुठीअ ते
शींह, चीता ऐं हरण ॾेखारि
रिछ, बांदर ऐं सहा ॾेखारि
हाथी ....
असां ....
असां ....

هاٿي دادا

هاٿي دادا هاٿي دادا
خوُب اَچين ٿو سوُنڍِ هلائي
اَسان کي تون سئر ڪراءِ
اَسان ....
هاٿي دادا ....
اَسان آهيون ننڍِڙا ٻار
پنهنجي مٿان اَسان کي چاڙهِ
جنهنگل جو توُن سَئِرُ ڪراءِ
جنهنگل ....
هاٿي ....
هاٿي دادا ويھُ توُن هِتي
اَسان چَڙهوُن ٿا تُنهِنجيءَ پُٺيءِ تي
شينهَن، چيتا ۽ هَرَڻ ڏيکارِ
رِڇ، باندر ۽ سها ڏيکار
هاٿي ....
اَسان ....
اَسان ....



किरिड़ी

किरिड़ी किरिड़ी नासी किरिड़ी,
बती ब॒रण ते निकिरे किरिड़ी ।
जीत मच्छर गि॒रिकाए किरिड़ी,
घुमंदी भिति ते आहीं किरिड़ी,
सिरंदी छिति ते आहीं किरिड़ी,
हेठ न किरंदी आहीं किरिड़ी,
हुश करण सां भज॒ीं थी किरिड़ी,
मां कीअं छिति ते सिरां ओ किरिड़ी,
मां कीअं भिति ते घुमां ओ किरिड़ी,
मूंखे तूं सेखारि ओ किरिड़ी ।

کِرڙِي

ڪِرڙِي ڪِرڙِي ناسي ڪِرڙِي،
بتي ٻرڻ تي نڪري ڪِرڙِي.
جيت مڇر ڳِرڪائي ڪِرڙِي،
گهمندي ڀِت تي آهين ڪِرڙِي،
سِرَندي ڇت تي آهين ڪِرڙِي،
هيٺ نہ ڪِرندي آهين ڪِرڙِي،
هُشُ ڪرڻ سان ڀَڄِين ٿِي ڪِرڙِي،
مان ڪيئن ڇتِ تي سِران او ڪِرڙِي،
مان ڪيئن ڀِتِ تي گهمان او ڪِرڙِي،
مونکي تون سيکار او ڪِرڙِي.

बदक

बदकिड़ी ड़े बदकिड़ी
नंढिड़ी बिंदिरी बदकिड़ी

पाणीअ में तूं तरी सघीं थी
पट ते बि तूं हली सघीं थी
डाढी तूं सुहिणीं लग॒ीं थी
बदकिड़ी ड़े बदकिड़ी ।

पट ते दाणा तूं चुग॒ीं थी
जीव जंतुनि खे बि खाईं थी
मछीअ जो बि मज़ो वठीं थी
बदकिड़ी ड़े बदकिड़ी ।

بَدَڪ

بَدَڪِڙِي ڙِي بَدَڪِڙِي
ننڍڙِي ٻِندِرِي بَدَڪِڙِي

پاڻيءَ ۾ تون تَري سگهين ٿي
پَٽ تي بہ تون هَلي سگهين ٿي
ڏاڍي تون سُهڻِي لڳين ٿي.
بَدَڪِڙِي ڙِي بَدَڪِڙِي.

پٽ تي داڻا تون چُڳين ٿي
جيو جنتُن کي بہ کائين ٿي
مڇيءَ جو بہ مزو وٺين ٿي
بَدَڪِڙِي ڙِي بَدَڪِڙِي.

तोतो

वण ते वेठो तोतो आहे,
तोतो आहे तोतो आहे ।

डार डार ते फेरा पाए,
बाग़ जा पियो थो मेवा खाए,
वण ते वेठो तोतो आहे ।

रंग जो तोतो साओ आहे,
चुंहिंब मुंड़ियल ऐं ग़ाढ़ी आहे,
वण ते वेठो तोतो आहे ।

मिर्च कड़ा बि खाईंदो आ,
मिठिड़ा गीत बुधाईंदो आ,
कारी ग़ाढ़ी माल्हा पाए,
वण ते वेठो तोतो आहे ।

वण नारेल जा

वण नारेल जा वण नारेल जा
लंबा लंबा वण नारेल जा
पाणी तोखे जाम पियारियां
मोट में नारेलन सां झोल भरायां
पैदा केई नारेल करीं थो
पाणी तंहिं में मिठो भरीं थो
जो ही मिठिड़ो पाणी पीअंदो
सही सघारो सो पक थींदो ।

طوطو



وڻ تي ويٺو طوطو آهي،
طوطو آهي طوطو آهي.
ڏار ڏار تي ڦيرا پائي،
باغ جا پيو ٿو ميوا کائي،
وڻ تي ويٺو طوطو آهي.

رنگ جو طوطو سائو آهي،
چُهنبَ مُڙيَلَ ۽ ڳاڙهِي آهي،
وڻ تي ويٺو طوطو آهي.

مرچ ڪڙا ڀي کائيندو آ،
منڙا گيت ٻُڌائيندو آ،
ڪاري ڳاڙهي مالها پائي،
وڻ تي ويٺو طوطو آهي.

وَڻَ ناريل جا

وَڻَ ناريل جا وَڻَ ناريل جا
لنبا لنبا وَڻَ ناريل جا
پاڻي توکي جام پِيارِيان
موٽ ۾ ناريلن سان جهول ڀَرايان
پئدا ڪيئِي ناريل ڪَرين ٿو
پاڻي تنهَن ۾ مِٺو ڀَرين ٿو
جو هِي مِٺڙو پاڻي پيئندو
صَحيح سَگهارو سو پَڪَ ٿيندو.

झिरिकी राणी

झिरिकी राणी – झिरिकी राणी,
मिठिड़ा गीत बुधाइ तूं ।
मुंहिंजी गुडि़ड़ी सुम्हे कीन थी
उन खे निंड कराइ तूं
झिरिकी राणी – झिरिकी राणी
मिठिड़ा गीत बुधाइ तूं ।
बिना गीत हूअ सुम्हे कीन थी
तुंहिंजी यादि में वेठी आ
झिरिकी राणी – झिरिकी राणी
मिठिड़ा गीत बुधाइ तूं ।
मुंहिंजी गुडि़ड़ी सुम्हे कीन थी
उन खे निंड कराइ तूं ।

झिरिकीअ जो आखेरो

डि़सु हुन वण ते,
झिरिकीअ जो आखेरो,
जंहिं में आहिनि ॿचा टे,
ॿचा चूं-चूं कनि था,
वातु वडो खोले,
झिरिकी जडहिं अचे थी,
दाणों खेनि खाराए थी,
प्यारु खेनि करे थी,
चुहिंब मिलाए थी ।

جهرڪي راڻي

جهرڪي راڻي - جهرڪي راڻي،
مٺرا گيت ٻڌاءِ تون.
منهنجي گُڏي سُمهي ڪينَ ٿي
اُنکي ننڊ ڪراءِ تون
جهرڪي راڻي جهرڪي راڻي
مٺرا گيت ٻڌاءِ تون.
بنا گيت هوءَ سُمهي ڪينَ ٿي
تنهنجي ياد ۾ ويٺي آ
جهرڪي راڻي جهرڪي راڻي
مٺرا گيت ٻڌاءِ تون.
منهنجي گُڏڙي سُمهي ڪينَ ٿي،
اُنکي ننڊ ڪراءِ تون.

جهرڪيءَ جو آکيرو

ڏسِ هن وڻ تي،
جهرڪيءَ جو آکيرو،
جنهن ۾ آهن ٻچا ٽي،
ٻچا چوُن چوُن ڪَن ٿا،
وات وڏو کولي،
جهرڪي جڏهن اَچي ٿي،
داڻو کين کارائي ٿي،
پيار کين ڪري ٿي،
چُهنبَ ملائي ٿي.

वणु

घर जे बाहिर वणु आहे,
दर जे भरिसां वणु आहे ।
उस में सारो ड़ींहुं सड़े
पोइ बि थधेरी छांव डिए
सावा सावा पन उनहीअ जा
रंग रंगीला गुल उनहीअ जा
टार टार ते पखी लुडनि
चूं चूं जी बोली बोलिनि
वण जे हेठां बार कुडनि
रांदियूं कनि झूला झूलिनि
घर जे बाहिर वणु आहे,
दर जे भरिसां वणु आहे ।

وَڻُ

گھرَ جي ٻاھر وَڻُ آھي
در جي ڀرسان وَڻُ آھي.
اُسَ ۾ سارو ڏينهنُ سَڙي
پوءِ بہ ٿڌيري ڇانوَ ڏئي
ساوا ساوا پَنَ اُنھيءَ جا
رنگَ رَنگيلا گُل اُنھيءَ جا
ٽارَ ٽارَ تي پکي لُڏَن
چوُن چوُن جي ٻولي ٻولِن
وڻ جي هيٺان ٻارَ ڪُڏن
رانديون ڪَن جھوُلا جھوُلِن
گھرَ جي ٻاھرِ وَڻُ آھي
دَرَ جي ڀَرسان وَڻُ آھي.

वण जी छांव में

अचो त बारो रांदि करियूं
वण जी छांव में रांदि करियूं
कान उते उस लगंदी आहे
थधिड़ी छांव बि लगंदी आहे
ख़ूबु वणनि में गुल फुल आहिनि
मिठिड़ा मिठिड़ा मेवा आहिनि
कीन वणनि खे भुलाईंदासीं
कीन उन्हनि खे कटाईंदासीं ।

وَڻَ جي ڇانوَ ۾

اَچو تہ ٻارو راند ڪريون
وَڻَ جي ڇانوَ ۾ راند ڪريون
ڪانہ اُتي اُس لڳندي آھي
ٿڌڙي ڇانوَ بہ لڳندي آھي
خوُب وڻن ۾ گُل ڦل آھن
مِٺڙا مِٺڙا ميوا آھن
ڪينَ وڻن کي ڀُلائيندا سين
ڪينَ اُنھن کي ڪَٽائيندا سين.

रांदि

मां ऐं मुंहिंजो प्यारो दोस्त
गडि॒जी गडि॒जी रांदि करियूं था
कड॒हिं आउं ठहां थो घोड़ो
कड॒हिं करे हू मूंते सुवारी
कड॒हिं त मां बणिजां डिराईवर
कड॒हिं वरी हू थिए कंडक्टर
कड॒हिं रेल जी इंजिणि बणिजां
ऐं हू बणिजे रेल दबो॒
कड॒हिं डॉक्टर बणिजां मां
ऐं हू नरसि बणी पवंदो आ
खिलंदा आहियूं कुड॒ंदा आहियूं
गडि॒जी रांदियूं रमंदा आहियूं ।

رانڊِ

مان ۽ منهنجو پيارو دوست
گَڏِجي گَڏِجي راند ڪريون ٿا
ڪڏهن آءُ ٺهان ٿو گهوڙو
ڪَڏَهنِ ڪري هوُ مونتي سُواري
ڪڏهن تہ مان بَڻِجان ڊرائيوَر
ڪڏهن وري هوُ ٿئي ڪَنڊَڪٽَر
ڪڏهن ريل جي اِنجِڻ بَڻِجان
۽ هوُ بَڻِجي ريل دَٻو
ڪڏهن ڊاڪٽر بَڻِجان مان
۽ هوُ نَرسِ بَڻِي پوندو آ
کِلندا آهيوُن ڪُڏندا آهيوُن
گَڏِجي رانديوُن رَمندا آهِيوُن.

कोयल

कुहू-कुहू करीं थी कोयल
किथे तूं वेठी आहीं लिकल
तोखे डि॒सण चाहियां थी मूमल
तोसां खेड॒णु चाहियां थी मां
किथे तूं वेठी आहीं लिकल
कुहू-कुहू करीं थी कोयल
किथे तूं वेठी आहीं लिकल ?

ڪويَل

ڪُھوُن ڪُھوُن ڪَرينِ ٿِي ڪويَل
ڪِٿي تون وينِي آهينِ لِڪَل
توکي ڏِسَڻ چاهِيان ٿِي موُمَل
توسان کيڏڻ چاهيان ٿي مان
ڪِٿي تون وينِي آهين لِڪَل
ڪُھون ڪَرِين ٿي ڪويل
ڪِٿي تون ويني آهين لڪل؟



चिड़िया बाग़ हलूं

टीकम, टोपण, मेवल, मुरली
माया, मीनू, तारा, तुलसी
हलो त चिड़िया बाग़ हलूं ।

बांदर, भालू, गेंडा, हाथी
ज़ेबरा, कंगारू, उठपखी
शींह, चीता ऐं चिमिपैंज़ी
पिञिरनि में बंद आहिनि केई
हलो त चिड़िया बाग़ हलूं
पखी जानवर हली डिसूं ।

सूंढि सां हाथी सलाम करे
बांदर कीअं थो टोल घुरे
बदकूं पाणीअ मंझि तरनि
तोता टियूं टियूं बातियूं कनि
अचो असीं बि करियूं रांदियूं
हलो त चिड़िया बाग़ हलूं ।



چِڙيا باغ هَلوُن

ٽيڪم، ٽوپڻ، ميوَل، مُرلي
مايا، مينوُ، تارا، تُلسي
هلو تہ چِڙيا باغ هَلوُن.

باندر، ڀالوُ، گينڊا، هاٿي
زيبرا، ڪنگارو، اُٺ پکي
شينهن، چيتا ۽ چمپئنزي
پڃرَنِ ۾ بَندِ آهن ڪيئي
هلو تہ چڙيا باغ هلون
پکي جانور هَلي ڏسوُن

سونڊِ سان هاٿي سلام ڪري
باندر ڪيئن ٿو ٽول گُهري
بَدَڪوُن پاڻيءَ مَنجهہِ تَرَنِ
طوطا ٽِيوُن ٽيوُن باتِيوُن ڪَنِ
اَچو اَسين بہ ڪَرِيوُن رانديون
هلو تہ چڙيا باغ هلون!



मुंहिंजो बालु

मुंहिंजो बालु मुंहिंजो बालु
गोल-गोल मुंहिंजो बालु
साओ-पीलो नीलो बालु
टिनि रंगनि जो मुंहिंजो बालु
मुंहिंजो ....
गोल-गोल ....

केड़ो न वणे मुंहिंजो बालु
हेठि वञे थो मुंहिंजो बालु
मथे वञे थो मुंहिंजो बालु
हिते अचे थो मुंहिंजो बालु
हुते वञे थो मुंहिंजो बालु
नचे टिपे थो मुंहिंजो बालु
मुंहिंजो ....
गोल-गोल ....

منهنجو بال

منهنجو بال منهنجو بال
گول گول منهنجو بال
سائو پِيلو نِيلو بال
ٽِنِ رنگن جو منهنجو بال
منهنجو ....
گول گول ....
ڪيڏو نہ وڻي منهنجو بال
هيٺ وڃي ٿو منهنجو بال
مٿي وڃي ٿو منهنجو بال
هتي اَچي ٿو منهنجو بال
هُتي وڃي ٿو منهنجو بال
نَچي ٽِپي ٿو منهنجو بال
منهنجو ....
گول گول ....

गुड़ीअ जो घरु

गुड़ीअ जो घरु - भाई गुड़ीअ जो घरु
डिसो डिसो ड़े केड़ो सुंदर
मूं ठाहियो आ, गुड़ीअ जो घरु

सुमहण जो कमिरो - पढ़हण जो कमिरो
खाइण जो कमिरो - रधण जो कमिरो
पंखो हले थो - फर फर फर
गुड़ीअ जो घरु - भाई गुड़ीअ जो घरु
डिसो डिसो ड़े केड़ो सुंदर

घर में खटूं पलंग बि आहिनि
घर में मैज़ूं कुर्सियूं आहिनि
गुड़ी घुमे थी अंदर बाहिरि
गुड़ीअ जो घरु - भाई गुड़ीअ जो घरु
मूं ठाहियो आ, गुड़ीअ जो घरु
डिसो डिसो ड़े केड़ो सुंदर !

ڳُڏيءَ جو گھرُ

ڳُڏيءَ جو گھر - ڀائي ڳُڏيءَ جو گھر
ڏسو ڏسو ڙي - ڪيڏو سُندر
مون ٺاهيو آ - ڳُڏيءَ جو گھر

سُمهڻَ جو ڪمرو - پڙهڻَ جو ڪمرو
کائِڻَ جو ڪمِرو - رَڌَڻَ جو ڪمِرو
پنکو هلي ٿو - ڦرَ ڦرَ ڦرَ
ڳُڏيءَ جو گھر - ڀائي ڳُڏيءَ جو گھر
ڏسو ڏسو ڙي - ڪيڏو سندر

گھرَ ۾ کٽون پَلَنگَ بہ آهن
گھر ۾ مَيزون ڪُرسِيون آهن
ڳُڏي گھمي ٿي اَندَر ٻاهِر
ڳُڏيءَ جو گھر - ڀائِي ڳُڏيءَ جو گھر
مون ٺاهيو آ - ڳُڏيءَ جو گھر
ڏسو ڏسو ڙي - ڪيڏو سندر!



फिरि-फिरि सौंटो

फिरि-फिरि सौंटे रांदि रचायूं ,
अचो त ब॒ारो गोल बणायूं ।

कपिड़े जो हिक सौंटो ठाहियूं
शेरूअ सां शुरूआत करायूं

फिरि फिरि सौंटो रट लग॒ाए
हरिको सुरु सुर साणु मिलाए

गोल जे ब॒ाहिरां फिरंदो जीअं ,
मौज मची वेंदी आ तीअं

वाइड़े वेढ़े जे पोयां
सौंटो रखंदो हू जड॒हिं
मन में खिलंदा पिया तड॒हिं ।

वेढ़ो जीअं होशियार थिए,
सौंटो खणी हुन पुठियां डुके,
खिली-खिली हरिको ख़ुशु थिए,
ख़ूबु मज़ो थो तड॒हिं अचे,
फिरि फिरि सौंटे रांदि मचे ।

फिरि फिरि सौंटे रांदि रचायूं,
अचो त ब॒ारो गोल बणायूं ।

ڦِرِ ڦِرِ سؤنٽو

ڦِرِ ڦِرِ سؤنٽي راند رَچايُون،
اَچو تہ ٻارو گَول ٺاهيون.
ڪپڙي جو هِڪُ سؤنٽو ٺاهِيُون
شيروءَ سان شروعات ڪَرايُون
ڦِرِ ڦِرِ سؤنٽو رَٽَ لڳائي
هَرڪو سُرُ سُرَ ساڻ مِلائي
گَول جي ٻاهران ڦِرنَدو جيئَنَ،
مؤج مچي ويندي آ تيئَنَ
وائِڙي ويڙهي جي پويان
سؤنٽو رکندو هوُ جڏهن
من ۾ کلندا پيا تڏهن.
ويڙهو جيئَنَ هوشيار ٿئي،
سؤنٽو کڻي هُنَ پٺيان ڊُڪي،
کِلي کِلي هرڪو خوش ٿئي،
خوُب مزو ٿو تڏهن اچي،
ڦِرِ ڦِرِ سؤنٽي راند مچي.
ڦِرِ ڦِرِ سؤنٽي راند رَچايون،
اچو تہ ٻارو گول ٺاهيون.

मेवनि वारो

मेवनि वारो आयो आ
मेवा खणी आयो आ
अंब खणी आयो आ
सूफ़ खणी आयो आ
चकूं खणी आयो आ
केला खणी आयो आ
अमां अमां अंबु खपे
मिठो मिठो अंबु खपे
मेवनि वारो आयो आ
मेवा खणी आयो आ ।

भाजीअ वारो

भाज़ीअ वारो आयो आहे,
आयो आहे आयो आहे ।

भींडियूं तूरियूं सायूं आहिनि,
मिर्च करेला पालक मेथी,
फूदिनो धाणा सावा आहिनि,
हरिका भाज़ी ताज़ी आहे,
भाज़ीअ वारो आयो आहे ।

गोबी मूरी लाल टमाटा,
वाङण सां गडु बसर पटाटा,
बीह कचालू पीज़ बि आहिनि,
दिलि सां तिनिखे हरिको खाए,
भाजीअ वारो आयो आहे ।

ميوَنِ وارو

ميوَن وارو آيو آ
ميوا کَڻي آيو آ
اَنب کڻي آيو آ
صوف کڻي آيو آ
چَڪُوُن کڻي آيو آ
ڪيلا کڻي آيو آ
اَمان اَمان اَنب کپي
مٺو مٺو اَنب کپي
ميوَن وارو آيو آ
ميوا کَڻي آيو آ

ڀاڄيءَ وارو

ڀاڄيءَ وارو آيو آهي،
آيو آهي آيو آهي.
ڀينڊيُون توُريُون سايُون آهن،
مِرچَ ڪريلا پالَڪَ ميٿي،
ڦودِنو ڌاڻا ساوا آهن،
هَرڪا ڀاڄِي تازي آهي،
ڀاڄيءَ وارو آيو آهي.
گوبِي موُري لال ٽماٽا،
واڱڻ سان ڳڏ بَصَرَ پَٽاٽا،
بيهَ ڪَچالوُ پيزَ بِہ آهن،
دِلِ سان تِنِ کي هَرِڪو کائي،
ڀاڄيءَ وارو آيو آهي.

तूं भी खाउ, मां भी खावां

अंबु फलनि जो राजा आहे
अंबु फलनि जो राजा आहे
पीलो आहे साओ आहे
खटो आहे मिठो आहे
अंबु फलनि जो राजा आहे
अंबु फलनि जो राजा आहे
तूं भी खाउ, मां भी खावां
गर्मीअ जो ही फलु आहे
वरी न मिलंदो, वरी न मिलंदो
अंबु फलनि जो राजा आहे
अंबु फलनि जो राजा आहे
अंबु फलनि जो राजा आहे ।

توُن ٻِي کائُ مان ٻِي کانوان

اَنبُ ڦَلن جو راجا آهي
اَنبُ ڦلن جو راجا آهي
پِيلو آهي سائو آهي
کٽو آهي مِٺو آهي
اَنب ڦلن جو راجا آهي
اَنب ڦلن جو راجا آهي
تون ٻِي کائُ مان ٻِي کانوان
گرميءَ جو هيءُ ڦل آهي
وَرِي نہ مِلندو وَرِي نہ ملندو
اَنب ڦلن جو راجا آهي
اَنب ڦلن جو راجا آهي
اَنب ڦَلنِ جو راجا آهي.

हिंदाणो

बाहिर आहे साओ-साओ
अंदरि आहे गा़ढ़ो-गा़ढ़ो
बि़ज घणेई कारा-कारा
उनजो नालो आहे हिंदाणो
खाइण में सो मिठिड़ो-मिठिड़ो
खाइण में सो थधिड़ो-थधिड़ो
अमां मूंखे लूणु हणी डे़
मौज मज़े सां खावां मां
मौज मज़े सां खावां मां ।



هِنداڻو

ٻاهِرِ آهي سائو سائو
اَندرِ آهي ڳاڙهو ڳاڙهو
ٻِجَ گهڻيئي ڪارا ڪارا
اُن جو نالو آهي هِنداڻو
کائِڻَ ۾ سو مِٺڙو مِٺڙو
کائڻ ۾ سو ٿَڌِڙو ٿَڌِڙو
اَمان مونکي لوُڻ هَڻِي ڏي
موُج مَزي سان کانوان مان
موُج مَزي سان کانوان مان.

बिजली बचायूं

पापा बटणु हेठि करे त,
बती, पंखो हले थो ।
पापा बटणु मथे करे त,
बती , पंखो , बंद थिए थो ।
जडहिं न विहूं कमरे में,
बती, पंखो बंद करियूं था ।
जडहिं न डिसूं टी.वी. गाना,
टी.वी. रेडियो बंद करियूं था ।
मुफ़्त न बिजली असीं विञायूं,
ख़्यालु रखी था उहा खपायूं ।

दरीअ वटि

जडहिं दरीअ वटि आऊं बिहां थो
आसिमान ऐं मैदान डिसां थो
सुबुह सवेरो सिजु डिसां थो
वण-टिण गुल-फुल पखी डिसां थो
गांयूं, बिली, कुतिड़ो बि डिसां थो
ईंदड़ वेंदड़ बार डिसां थो
राति दरीअ वटि अची बिहांथो
सुहिणा तारा चंडु डिसां थो !

بِجلِي بَچايوُن

پاپا بٽڻ هيٺِ ڪري تہ،
بَتِي، پنکو هلي ٿو.
پاپا بٽڻ مٿي ڪري تہ،
بَتِي، پنکو بند ٿئي ٿو.
جڏهن نہ وِهوُن ڪمري ۾،
بتي، پنکو بند ڪريون ٿا.
جڏهن نہ ڏِسوُن ٽِي وِي گانا،
ٽِي وِي ريڊيو بند ڪريون ٿا.
مُفتِ نہَ بِجلِي اَسين وِڃايون،
خِيالُ رَکِي ٿا اُها کَپايون.

دريءَ وَٽِ

جڏهن دريءَ وٽ آئون بِهان ٿو
آسمان ۽ مَئِدان ڏِسان ٿو
صبوح سويرو سِجُ ڏِسان ٿو
وَڻَ ٽِڻَ گُلَ ڦُلَ پکي ڏِسان ٿو
ڳانيوُن، ٻِلِي، ڪُتِڙو بہ ڏِسان ٿو
اِيندَڙ ويندڙ ٻارَ ڏِسان ٿو
رات دريءَ وٽ اچِي بِهان ٿو
سُهڻا تارا چنڊ ڏِسان ٿو !

मुंहिंजो कुतिड़ो

मुंहिंजो कुतिड़ो प्यारो प्यारो
सुहिणो साथी आहे प्यारो,
सजे॒ घर जी सार लहे थो
रातियूं रातियूं पिणि जागे॒ थो,
रंग संदसि आ कारो कारो,
मुंहिंजो साथी आहे न्यारो ,
मुंहिंजो कुतिड़ो प्यारो प्यारो ।

घर जे भातियुनि खे भाएं थो
चोरनि खे ही भज़ाए थो
सुहिणो साथी आहे न्यारो
मुंहिंजो साथी प्यारो प्यारो ।

लालू कुतिड़ो

लालूअ नाले कुतिड़ो आहे,
मुंहिंजी घिटीअ में रहंदो आहे ।
राति जो चौंकी डीं॒दो आहे,
भौंकी भौंकी चोर भज़ाए,
पाड़े सजे॒ में फेरिड़ा पाए,
लालूअ नाले कुतिड़ो आहे ।
डीं॒हं जो लालू खाधो खाए,
खाधो खाई सुम्हंदो आहे,
उथी पोइ पाणी पीअंदो आहे,
लालूअ नाले कुतिड़ो आहे ।

منهنجو ڪُتِڙو

منهنجو ڪُتِڙو پيارو پيارو
سُهڻو ساٿي آهي پيارو،
سڄي گهرَ جي سارَ لهي ٿو
راتِيوُن راتِيوُن پڻ جاڳي ٿو،
رنگ سندس آ ڪارو ڪارو،
منهنجو ساٿي آهي نيارو.
منهنجو ڪُتِڙو پيارو پيارو .
گهر جي ڀاتين کي ڀانئي ٿو
چورن کي هي ڀڄائي ٿو
سُهڻو ساٿِي آهي نيارو
منهنجو ساٿِي پيارو پيارو.

لالوُ ڪُتِڙو

لالوءَ نالي ڪُتِڙو آهي،
منهنجي گِهٽيءَ ۾ رهندو آهي.
رات جو چوُنڪي ڏِيندو آهي،
ڀوُنڪي ڀوُنڪي چور ڀڄائي،
پاڙي سڄي ۾ ڦيرِڙا پائي،
لالوءَ نالي ڪتڙو آهي.
ڏينهن جو لالوُ کاڌو کائي،
کاڌو کائِي سُمَهَندو آهي،
اُٿي پوءِ پاڻِي پيئَندو آهي،
لالوءَ نالي ڪُتِڙو آهي.

منهنجو ٽامِي

ڏسُ تہ ڪيئَن ٿو ڊوڙ پائي،
گول گول ٿو ڦيريُون پائي،
ٽِپُ ڏيئي ٿو بال جهَٽي،
سچُ مزيدار آ منهنجو ٽامِي.

ڏس تہ ڪيئَن ٿو هَٿُ مِلائي،
مُون سان ڪيئَن ٿو ريس پُڄائي،
ٽِپُ ڏيئِي ٿو گود چڙهِي،
سچُ مزيدار آ منهنجو ٽامِي.

ڏسُ تہ ڪيئَن ٿو سَلام ڪري
ٻِنِ پيرَنِ تي ٿو گول ڦِري،
ناز ڪري ٿو راند ڪري
سچُ مزيدار آ منهنجو ٽامِي.



मुंहिंजो टामी

डि॒सु त कीअं थो डोड़ पाए,
गोलु गोलु थो फेरियूं पाए,
टिपु डे॒ई थो बालु झटे,
सचु मज़ेदार आ मुंहिंजो टामी ।

डि॒सु त कीअं थो हथु मिलाए,
मूंसां कीअं थो रेस पुजा॒ए,
टिपु डे॒ई थो गोदि चढ़े,
सचु मज़ेदार आ मुंहिंजो टामी ।

डि॒सु त कीअं थो सलाम करे,
बि॒नि पेरनि ते थो गोल फिरे,
नाज़ करे थो रांदि करे,
सचु मज़ेदार आ मुंहिंजो टामी ।

हाथी ऐं कूओ

हाथी मामे लग़ड़ु उड़ायो
कूअे बि हिकु बियो लग़ड़ु उड़ायो,
आहे बिन्ही जे विच में झेड़ो
खेल डिसण लाइ थी वियो मेड़ो,
हाथी ड़ोरीअ खे थो खींचे
कूए बि डाढी ढिल डिनी आ,
हाथीअ खे आ ग़ुसो अची वियो
कूओ लग़ड़ सां मथे उड़ी वियो ।

हरिणी

हरिणी ओ हरिणी
आहीं तूं नचिणी
तोखे बधां घिंडिणी
फेरा पाईं फिरिणी
नची टपीं थी सारो ड़ींहुं
थधि हुजे या गरिमी मींहुं
तिखो तिखो डोड़ीं थी तूं
कंधु न किथि मोड़ीं थी तूं
सुहिणनि सुहिणनि सिङनि वारी,
सनिहिड़नि सनिहिड़नि सिङनि वारी
चंचल आहे तुंहिंजी चाल
तोसां पहुचण आहि महाल ।

هاٿي ۽ ڪوئو

هاٿي مامي لغڙ اُڏايو
ڪُوئي بہ هڪ ٻيو لغڙُ اُڏايو،
آهي ٻنهي جي وچ ۾ جهيڙو
کيل ڏسڻ لاءِ ٿي ويو ميڙو،
هاٿي ڏوريءَ کي ٿو ڪِينچي
ڪوئي بہ ڏاڍي ڍل ڏني آ،
هاٿيءَ کي آ غصو اَچي ويو،
ڪُوئو لغڙ سان مٿي اُڏي ويو.

هَرِڻي

هَرِڻي او هَرِڻي
آهين تون نَچڻي
توکي ٻَڌان گهِنڊِڻي
ڦيرا پائين ڦِرڻي
نچين ٽپين ٿي سارو ڏينهنُ
ٿَڌِ هجي يان گرمي، مِينهنُ
تِکو تِکو ڊوڙين ٿي تون
ڪَنڌُ نہ ڪِٿ موڙين ٿي تون
سُهِڻَن سُهِڻَن سِڱن واري
سَنِهڙَن سَنِهڙَن سِڱن واري
چَنچَل آهي تُنهِنجي چال
تو سان پَهُچڻ آهہ محال.

ब॒घ पखी

अछा अछा ब॒घ पखी
प्यारा प्यारा ब॒घ पखी
लंबी लंबी चुहिंब अथई
सनिहिड़ियूं डिघिड़ियूं टंगूं ब॒ई
हिक टंग ते थो बिही सघीं
मछियूं चुहिंब सां थो पकिड़ीं
अछा अछा ब॒घ पखी
प्यारा प्यारा ब॒घ पखी ।

पख्युनि चयो

पख्युनि चयो उथो उथो
सिजु उभिरियो उथो उथो
रंग रंग जो गुलु टिड़ियो
उथो उथो भाई, जल्दी उथो
पख्युनि चयो ....

सुस्ती छडि॒यो उथो उथो
डोड़ लगा॒यो उथो उथो
चुस्तु बणो चुस्तु बणो
फुड॒त बणो फुड॒त बणो
पख्युनि ....
उथो ....
उथो ....

ٻَگهہَ پَکِي

اَڇا اَڇا ٻگھ پکي
پيارا پيارا ٻگھ پکي
لنبي لنبي چُهنبَ اٿئي
سَنهڙيوُن ڊِگهڙيوُن ٽنگون ٻئي
هڪ ٽنگ تي ٿو بِهي سَگهين
مڇيوُن چُهنبَ سان ٿو پَڪڙين
اَڇا اَڇا ٻگھ پکي
پيارا پيارا ٻگھ پکي.

پَکِيُن چَيو

پَکِيُن چَيو اُٿو اُٿو
سج اُڀريو اُٿو اُٿو
رنگ رنگ جو گل ٽڙيو
اُٿو اُٿو ڀائي، جلدي اُٿو
پکين چيو ....
سُستي ڇڏيو اُٿو اُٿو
ڊوڙ لڳايو اُٿو اُٿو
چُست بڻو چُست بڻو
ڦڙت بڻو ڦڙت بڻو
پکين ....
اُٿو ....
اُٿو ....

कोरीअड़ो

कोरीअड़ो भाई कोरीअड़ो
लुचिड़ो लुचिड़ो कोरीअड़ो
अठनि टंगुनि सां कोरीअड़ो
जारि बि ठाहे अठनि तंदुनि सां
नंढिड़ा नंढिड़ा जीत थो खाए
पाण मंझां थो जारि ठाहे
उन में पंहिंजो पाण फासाए
केड़ो मूर्ख कोरीअड़ो
पंहिंजे जारि में पाणु फासाए ।

मुंहिंजी बिलिड़ी

मुंहिंजी बिलिड़ी, प्यारी प्यारी
रेशम रेशम वारन वारी ।
रंग जी आहे कारी कारी !
मुंहिंजी बिलिड़ी, प्यारी प्यारी ।

म्याऊं म्याऊं पई थी बोले
लगे थो कंहिंखे वेठी गो ल्हे
कूओ डिसी हूअ झपु हणे थी
मुंहिंजी बिलिड़ी, प्यारी प्यारी ।

प्याले में हूअ खीरु पीए थी
गोद मुंहिंजे में निंड करे थी
दादी आहे मुछुनि वारी
मुंहिंजी बिलिड़ी, प्यारी प्यारी ।

ڪوريئڙو

ڪوريئڙو ڀائي ڪوريئڙو
لُچڙو لُچڙو ڪوريئڙو
اَٺن ٽنگن سان ڪوريئڙو
جارِ ٻ ٺاهي اَٺن تندُنِ سان
ننڍڙا ننڍڙا جيتَ ٿو کائي
پاڻ منجهان ٿو جارِ ٺاهي
اُن ۾ پنهنجو پاڻ ڦاسائي
ڪيڏو مُورکُ ڪوريئڙو
پنهنجي جارِ ۾ پاڻُ ڦاسائي.

منهنجي ٻلڙي

منهنجي ٻلڙي، پياري پياري
ريشم ريشم وارن واري.
رنگ جي آهي ڪاري ڪاري!
منهنجي ٻلڙي پياري پياري.

مياؤن مياؤن پئي ٿي ٻولي
لڳيتو ڪنهن کي ويٺي ڳولهي
ڪُوئو ڏسي هوءَ جهپُ هڻيٿي
منهنجي ٻلڙي پياري پياري.

پيالي ۾ هوءَ کير پيئي ٿي
گود منهنجي ۾ ننڊ ڪريٿي
دادي آهي مُڇُنِ واري
منهنجي ٻلڙي پياري پياري.

बि॒ली आई

भ॒ज॒ु भ॒ज॒ु कूआ बि॒ली आई
लिकु लिकु कूआ बि॒ली आई
लिकी छिपी हीअ बीहंदी आहे
मारे झपु झलींदी आहे
पोइ अची पकड़ींदी आहे
मूर न पोइ छड॒ींदी आहे
ड॒ंदनि साणु कटींदी आहे
झटि में वेंदी तोखे खाई
भ॒ज॒ु भ॒ज॒ु कूआ बि॒ली आई...

بِلِي آئِي

ڀَڄُ ڀَڄُ ڪُوئا بِلِي آئِي
لِڪُ لِڪُ ڪُوئا بِلِي آئِي
لِڪِي ڇِپِي هيءَ بيِهَندي آهي
ماري جَهپُ جَهليندي آهي
پوءِ اَچِي پَڪِڙِيندِي آهي
مُور نہ پوءِ ڇڏِيندِي آهي
ڏندن ساڻ ڪَٽِيندِي آهي
جَهٽ ۾ ويندِي توکي کائِي
ڀَڄُ ڀَڄُ ڪُوئا بلِي آئِي ....

बि॒लीअ खे सुएटर डि॒यो

अमां, मुंहिंजी हीअ बि॒लिड़ी प्यारी,
थधि में ड॒के पेई वेचारी,
हिकु सुएटरु ऐं टोपु नंढो,
ठाहि मुंहिंजे बि॒लिड़ीअ जेड॒ो,
मूं बि अजु॒ पाती आ रज़ाई,
अमां सियारे जी मुंद आई ।

بِلِيءَ کي بہِ سُئيٽَر ڏِيو

اَمان منهنجي هيءَ بِلڙي پياري،
ٿَڌِ ۾ ڏڪي پيئِي ويچاري،
هڪ سُئيٽَر ۽ ٽوپ ننڍو ،
ٺاهِ منهنجي بِلڙيءَ جيڏو،
مون بہ اَڄ پاتي آ رضائِي،
اَمان سِياري جي مُندِ آئِي.

मुंहिंजी बकिरी

मुंहिंजी बकिरी मुंहिंजी बकिरी
अछी अछी मुंहिंजी बकिरी
नंढिड़नि नंढिड़नि सिङनि वारी
नंढिड़ियुनि नंढिड़ियुनि
अखियुनि वारी
डिघनि डिघनि कनन वारी
मुंहिंजी बकिरी मुंहिंजी बकिरी
प्यारी प्यारी मुंहिंजी बकिरी ।
बुख में, में-में करे थी
सावा सावा पन खाए थी
ताक़त वारो खीरु डिए थी
चइन टंगुन सां घुमे फिरे थी
नंढिड़ो नंढिड़ो पुछु लोडे थी
मुंहिंजी बकिरी मुंहिंजी बकिरी
प्यारी प्यारी मुंहिंजी बकिरी ।

مُنهِنجِي ٻَڪِرِي

مُنهِنجِي ٻَڪِرِي مُنهِنجِي ٻَڪِرِي
اَڇي اَڇي منهنجي ٻڪري
نَنڍِڙَن نَنڍِڙَن سِڱَن وارِي
نَنڍِڙيُن نَنڍِڙيُن اَکِيُن وارِي
ڊِگهَن ڊِگهَن ڪَنَن وارِي
مَنهِنجِي ٻِڪرِي منهِنجي ٻڪِري
پياري پياري منهنجي ٻڪِري.
ٻُکَ ۾، مين-مين ڪري ٿي
ساوا ساوا پَنَ کائي ٿي
طاقت وارو کيرُ ڏِئي ٿي
چَئِن ٽَنگَن سان گُهمي ڦِري ٿِي
نَنڍِڙو نَنڍِڙو پُڇُ لوڏي ٿِي
مَنهِنجي ٻِڪرِي منهنجي ٻڪِري
پِياري پياري مَنهِنجي ٻڪري.



गांइं

मुंहिंजे घर में गांइं बि आहे,
थिंडु छडियो थम तंहिंखे पाए ।

गाहु कुतिरि खडु बूसो खाए,
खाई पाणी पीअंदी आहे,
खीरु बि डाढो डींदी आहे,
वण जे छांव में विहंदी आहे,
मुंहिंजे घर में गांइं बि आहे ।

खीरु असीं सभि पीअंदा आहियूं,
खीर मां माल मिठायूं ठाहियूं,
डही बि तंहिंमां ठहंदी आहे,
डही त दिलि सां हरिको खाए,
मुंहिंजे घर में गांइं बि आहे,
गांइं बि आहे, गांइं बि आहे ।

रिढ

रिढ करीं थी बे बे बे
खाईं गाहु करीं बे बे बे
उन पशम सां आहीं ढकियल तूं
छो न उन्हीअ मां शाल बणाईं
जडहिं सभिनी खे थधि लगे थी
छो न तोखे पोइ सीउ पवे थो
पंहिंजी उन पशम ई तूं डीं थी
तंहिंमां ऊनी कपिड़ा ठहनि
सीअ तिखे खां पाण बचाईनि
रिढ दयालू केडी आहीं
मूंखे डाढी वणंदी आहीं ।

گانءِ

منهنجي گهر ۾ گانءِ بہ آهي،
گهنڊُ ڇڏيوٿم تنهن کي پائي.
گاهُ ڪُترِ کَڙ بُوسو کائي،
کائي پاڻي پيئندي آهي،
کير بہ ڏاڍو ڏيندي آهي،
وڻ جي ڇانوَ ۾ وهندي آهي،
منهنجي گهرَ ۾ گانءِ بہ آهي.
کير اَسين سَڀ پيئندا آهيون،
کير مان مال مِٺايُون ٺاهيون،
ڏَهي بہ تنهن مان ٺهندي آهي،
ڏهي تہ دل سان هرڪو کائي،
منهنجي گهرَ ۾ گانءِ بہ آهي،
گانءِ بہ آهي گانءِ بہ آهي.

رِڍَ

رِڍَ ڪَرين ٿي ٻي ٻي ٻي
کائين گاهَ ڪرين ٻي ٻي ٻي
اُن پشَم سان آهين ڍَڪيَل تون
ڇونہ اُنهيءَ مان شال ٻڻائين
جڏهن سڀني کي ٿَڌِ لڳي ٿِي
ڇونہ توکي پوءِ سيءُ پويٿو
پنهنجي اُنَ پشم ئي تونُ ڏين ٿِي
تنهن مان اوُني ڪپڙا ٺهنَ
سيءَ تِکي کان پاڻُ بچائين
رِڍَ ديالوُ ڪيڏي آهين
مونکي ڏاڍي وَڻندي آهين.

मेंहिं

कारी कारी मेंहिं असांजी,
भली भटारी मेंहिं असांजी,
थुल्ही मतारी मेंहिं असांजी,
कारी कारी मेंहिं असांजी ।

गर्मी हुन खे घणी लगे थी,
पाणीअ गप चिक मंझि विहे थी,
कारी कारी मेंहिं असांजी,
भली भटारी मेंहिं असांजी ।

रोजु खेसि चारो खारायां,
गाहु सुकल साओ खारायां
कारी कारी मेंहिं असांजी,
भली भटारी मेंहिं असांजी ।

सुबुह शाम खीरु डिए थी,
मिठिड़ो मिठिड़ो सो डिए थी,
कारी कारी मेंहिं असांजी,
भली भटारी मेंहिं असांजी ।

مينهِن

ڪاري ڪاري مينهن اَسان جي،
ڀَلي ڀَٽاري مينهن اَسان جي،
ٿُلهي مَتاري مينهن اَسان جي،
ڪاري ڪاري مينهن اَسان جي.

گرمي هُنَ کي گهڻي لڳي ٿي،
پاڻيءَ گپ چڪ منجهه وهي ٿي،
ڪاري ڪاري مينهن اَسان جي،
ڀَلي ڀَٽاري مينهن اَسان جي.

روز کيس چارو کارايان،
گاهُ سُڪل سائو کارايان،
ڪاري ڪاري مينهن اَسان جي.
ڀلي ڀَٽاري مينهن اَسان جي.

صُبح شام کيرُ ڏئي ٿي،
مِٺڙو مِٺڙو سو ڏِئي ٿي،
ڪاري ڪاري مينهن اَسان جي.
ڀَلي ڀَٽاري مينهن اَسان جي.



मूंखे बि सेखारि

कोयल कोयल !
तूं कहिं खां ग॒ाइणु सिखीअं ?
मूंखे बि सेखारि - मूंखे बि सेखारि ।
मोर मोर !
तूं कहिं खां नचणु सिखिएं ?
मूंखे बि सेखारि - मूंखे बि सेखारि ।
झिरिकी झिरिकी !
तूं कंहिं खां उड॒णु सिखीअं ?
मूंखे बि सेखारि - मूंखे बि सेखारि ।

काठ कुतिरो

काठ कुतिरा सुहिणो आहीं
राजा वांगुर लग॒ंदो आहीं
कलंगी तुंहिंजो शानु वधाए
ठाठु बाठु ऐं मानु वधाए
रंगबिरंगो लग॒ंदो आहीं
सुठो सुहिणो लग॒ंदो आहीं
तोखे ड॒िसण सां सुठो लग॒े थो
मज़ो अचे थो मज़ो अचे थो
चुहिंब अथेई सनिहिड़ी डिघिड़ी,
जहिं सां वण कुतिरींदो आहीं
तेज़ निहायत लग॒ंदो आहीं
हथि न कंहिंजे ईंदो आहीं
काठ कुतिरा सुहिणो आहीं
राजा वांगुर लग॒ंदो आहीं ।

مُونکي بِہ سيکارِ

ڪويل ڪويل!
تون ڪَنهن کان ڳائِڻُ سِکيِنءَ؟
مونکي بہ سيَکارِ - مونکي بہ سيکارِ.
مور مور!
تون ڪنهن کان نَچَڻُ سِکِئين؟
مونکي بہ سيکارِ - مونکي بہ سيکارِ.
جِهرڪي جِهرڪَيِ!
تون ڪنهن کان اُڏڻُ سِکيِئَن؟
مونکي بہ سيکار - مونکي بہ سيکار.

ڪاٺَ ڪُتِرو

ڪاٺ ڪُتِرا سُهڻو آهين
راجا وانگر لڳندو آهين
ڪَلَنگِي تنهنجو شانُ وڌائي
ٺاٺُ باٺُ ۽ مانُ وَڌائي
رَنگَ بِرَنگو لَڳَندو آهين
سُٺو سُهڻو لڳندو آهينِ
توکي ڏسڻ سان سُٺو لڳي ٿو
مزو اَچي ٿو مزو اَچي ٿو
چُهِنبَ اَٿيئي سَنِهڙِي ڊِگهڙي
جنهن سان وڻ ڪُتَرَيندو آهين
تيز نِهايَت لڳندو آهين
هَٿ نہ ڪَنهنجي اِيندو آهينِ
ڪاٺ ڪُتَرا سُهڻو آهينِ
راجا وانگرُ لڳندو آهينِ.

पोपट राजा

पोपट राजा पोपट राजा
रोज़ अचीं सोनीअ जे घर में
रोज़ वञीं टोनीअ जे घर में
छो न अचीं थो मुंहिंजे घर में ?
पोपट राजा पोपट राजा
छो न ....

मोनी राणी मोनी राणी
छो न अचां मां तुंहिंजे घर में ?
छो न ....

मूंखे लगुन था गुल फुल प्यारा
वण-टिण नाहिन तुंहिंजे घर में
तूं बि लगाइ वण-टिण घर में
रोज़ अचां मां तुंहिंजे घर में
तूं बि लगाइ ....
रोज़ अचां ....

پوپٽ راجا

پوپٽ راجا پوپٽ راجا
روز اَچين سونيءَ جي گھرَ ۾
روز وَڃين ٽونيءَ جي گھر ۾
ڇو نہ اَچين ٿو منهنجي گھرَ ۾ ؟
پوپٽ راجا پوپٽ راجا
ڇو نہ ....

موني راڻي موني راڻي
ڇونہ اَچان مان تنهنجي گھرَ ۾ ؟
ڇو نہ ....

مونکي لڳن ٿا گل ڦل پيارا
وَڻَ -ٽِڻَ ناهن تنهنجي گھرَ ۾
تون بہ لڳاءِ وَڻَ -ٽِڻَ گھرَ ۾
روز اَچان مان تنهنجي گھرَ ۾
تون بہ لڳاءِ ....
روز اَچان ....



भौंरु

मुंहिंजे घर बाग़ीचो आहे
सुहिणो प्यारो वणंदड़ु आहे
तरह तरह जा बूटा आहिनि
जिनि ते गुल फुल बीठा आहिनि
कारो-कारो भौंरु अचे थो
गुन गुन गुन गुन भौंरु अचे थो
आऊं जडहिं उन डांहुं वञा थी
तडहिं उडामी भजी वञे थो ।

मछर ड़े मछर

मछर ड़े मछर
केडा आहिनि मछर
कुंडुनि में लिकनि था
लिकी लिकी अचन था
भूं भूं कंदा अचनि था
मिठड़ी निंड फिटाइन था
डाढा चक पाइन था
गाढ़ा डिबिड़ कनि था
पीअंदे ख़ून असां जो
थुल्हा मतारा थियनि था
मछरदानी आउं लगायां
तिनि खे हिकदम दूर भजायां ।

ڀؤنرُ

منهنجي گهر باغيچو آهي
سُهڻو پيارو وڻندڙ آهي
طرح طرح جا ٻوٽا آهن
جِن تي گُل ڦُل بيٺا آهن
ڪارو ڪارو ڀؤنر اَچي ٿو
گُن گُن گُن گُن ڀؤنر اَچي ٿو
آءُ جڏهن اُن ڏانهن وَڃان ٿي
تڏهن اُڏامي ڀڄي وڃي ٿو.

مَڇَرَ ڙي مَڇَرَ

مڇر ڙي مڇر
ڪيڏا آهن مڇر
ڪُنڊُن ۾ لِڪن ٿا
لِڪي لِڪي اَچن ٿا
ڀُون ڀُون ڪندا اَچن ٿا
مِٺڙي ننڊ ڦِٽائن ٿا
ڏاڍا چَڪ پائن ٿا
ڳاڙها ڊِبڙ ڪن ٿا
پيئندي خُون اسانجو
ٿُلها مَتارا ٿِين ٿا
مڇرداني آءُ لڳايان
تن کي هڪدم دُور ڀڄايان.

कांउ

कां कां कां कां कां,
कांउ करे थो कां कां,

बियनि कांवनि खे सडे थो कांउ
रोटी खणी भजे थो कांउ,
कां कां कां कां कां,
कांउ करे थो कां कां ।

चुहिंब गसाए टिपा डेई,
टिपा डेई उडी वञे थो !
कां कां कां कां कां,
कांउ करे थो कां कां ।



ڪانءُ

ڪان ڪان ڪان ڪان ڪان،
ڪانءُ ڪري ٿو ڪان ڪان،
ٻين ڪانون کي سڏي ٿو ڪانءُ
روٽي کڻي ڀڄي ٿو ڪانءُ،
ڪان ڪان ڪان ڪان ڪان،
ڪانءُ ڪري ٿو ڪان ڪان .
چُهنب گسائي ٽِپا ڏيئي،
ٽِپا ڏيئي اُڏي وڃي ٿو!
ڪان ڪان ڪان ڪان ڪان،
ڪانءُ ڪري ٿو ڪان ڪان.

कुकड़ू कू

कुकड़ू कू भाई, कुकड़ू कू,
कुकड़ू कू भाई, कुकड़ू कू,
सुबुह सवेरो गीत थो गाईं,
सभिनी खे थो तूं जागाईं,
कीन सुम्हीं थो कुकुड़ तूं,
कुकड़ू कू भाई, कुकड़ू कू ।

नंढिड़ा बचिड़ा कुकिड़ी तुंहिंजा,
अङण सजे में पाईनि फेरा,
सारो डींहुं कनि चूं चूं चूं,
कुकड़ू कू भाई, कुकड़ू कू ।

ڪُڪِڙُو ڪُو



ڪُڪِڙُو ڪُو ڀائي، ڪُڪِڙُو ڪُو،
ڪُڪِڙُو ڪُو ڀائي، ڪُڪُڙُو ڪُو،
صبوح سويرو گيت ٿو ڳائين،
سڀني کي ٿو تون جاڳائين،
ڪين سُمهين ٿو ڪُڪڙ تون،
ڪُڪِڙُو ڪُو ڀائي، ڪُڪِڙُو ڪُو.
ننڍڙا ٻچڙا ڪُڪڙي تنهنجا،
اڱڻ سڄي ۾ پائين ڦيرا
سارو ڏينهُن ڪن چُون، چُون، چُون
ڪُڪِڙُو ڪُو ڀائي، ڪُڪِڙُو ڪُو.

मखि

मखि तुंहिंजी अजु हलंदी न चाल,
तूं हिते कीअं ईंदीअं हाण,
मुंहिंजो सारो खाधो ढकियलु आ,
छा तूं खाईंदीअं हिति हाण ?
चांवर भाज़ी बंद पिया आहिनि
फुल्का दबि॒लीअ में बंदि आहिनि
तुंहिंजी भुण भुण कीन की
बुधण में ईंदी मूंखे हाण
मौज सां वेही टेबल ते
खाईंदुसि सवादी ताम ।

مَکِ

مک تنھنجي اَڄ هَلنَدي نہ چال،
تون ھتي ڪيئنَ اِيندينءَ ھاڻ،
منھنجو سارو کاڌو ڍَڪِيَل آ،
ڇا تون کائيندينءَ ھِتِ ھاڻ ؟
چانورَ ڀاڄِي بَندِ پيا آھِن
ڦلڪا ڊَٻليءَ ۾ بَندِ آھِنِ
تنھِنجي ڀُڻ ڀُڻ ڪينَ ڪِي
ٻُڌڻَ ۾ اِيندِي مونکيَ ھاڻ
مؤج سان ويھِي ٽيبل تي
کائيندُس سَوادِيَ طعام.

माखीअ जी मखि

माखीअ मखि ठाहियो मानारो
माखी गड्ड करे थी उनमें
हथु जडहिं को लाए उनखे
तडहिं डंगु लगाए उनखे
गुलनि फुलनि ते विहंदी आहे
माखी गड्ड हूअ कंदी आहे
भूं भूं जो आवाज़ करे थी
हूअ मखि आहे माखीअ जी ।

ماکِيءَ جِي مَکِ

ماکِيءَ مَکِ ٺاھِيو مانارو
ماکِي گَڏُ ڪري ٿِي اُنِمَ
ھَٿ جَڏھِن ڪو لائِي اُنکي
تَڏھِن ڏَنگُ لڳائي اُنکي
گُلَن ڦُلَن تي وِھَندِي آھي
ماکِي گَڏُ ھوءَ ڪَندِي آھي
ڀُوُن ڀُوُن جو آواز ڪري ٿِي
ھوءَ مَک آھي ماکِيءَ جِي.

फोटो

भिति ते हिकिड़ो फोटो आहे,
बाबा तंहिंमें वेठो आहे ।
बाबा फोटे में जुवानु लग॒े थो
सुहिणो, सुठो ब॒लवानु लग॒े थो ।
हारु फोटे खे पातो आहे,
हथ जोड़े मूं ग॒ातो आहे ।
ग॒ातो गीतु मूं पंहिंजो ठाहे,
भिति ते हिकिड़ो फोटो आहे ।

فوٽو

ڀتِ تي هِڪِڙو فوٽو آهي،
بابا تنهِن ۾ وينو آهي.
بابا فوٽي ۾ جُوان لڳي ٿو،
سُهِڻو سُٺو ٻلوانُ لڳي ٿو.
هارُ فوٽي کي پاتو آهي،
هَٿَ جوڙي مونَ ڳاتو آهي.
ڳاتو گِيتُ مونَ پنهِنجو ٺاهي،
ڀتِ تي هِڪِڙو فوٽو آهي.

बाबा जो चश्मो

हीउ बाबा जो चश्मो आहे,
हीउ बाबा जो चश्मो आहे ।
गोल-गोल शीशनि वारो ,
सोनियुनि सनहिड़ियुनि ,
कानियुनि वारो ,
रखे थो दबि॒लीअ में त लिकाए ,
हीउ बाबा जो चश्मो आहे ।
बाबा हिनखे पाए थो,
पाए हू अख़बार पढ़े थो,
चिठी बि पढ़े थो चश्मो पाए ,
हीउ बाबा जो चश्मो आहे ।

بابا جو چشمو

هيءُ بابا جو چشمو آهي،
هيءُ بابا جو چشمو آهي
گول-گول شِيشَن وارو،
سونِيُنِ سَنهِڙِيُنِ ڪانِيُنِ وارو،
رَکي ٿو ڏَٻلِيءَ ۾ تہ لِڪائي،
هيءُ بابا جو چشمو آهي.
بابا هِنَکي پائي ٿو،
پائي هُو اَخبار پَڙهي ٿو،
چِٺي ٻہ پَڙهي ٿو چشمو پائي،
هيءُ بابا جو چشمو آهي.

ڳاڙھو چشمو

پاپا مونُ لاءِ آندو چشمو،
چشمو آهي ڳاڙھو ڳاڙھو.
جَڏهِن مان پايان اُهو چشمو
سَڀ ڏِسجي ٿو ڳاڙھو ڳاڙِهو
اُڀُ بِہ ڳاڙھو پَٽُ بہ ڳاڙھو
گھَرُ بِہ ڳاڙھو دَرُ بہ ڳاڙھو
چُنو بِہ ڳاڙھو مُنوُ بہ ڳاڙھو
ڪُتِڙو بِہ آ ڳاڙھو ڳاڙھو.
ماما پائي ڏِسُ هيءُ چشمو
مان بہ توکي لڳندُسِ ڳاڙھو ڳاڙھو.

गा॒ढ़ो चश्मो

पापा मूं लाइ आंदो चश्मो,
चश्मो आहे गा॒ढ़ो गा॒ढ़ो ।

जड॒हिं मां पायां उहो चश्मो
सभि डि॒सिजे थो गा॒ढ़ो गा॒ढ़ो
उभु बि गा॒ढ़ो, पटु बि गा॒ढ़ो
घरु बि गा॒ढ़ो, दरु बि गा॒ढ़ो
चुनू बि गा॒ढ़ो, मुनू बि गा॒ढ़ो
कुतिड़ो बि आ गा॒ढ़ो-गा॒ढ़ो ।

मामा पाए डि॒सु ही चश्मो
मां बि तोखे,
लगं॒दुसि गा॒ढ़ो-गा॒ढ़ो ।



جادوءَ جو چوغو

جادوءَ جو هِڪُ چوغو آهي
چوغو مونکي وَٽندو آهي
چوغو پائي مان گُمُ ٿِيان ٿِي
موٽِي ظاهر آئوُن ٿِيان ٿِي
اَمان پاتو مُنهِنجو چوغو
اُتان ڪَڍيائينِ اَنب آپوُسِي
اَنب آپوُسِي ڇا تہ وَٽي ٿو
جادوءَ جو هڪ چوغو آهي
چوغو مونکي وٽندو آهي .
چوغي مان مون گُڏِڙِي آندِي
گُڏِڙِيءَ کي مون ساڙِهي پاتِي
اُنسان گَڏجِي راندِ ڪرِيان ٿِي
جادوءَ جو هِڪ چوغو آهي
چوغو مونکي وٽندو آهي.

जादूअ जो चोग़ो

जादूअ जो हिकु चोग़ो आहे
चोग़ो मूंखे वणंदो आहे
चोग़ो पाए मां गुमु थियां थी
मोटी ज़ाहिर आऊं थियां थी
अमां पातो मुंहिंजो चोग़ो
उतां कढियाईं अंबु आपूसी
अंबु आपूसी छा त वणे थो
जादूअ जो हिकु चोग़ो आहे
चोग़ो मूंखे वणंदो आहे ।

चोग़े मां मूं गुडिड़ी आंदी
गुडिड़ीअ खे मूं साढ़ी पाती
उनसां गडिजी रांद करियां थी
जादूअ जो हिकु चोग़ो आहे
चोग़ो मूंखे वणंदो आहे ।

मुंहिंजो पलंगु

मुंहिंजे घर में मुंहिंजो पलंगु
नंढिड़ो नंढिड़ो मुंहिंजो पलंगु ।

उन ते नंढिड़ो आ विहाणो
गुलनि फुलन सां भरियल विहाणो
रंगबिरंगी चादर उन ते
गुलन-फुलन सां चादर उन ते
नंढिड़नि नंढिड़नि पावन वारो
मुंहिंजे घर में मुंहिंजो पलंगु ।

पलंग ते हिकु मां ई सुम्हां थो
उनते पंहिंजो थकु भञां थो
मुंहिंजे घर में मुंहिंजो पलंगु
नंढिड़ो नंढिड़ो मुंहिंजो पलंगु ।

منهنجو پلنگ

منهنجي گهر ۾ منهنجو پلنگ
ننڍڙو ننڍڙو منهنجو پلنگ.

اُن تي ننڍڙو آ وهاڻو
گُلن، ڦُلن سان ڀريل وهاڻو
رنگ برنگي چادر اُن تي
گلن ڦلن سان چادر اُن تي

ننڍڙن ننڍڙن پاون وارو
منهنجي گهر ۾ منهنجو پلنگ.
پلنگ تي هڪ مان ئي سمهان ٿو
اُن تي پنهنجو ٿڪ ڀڃان ٿو
منهنجي گهر ۾ منهنجو پلنگ
ننڍڙو ننڍڙو منهنجو پلنگ.

मिक्सी

ज़ूं ज़ूं ज़ूं, हले थी मिक्सी
हलाए ममी थी मिक्सी
बिजलीअ ते आ हलंदी मिक्सी
पीहंदी आ चटिणी उन में
मसाला बि पीहे तंहिं में ।

مِڪسي

زوُن زوُن هلي ٿي مِڪسي
هلائي مَمي ٿي مِڪسي
بجليءَ تي آ هلندي مڪسي
پيهندي آ چٽڻي اُن ۾
مصالح بہ پيهي تنهن ۾.

मूं वटि

मूं वटि नंढिड़ो पलंगु आहे ,
तंहिंते आऊं सुमहंदी आहियां ।

मूंखे नंढिड़ी कुर्सी आहे,
ठाठ-बाठ सां विहंदी आहियां ।

मूं वटि नंढिड़ी साईकल आहे,
तंहिंते घुंमदी-फिरंदी आहियां ।

मूंखे सुहिणा कपिड़ा आहिनि,
जेके मां पाईंदी आहियां ।

मूं वटि नंढिड़ो तोतो आहे,
तंहिंसां गडु गाईंदी आहियां ।

मूंखे नंढिड़ो बांदर आहे,
तंहिंसां नचंदी-टिपंदी आहियां ।

मूं वटि नंढिड़ी गुडिड़ी आहे,
तंहिंसां गडिजी दिलि विंदिरायां ।

مونَ وَٽِ

مونَ وَٽِ نَنڍِڙو پَلَنگُ آهي،
تنهِن تي آئون سُمهندي آهيان.
مونکي نَنڍِڙي ڪُرسي آهي،
ٺاٺَ باٺَ سان وهندي آهيان.
مون وٽ ننڍِڙي سائيڪل آهي،
تنهِن تي گهمندي ڦرندي آهيان.
مونکي سُهڻا ڪپڙا آهن،
جيڪي مان پائيندي آهيان.
مون وٽ ننڍِڙو طوطو آهي،
تنهن سان گڏ ڳائيندي آهيان.
مونکي ننڍِڙو باندر آهي،
تنهن سان نچندي ٽپندي آهيان.
مونَ وٽ ننڍِڙي گڏِڙي آهي،
تنهن سان گڏجي دل وندرايان.

घड़ियालु

टन टन टन, टन टन टन !
घिंड वजनि घड़ियाल जा,
टन टन टन,
ब़िनि सुयुनि सां ब़ारहां अंग
खुतल मंझि घड़ियाल जे
टन टन टन ।
हिक घिंड सां हिकु लगे
ब़िनि घिंडनि सां ब़ था थियनि
टिनि घिंडनि सां थियनि था टे
सारो डींहुं पियो घिंड हणे
टन टन टन, टन टन टन !

आरसी

मुंहिंजे घर जी हिक भिति ते
आहे टंगियल हिक आरसी
अछी -अछी, चम-चम चिमिके
डिघी-डिघी आरसी ।

उनजे आडो आउं बीहां थो
उनमें पंहिंजो पाणु पसां थो
आहे अजबु हीअ आरसी
कीअं ठहंदी आ आरसी ?

ममी त्यारु जड़हिं थींदी आ
तंहिंजे साम्हूं हूअ बीहंदी आ
साढ़ी ठीक ब़धी सघंदी आ
ब़ियो सींगारु बि करे सघंदी आ ।

گَهڙِيال

ٽن ٽن ٽن، ٽن ٽن ٽن!
گِهنڊَ وَڄَنِ گَهڙِيالَ جا ٽن ٽن ٽن
ٻن سُئِن سان ٻارهان اَنگ
کُتَل مَنجهِ گَهڙِيال جي ٽن ٽن ٽن .
هِڪَ گِهنڊَ سان هِڪُ لَڳي
ٻِنِ گهِنڊَنِ سان ٻَہ ٿا ٿِيَنِ
ٽِنِ گهِنڊَنِ سان ٿِيَنَ ٿا ٽي
سارو ڏينهُن پيو گِهنڊ هَڻي
ٽن ٽن ٽن، ٽن ٽن ٽن!

آرسِي

منهنجي گهر جي هِڪَ ڀِتِ تي
آهي ٽَنگِيل هِڪَ آرسِي
اَڇي اَڇي چم چم چِمڪي
ڊِگهي ڊِگهي آرسِي.
اُن جي آڏو آنءُ بيهان ٿو
اُن ۾ پنهنجو پاڻ پَسان ٿو
آهي عَجَبُ هيءَ آرسي
ڪِيئَن ٺهندِي آ آرسي؟
ممي تِيار جَڏِهن ٿيندي آ
تنهِنجي سامهون هوءَ بيهندِي آ
ساڙهي ٺِيڪ ٻَڌِي سَگهَندي آ
ٻيو سِينگارُ بہ ڪري سگهندي آ.

बासण

रोटी खाऊं बुख लॻी आ
जल्दी-जल्दी हली आ ।
ममी लाहे दाल देगिड़ो
चांवर सिपिरीअ मंझि रधा
जल्दी-जल्दी हली आ ।

पिंकी आणि वटियूं कटोरियूं
आऊं आणियां थो चमचा थाल्हियूं
आणि लसीअ जो लोटो तूं
आऊं रखां तसिरीअ में तूरियूं
जल्दी-जल्दी हली आ ।
ॾही ॿाटिलीअ मंझि ॼमी आ
भरे कटोरी उहा खणी आ
गिलासु भरियूं था मोरिये मां
जल्दी-जल्दी हली आ ।



باسڻ

روٽي کائون ٻُک لڳي آ
جلدي جلدي هلي آ.
ممي لاهي دال ديڳڙو
چانور سپريءَ منجهه رڌا
جلدي جلدي هلي آ.
پنڪي آڻ وٽيون ڪٽوريون
آءُ آڻيان ٿو چمچا ٿالهيون
آڻ لسيءَ جو لوٽو تون
آءُ رکان تسريءَ ۾ توريون
جلدي جلدي هلي آ .
ڏهي ٻاٽليءَ منجهه ڄمي آ
ڀري ڪٽوري اُها کڻي آ
گلاس ڀريون ٿا موريءَ مان
جلدي جلدي هلي آ.

मेणबती

बिजली वई बिजली वई
ॾाढी ऊंदहि थी आ वई
ममी, मेणबती का ॿारि
ऊंदहि में का जोति जलाइ ।
मेणबती जीअं जलंदी आहे
सुसंदी सुसंदी वेंदी आहे
ममी, हीअ छो रुअंदी आहे
लुड़िक अखियुनि मां कढंदी आहे
हिनजा गोढ़ा मोतियुनि जहिड़ा,
जली जली हूअ ख़तम थिए थी,
पर हूअ मोती छड़े वञे थी ।

ميڻبتي

بجلي وئي بجلي وئي
ڏاڍي اونده ٿي آ وئي
ممي، ميڻبتي ڪا ٻار
اونده ۾ ڪا جوت جلاءِ.
ميڻبتي جيئن جلندي آهي
سُسندي سُسندي ويندي آهي
ممي هيءَ ڇو رُئندي آهي
لُڙڪ اکين مان ڪڍندي آهي
هن جا ڳوڙها موتين جهڙا
جلي جلي هوءَ ختم ٿئي ٿي
پر هوءَ موتي ڇڏي وڃي ٿي.

जंड्डु

सुबुह सवेरो उथी करे,
अमां पेई जंड्डु हलाए ।
खड़, खड़, खड़, आवाज़ु करे,
अमां पेई जंड्डु हलाए ।
हिक पुड़ मथां,
बियो पुड्डु पियलु आ,
अमां पेई जंड्डु हलाए ।
हथ सां झले जंड जी हथी,
अमां पेई जंड्डु हलाए ।
अनु विझे थी जंड जे अंदर,
अमां पेई जंड्डु हलाए ।
इटीअ मंझां थो अटो निकिरे,
अमां पेई जंड्डु हलाए ।
अटे मां ठाहियूं था फुल्को,
अमां पेई जंड्डु हलाए ।
फुल्को खाई थींदुसि तगिड़ो,
अमां पेई जंड्डु हलाए ।

جَنڊُ

صُبح سَويرو اُٿِي ڪَري،
اَمان پيئِي جنڊُ هلائي.
ڪڙ ڪڙ ڪڙ آواز ڪَري،
اَمان پيئِي جنڊُ هلائي.
هِڪَ پُڙ مَٿان ٻِيو پُڙ پِيَل آ،
اَمان پيئِي جَنڊُ هلائي.
هَٿ سان جَهلي جنڊَ جي هَٿِي،
اَمان پيئِي جنڊُ هلائي.
اَنُ وِجهي ٿِي جنڊَ جي اَندر،
اَمان پيئِي جنڊُ هلائي.
اِٽيءَ مَنجهان ٿو اَٽو نِڪري،
اَمان پيئِي جنڊُ هلائي.
اَٽي مان ٺاهِيون ٿا ڦُلڪو،
اَمان پيئِي جنڊُ هلائي.
ڦُلڪو کائي ٿيندُسِ تَگِڙو،
اَمان پيئِي جنڊُ هلائي.

गमलो

टेबल ते हिकु गमलो आहे
मोतियुनि जो हिकु गमलो आहे,
गमले में हिकु बूटो आहे
बूटे में के गुल-फुल आहिनि,
का बि भाण जी नाहे ज़रूरत
प्लासटिक जो ही बूटो आहे
प्लास्टिक जा ही गुल-फुल आहिनि
ही सभु मुंहिंजीअ भेण बणायो
जंहिंखे मूं आहे साराहियो ।

टोकरी

डि॒सो डि॒सो टोकरी,
मुंहिंजी नंढी टोकरी,
गुलनि जी टोकरी,
टोकरीअ में गुल आहिनि,
गुलाब जा गुल आहिनि,
गा॒ढ़ा पीला गुल आहिनि,
डि॒सो मुंहिंजी टोकिरी,
नंढी नंढी टोकरी,
मोतिए जा गुल आहिनि,
अच्छा अच्छा गुल आहिनि,
नंढी नंढी टोकरी,
गुलनि जी टोकरी ।

گَملو

ٽيبل تي هِڪُ گَملو آهي
موتِيُن جو هِڪُ گملو آهي،
گَملي ۾ هِڪُ ٻُوٽو آهي
ٻوٽي ۾ ڪي گُلَ-ڦُلَ آهن،
ڪابِہ پاڻَ جِي ناهي ضَرورَت
پلاسٽِڪ جو هِي ٻُوٽو آهي
پلاسٽِڪ جا هِي گُل-ڦُلَ آهن
هِي سڀُ مُنهِنجيءَ ڀيڻ ٻَڻايو
جنهنکي مونُ آهي ساراهِيو.

ٽوڪِري

ڏِسو ڏِسو ٽوڪِري،
منهنجي ننَڍِي ٽوڪري،
گُلن جي ٽوڪري،
ٽوڪريءَ ۾ گُلَ آهن،
گُلابَ جا گُلَ آهن،
ڳاڙِها پِيلا گُلَ آهن،
ڏِسو مُنهِنجِي ٽوڪري،
ننڍِي ننڍِي ٽوڪري،
موتِئَي جا گُلَ آهن،
اَڇا اَڇا گُلَ آهن،
ننڍِي ننڍِي ٽوڪري،
گُلن جي ٽوڪِري.

चिबि॒रो

चिबि॒रा छो थो ईएं करीं
ही कहिड़ा आवाज़ कढीं
रंगु आ तुंहिंजो झिरिकीअ जहिड़ो
मेरो अछो हल्को भूरो
अखियूं हलाए हेडां॒हं होडां॒ह
नकु त तुंहिंजो तोते जहिड़ो
राति में तूं अचीं किथांथो
डीं॒हं जो तूं केडां॒हं वञी थो
छा खाईं थो मूंखे बुधाइ
चुप चुप छो आहीं समझाइ
चिबि॒रा छो थो ईएं करीं तूं
ही कहिड़ा आवाज़ कढीं थो ?

چِبرو

چِبرا چو تو اِئين ڪَرين
هيءُ ڪَهڙا آواز ڪَڍين .
رَنگُ آ تنهنجو جِهرڪيءَ جَهڙو
ميرو اڇو هَلڪو ڀورو
اکيون هَلائي هيڏانهن هوڏانهن
نَڪُ تہ تنهنجو طوطي جَهڙو
رات ۾ تونُ اَچين ڪِٿان تو
ڏينهنَ جو تونُ ڪيڏانهن وَڃين تو
ڇا کائين تو مونُکي ٻُڌاءِ
چُپُ چُپُ چو آهين سَمجهاءِ
چِبرا چو تو اِئين ڪَرين تون
هيءُ ڪَهڙا آواز ڪَڍين تو ؟

तितिली

डि॒सो गुलनि ते तितिली आई,
रंगबिरंगी तितिली आई ।
सुहिणी सुहिणी तितिली आई,
डि॒सो गुलनि ते तितिली आई....

अगि॒यां अचण सां भजी॒ वञे थी,
घणनि गुलनि में लिकी वञे थी,
लिक छिप मूंसां रांदि करे थी,
सुहिणी सुहिणी तितिली आई,
डि॒सो गुलनि ते तितिली आई....

تِتلِي

ڏسو گُلَن تي تِتلِي آئي،
رَنگ بِرنگي تِتلي آئي.
سُهڻي سُهڻي تِتلِي آئي،
ڏسو گُلن تي تتلي آئي ......

اَگيان اَچڻ سان ڀڳي وڃي ٿي،
گهڻن گُلن ۾ لِڪي وڃي ٿي،
لِڪَ ڇپَ مون سان راند ڪَري ٿي،
سُهڻِي سُهڻِي تِتلِي آئي.
ڏسو گُلن تي تِتلِي آئي ....

चंदा मामा

चंदा मामा चंदा मामा
रोज़ु डिसां थो तोखे उभ में
रोज़ु रहीं थो घटिजंदो वधंदो
छो न रहीं थो तूं हिकजहिड़ो
चंदा मामा चंदा मामा ।
कड़हिं गोलु तूं आहीं फुल्को
कड़हिं वरी आहीं अधु फुल्को
कड़हिं बणी थो सनिहिड़ो लीको
चंदा मामा चंदा मामा ।

چَندا ماما

چَندا ماما چَندا ماما
روزُ ڏسان ٿو توکي اُڀَ ۾
روزُ رَهين ٿو گھٽجندو وڌندو
ڇونہ رَهين ٿو تونَ هِڪجھڙو
چَندا ماما چندا ماما.
ڪَڏهن گولُ تونُ آهين ڦُلڪو
ڪَڏهن وَري آهين اَڌُ ڦُلڪو
ڪَڏهن بَڻجي ٿو سَنهڙو ليڪو
چندا ماما چندا ماما.



चंदा मामा

चंदा मामा हेठि लही आ
तारनि खे बि साणु वठी आ
चंदा मामा हेठि लही आ.......

मां हुननि खे दोस्त बणायां
मां हुननि सां नचां टिपां
चंदा मामा हेठि लही आ.......

गडिजी गडिजी रांदि कंदासीं
मौज मचाए खुशु थींदासीं
चंदा मामा हेठि लही आ.......

چندا ماما

چندا ماما هيٺ لهي آ
تارَنِ کي بہ ساڻُ وٺي آ
چندا ماما هيٺ لهي آ .....

مان هُنَنِ کي دوست بڻايان
مان هُننِ سان نَچان ٽِپان
چندا ماما هيٺ لهي آ ....

گَڏجي گَڏجي راندِ ڪنداسين
مؤج مچائي خوش ٿينداسين
چندا ماما هيٺ لهي آ ...

नोड़ीअ रांदि

मुकेश, मीना, गीता, दुर्गा
अचो-अचो रांदि करियूं

नोड़ीअ-नोड़ीअ रांदि करियूं
टिपन डियण रांदि करियूं ।

वारे सां नोड़ी टिपंदासी
हिकु हिकु थी अगिते वधंदासी

हिकु छेड़ो हीरो झलींदो
बियो छेड़ो विजू झलींदो ।

गोल-गोल नोड़ी फिरंदी वेंदी,
रक्शा टिपा डींदी वेंदी ।

نوڙيءِ راندِ

مُڪيش مينا گيتا دُرِگا
اَچو اَچو راندِ ڪَريوُن

نوڙيءَ نوڙيءَ راندِ ڪريون
ٽِپَنِ ڏِيَڻ راند ڪريون
واري سان نوڙي ٽِپنداسين
هِڪُ هِڪُ ٿي اَڳِتي وڌنداسين
هڪ ڇيڙو هيرو جَهلِيندو
ٻيو ڇيڙو وِجوُ جَهلِيندو
گَول گول نوڙي ڦِرَندي ويندِي
رَکِشا ٽِپا ڏِيندِي ويندِي.

फणी

हीअ अमां जी फणी
नासी नासी फणी
तिखी तिखी फणी
घाटी घाटी फणी
हीअ अमां जी फणी
वार संवारे फणी
जूं बि कढे थी फणी
नासी नासी फणी
हीअ अमां जी फणी ।



قڪي

هيءَ اَمان جِي ڦڻي
ناسِي ناسِي ڦَڻي
تِکي تِکي ڦڻي
گھاٽِي گھاٽِي ڦڻي
هيءَ اَمان جِي ڦڻي
وار سَنواري ڦڻي
جُوَن بہ ڪڍي ٿِي ڦڻي
ناسِي ناسِي ڦڻي
هيءَ اَمان جِي ڦڻي.

फ़्राकु

ममी मूंखे पाइ फ़्राकु
साओ गाढ़ो पाइ फ़्राकु
रंगा रंगी पाइ फ़्राकु
गुलन वारो पाइ फ़्राकु ।

फिर-फिर फेरियूं,
फिर-फिर फेरियूं
गुडिड़ीअ जे शादीअ ते पायां
ठेंग टिपा मां ठेंग टिपा
फ़्राकु पाए मां जाम डियां ।

नचां टिपां ऐं खिलां कुडां
फ़्राकु पाए जाम कुडां
साहिड़ीअ जे घर घुमी अचां
फ़्राकु पाए घुमी अचां ।

فِراڪُ

مَمِي مونکي پاءِ فِراڪُ
سائو ڳاڙهو پاءِ فراڪ
رنگارَنگِي پاءِ فراڪ
گُلن وارو پاءِ فراڪ.
ڦِر ڦِر ڦيرِيُون، ڦِر ڦِر ڦيرِيونُ
گُڏڙيءَ جي شاديءَ تي پايان
ٺينگ ٽِپا مان ٺينگ ٽپا
فراڪ پائي مان جامَ ڏِيان.
نَچان ٽِپان ۽ کِلان ڪُڏان
فِراڪُ پائي جامَ ڪُڏان
ساهڙِيءَ جي گَهر گهُمِي اَچان
فِراڪ پائي گهُمِي اَچان.

मूंखे वणे थो

गुल जो हीउ टिड़णु
मूंखे डा॒ढो वणे थो
डा॒ढो वणे थो ।
पोपट जो हीउ उड॒णु
मूंखे डा॒ढो वणे थो
डा॒ढो वणे थो ।
कोयल जो हीउ कूकणु
मूंखे डा॒ढो वणे थो
डा॒ढो वणे थो ।
मोर जो हीउ नाचु
मूंखे डा॒ढो वणे थो
डा॒ढो वणे थो ।
मींहं जो हीउ छम छम
मूंखे डा॒ढो वणे थो
डा॒ढो वणे थो ।



مُونکي وڻي ٿو

گل جو هيءُ ٽِڙَڻُ
مونکي ڏاڍو وڻي ٿو
ڏاڍو وڻي ٿو.
پوپٽ جو هيءُ اُڏَڻُ
مونکي ڏاڍو وڻي ٿو
ڏاڍو وڻي ٿو.
ڪويل جو هيءُ ڪوڪَڻُ
مونکي ڏاڍو وڻي ٿو
ڏاڍو وڻي ٿو.
مورَ جو هيءُ ناچُ
مونکي ڏاڍو وڻي ٿو
ڏاڍو وڻي ٿو.
مينهنَ جو هيءُ ڇم ڇم
مونکي ڏاڍو وڻي ٿو
ڏاڍو وڻي ٿو.



मामा जी शादी

अजु मामा जी आहे शादी
नानीअ जे घर वेंदासीं
ख़ूबु मिठायूं खाईंदासीं
पपा हलंदो ममी बि हलंदी
दीदी हलंदी पुफी बि हलंदी
अजु मामा जी आहे शादी
नानीअ जे घर वेंदासीं
अमां मूं लाइ आहि फ़्राकु ठहिरायो
पाए ख़ूबु नचंदासीं
नानीअ जे घर वेंदासीं
अजु मामا जी आहे शादी
नानीअ जे घर वेंदासीं ।

ماما جِي شادِي

اَڄ ماما جي آهي شادي
نانيءَ جي گهر وينداسين
خوُب مِٺايون کائينداسين
پَپا هَلندو مَمِي بہ هَلندي
ديدي هلندي پُڦِي بِہ هَلندي
اَڄ ماما جي آهي شادي
نانيءَ جي گهر وينداسين
اَمان مون لاءِ آهِ فِراڪُ ٺهِرايو
پائي خوُب نَچَنداسين
نانيءَ جي گهر وينداسين
اَڄ ماما جي آهي شادي
نانيءَ جي گهر وينداسين.

ड्रामो

ड्रामो आहे ड्रामो आहे
हीउ स्कूली ड्रामो आहे,
राजू बणिजंदो हाथी दादा
श्यामू बणिजंदो भालू दादा,
ड्रामे में मां जोकर आहियां
जोकर थी सभ खे विंदिरायां,
ब़ारन खे थो ख़ूबु खिलायां
ड्रामो आहे ड्रामो आहे
हीउ स्कूली ड्रामो आहे ।

ڊِرامو

ڊِرامو آهي ڊِرامو آهي
هيءَ اِسڪولي ڊرامو آهي
راجوُ بڻجندو هاٿِي دادا
شيامُوُ بڻجندو ڀالوُ دادا،
ڊرامي ۾ مان جوڪَرُ آهيان
جوڪَرُ ٿي سڀ کي وِندِرايان
ٻارَنِ کي ٿو خوُب کِلايان
ڊرامو آهي ڊرامو آهي
هيءُ اِسڪولي ڊرامو آهي.

ॾियारी

बाबा ॾियारी आई आ
बाबा ॾियारी आई आ
डीया बतियूं ॿारियूं था
नवां कपिड़ा पायूं था
सभि फटाका ॿारियूं था
सुठी बहार आई आ
बाबा ॾियारी आई आ
बाबा ॾियारी आई आ ।

ڏياري

بابا ڏياري آئي آ
بابا ڏياري آئي آ
ڏيئا ٻتيون ٻاريون ٿا
نوان ڪپڙا پايون ٿا
سڀ ڦٽاڪا ٻاريون ٿا
سُٺي بهار آئي آ
بابا ڏياري آئي آ
بابا ڏياري آئي آ.

प्यारी प्यारी ॾियारी

ॾियारी आई ॾियारी आई
प्यारी प्यारी ॾियारी आई
ॾीअनि वारी ॾियारी आई
मिठायुनि वारी ॾियारी आई
फटाकनि वारी ॾियारी आई
रोशनाईअ वारी ॾियारी आई
ख़ुशियुनि वारी ॾियारी आई
तो लाइ मूं लाइ ॾियारी आई
सभिनी लाइ ॾियारी आई
ॾियारी आई ॾियारी आई ।



پياري پياري ڏياري

ڏياري آئي ڏياري آئي
پياري پياري ڏياري آئي
ڏيئن واري ڏياري آئي
مٺاين واري ڏياري آئي
ڦٽاڪن واري ڏياري آئي
روشنائيءَ واري ڏياري آئي
خوشين واري ڏياري آئي
تولاءِ مون لاءِ ڏياري آئي
سڀني لاءِ ڏياري آئي
ڏياري آئي ڏياري آئي.

ميلي ۾

هلو تہ هلوُن ميلي ۾
گُهمَڻ هلوُن ميلي ۾
ميلي ۾ چوڏيل هلَنِ
ڦِرِڻيوُن ڀي ٿِيوُن اُتي ڦِرَنِ
کيل تماشا خوُب ٿِين
رانديڪا ڀِي جامَ مِلَنِ
ميلي ۾ رَشِ ڏاڍي آهي
مونکي ڪائي پَرواهہ ناهي
پاپا جو هَٿُ پَڪڙي هَلَندُسِ
پوءِ مان گم ٿي موُرِ نہ ويندُسِ
پوءِ مان گم ٿي موُرِ نہ ويندُسِ.

मेले में

हलो त हलूं मेले में
घुमण हलूं मेले में
मेले में चौडे़ल हलनि
फ़िरिणियूं भी थियूं उते फ़िरनि
ख़ेल तमाशा ख़ूबु थियनि
रांदीका भी जाम मिलन
मेले में रश डाढी आहे
मूंखे काई परिवाह नाहे
पापा जो हथु पकिड़े हलंदुसि
पोइ मां गुम थी मूरि न वेंदुसि
पोइ मां गुम थी मूरि न वेंदुसि ।

उठु

पाण त आहे वडो वडो
पुछु अथसि पर नंढो नंढो
आह पुठीअ ते खुबु निकितलु
उहो पसूं अगु नाहि डिठलु
वेठो आ जणु बीठो आहे
उथी बिहे त पहाड़ु लगे
पेर वडा जण थाल्हीअ जेडा
पंध कंदो आहे हू केडा
टंगूं डिघियूं ऐं सनहिड़ियूं आहिनि
बारु घणो से खणंदियूं आहिनि
सारो डींहुं पियो चरंदो आ,
बाबा तुंहिंजो नालो छा ?
बुचिड़ा उन खे उठु चइजे
लुडी लमी थो हले हले
रंभ करणु उन जो आवाज़ु
बरपट जो ही आहि जहाज़ु ।

اُٺَ

پاڻ تہ آهي وَڏو وَڏو
پُڇُ اَٿس پَرَ ننڍو ننڍو
آهہ پنيءَ تي کُبُ نِڪتَل
اُهو پَسُون اَڳُ ناهِہ ڏٺل.
ويٺو آ جَڻُ بيٺو آهي
اُٿي بيهي تہ پهاڙ لڳي
پير وڏا جڻ ٿالهيءَ جيڏا
پنڌُ ڪندو آهي هوُ ڪيڏا
ٽَنگوُن ڊَگهِيوُن ۽ سَنهِڙيوُن آهن
بارُ گهڻو سي کڻنديون آهن
سارو ڏينهن پيو چرندو آ
بابا تنهنجو نالو ڇا؟
بچڙا اُن کي اُٺُ چئجي
لُڏي لمي ٿو هلي هلي
رَنڀ ڪرڻُ اُنجو آواز
بَرَپَٽَ جو هي آهہ جَهاز.



हाथी

हेॾो वॾो हाथी ! बाप रे बाप ,
पहाड़ जेॾो हाथी ! बाप रे बाप,
हेॾी वॾी वॾी सूंढि ! बाप रे बाप ,
हेॾा वॾा वॾा कन ! बाप रे बाप ,
हेॾा वॾा वॾा ॾंद ! बाप रे बाप,
हेॾा वॾा वॾा पेर ! बाप रे बाप ।
आयो आयो हाथी ,
पहाड़ जेॾो हाथी ,
हेॾो वॾो हाथी - बाप रे बाप !

घोड़ो

टी. वी.अ ते मूं ॾिठो आ घोड़ो,
अछो घोड़ो - सुहिणो घोड़ो ।

हकल करण सां हले पियो घोड़ो
तेज़ तिखो डोड़े पियो घोड़ो
टी. वी.अ ते मूं ॾिठो आ घोड़ो
अछो घोड़ो - सुहिणो घोड़ो ।

बीठे बीठे खाए पियो घोड़ो,
बीठे बीठे सुम्हें पियो घोड़ो,
टी. वी.अ ते मूं ॾिठो आ घोड़ो,
अछो घोड़ो - सुहिणो घोड़ो ।

هاٿي

هيڏو وَڏو هاٿي! باپ ري باپ،
پهاڙ جيڏو هاٿي! باپ ري باپ،
هيڏي وَڏي وَڏي سونڍِ! باپ ري باپ،
هيڏا وڏا وڏا ڪَن! باپ ري باپ،
هيڏا وڏا وڏا ڏَند! باپ ري باپ،
هيڏا وڏا وڏا پيرَ! باپ ري باپ.
آيو آيو هاٿي،
پهاڙ جيڏو هاٿي،
هيڏو وَڏو هاٿي - باپ ري باپ !

گهوڙو

ٽي. ويءَ تي مون ڏٺو آ گهوڙو،
اَڇو گهوڙو سُهڻو گهوڙو.
هَڪَلَ ڪَرَڻ سان هَلي پيو گهوڙو
تيز تِکو ڊوڙي پيو گهوڙو
ٽي. ويءَ تي مون ڏِٺو آ گهوڙو
اَڇو گهوڙو - سهُڻو گهوڙو.
ٻيٺي ٻيٺي کائي پيو گهوڙو
ٻيٺي ٻيٺي سُمهي پيو گهوڙو،
ٽي. ويءَ تي مونُ ڏٺو آ گهوڙو،
اَڇو گهوڙو - سهُڻو گهوڙو.

मूं डॖे आउ

झिरिकी-झिरिकी मूं डॖे आउ
मुंहिंजे हथ सां दाणो खाउ
चीं-चीं ख़ूबु करीं थी तूं
छा खारायो तोखे माउ ?

तोता तोता मूं डॖे आउ
मुंहिंजे हथ सां मेवो खाउ
टीऊं टीऊं ख़ूबु करीं थो
छा खारायो तोखे माउ ?

ॻेरा ॻेरा मूं वटि आउ
मुंहिंजे हथ सां जूअर खाउ
घू-घू ख़ूबु करीं थो वेही
छा खारायो तोखे माउ ?

ओ कांवेली मूं डॖे आउ
मुंहिंजे हथ सां लोलो खाउ
कां-कां ख़ूबु करीं थी तूं
छा खारायो तोखे माउ ?

مُونڏي آءُ

جِهرِڪِي جِهرِڪِي - مُوں ڏي آءُ
منهنجي هٿ سان - داڻو کاءُ
چِيِن چِيِن خُوب ڪَرِين ٿِي تونُ
چا کارايو - توکي ماءُ؟

طوطا طوطا- مونُ ڏي آءُ
منُهِنجي هَٿَ سان - ميوو کاءُ
ٽيئُون ٽيئُون خُوب ڪَرِين ٿو.
چا کارايو - توکي ماءُ ؟

ڳيرا ڳيرا مون وٽ آءُ
منُهِنجي هَٿَ سان جوُئَرِ کاءُ
گهوُ گهوُ خوُب ڪرَين ٿو ويهي
چا کارايو - توکي ماءُ؟

او ڪانويلِي - مونُ ڏي آءُ
منُهنِجي هَٿَ سان لولو کاءُ
ڪان-ڪان خوُب ڪَرِينِ ٿِي تونُ
چا کارايو - توکي ماءُ؟



गड॒हु

हीउ कुंभर जो गड॒हु आहे
मेरो अछो गड॒हु आहे
हींग डि॒ए थो ढेचू ढेचू
घोड़े वांगुरु हिनजूं वाछूं
हिन जो मुंहुं आ घोड़े जहिड़ो
कन बि आहिनि घोड़े जहिड़ा
बारु रखूं त बि चुप चुप आहे
सभ कुछु खाई वेंदो आहे
डा॒ढो सादो सूदो आहे
हीउ कुंभर जो गड॒हु आहे
मेरो अछो गड॒हु आहे ।

گَڏَھُ

هيءُ ڪُنڀَرَ جو گَڏَھُ آهي
ميرو اَڇو گڏھ آهي
هينِگَ ڏِئي ٿو ڍينچو ڍينچو
گهوڙي وانگرُ هِنَجوُن واڇوُن
هن جو مُنهنُ آ گهوڙي جهِڙو
ڪَنَ بہ آهن گهوڙي جَهِڙا
بار رَکوُن تہ َبہِ چُپ چُپ آهي
سڀ ڪُجهُ کائي ويندو آهي
ڏاڍو سادو سوُدو آهي
هيءُ ڪُنڀَرَ جو گَڏَھُ آهي
ميرو اَڇو گَڏَھُ آهي.

होली आई

होली आई होली आई
रंगनि वारी होली आई
गुल गुलाली होली आई
पिचिकारीअ वारी होली आई
गिदिरनि वारी होली आई
कोसा कोसा गीहर खाऊं
हिक बि॒ये खे पोइ गले लगा॒यूं ।

هولِي آئِي

هولِي آئِي هولِي آئِي
رَنگَنِ وارِي هولِي آئِي
گُل گُلالي هولِي آئِي
پِچڪاريءَ وارِي هولي آئي
گِدِرَنِ وارِي هولي آئي
ڪوسا ڪوسا گِيهَرَ کائوُن
هِڪَ ٻئي کي پوءِ گَلي لَڳايوُن.

नंढिड़ा वडिड़ा पखी

नढिड़ा वडिड़ा पखी आहिनि
नचनि टिपनि ऐं उडनि कुडनि

चीं-चीं झिरिकी गाए थी
दाणो-पाणी खाए थी
वण ते फेरियूं पाए थी

साओ साओ तोताराम
सावा सावा मिर्च खाए
मिठूअ मिठूअ जी रट लगाए

कारी कारी कोयल आहे
प्यारी प्यारी कोयल आहे
मिठिड़ा मिठिड़ा गीत बुधाए

मोरु पखियुनि जो राजा आहे
नीरी कलंगीअ वारो आहे
नाचु नचे थो पर फहिलाए ।

نَنڍِڙا وَڏِڙا پَکِي

نَنڍِڙا وَڏِڙا پَکِي آهن
نَچَنِ ٽِپَنِ ۽ اُڏَنِ ڪُڏَنِ

چِين چِين جهرڪي ڳائي ٿِي
داڻو پاڻِي کائي ٿِي
وَڻَ تي ڦيريُون پائي ٿِي

سائو سائو طوطا رام
ساوا ساوا مِرچَ کائي
مِٺوءَ مِٺوءَ جي رَٽَ لڳائي

ڪارِي ڪارِي ڪوئل آهي
پيارِي پيارِي ڪوئل آهي
مِٺڙا مِٺڙا گيتَ ٻُڌائي

مورُ پَکِيُنِ جو راجا آهي
نيرِي ڪلنگيءَ وارو آهي
ناچُ نَچي ٿو پَرَ ڦهلائي.

सियारे जी मुंद

सियारे जी मुंद आई आहे,
हरिको कोट सुएटर पाए ।

सीअ में डा॒ढो मांदो आहियां,
हर हर चांहिं बि पिअंदो आहियां,
सवड़ि में ई सुम्हंदो आहियां,
अमां डे॒ गु॒ड़ जो लोलो ठाहे,
सियारे जी मुंद आई आहे ।

बि॒ली बि उस में वेठी आहे,
मुंहं खे वेठी आहे लिकाए,
खेसि त चिंता काई नाहे,
रोटीअ वक्त बि रोटी खाए,
सियारे जी मुंद आई आहे ।

सीउ ऐं गर्मी

सीउ पवे थो सियारे में
उस वणे थी सियारे में
सुएटर शालूं पायूं था,
गरम पकोड़ा खाऊं था ।

गर्मी थिए ऊन्हारे में
पघरु ग॒ड़े ऊन्हारे में
हल्का कपिड़ा पायूं था,
गं॒ढा कुल्फ़ियूं खाऊं था ।

سِياري جِي مُندَ

سِياري جِي مُندَ آئِي آهي،
هرڪو ڪوٽ سُئيٽر پائي.

سيءَ ۾ ڏاڍو ماندو آهِيان،
هَرَ هَرَ چانهه بِہ پِئندو آهِيان،
سَوَڙِ ۾ ئِي سُمَهَندو آهِيان،
اَمان ڏي ڳُڙ جو لولو ٺاهي،
سِياري جِي مُندَ آئِي آهي.

ٻلي بِہ اُسَ ۾ ويٺِي آهي،
مُنهنَ کي ويٺِي آهي لِڪائي،
کيسِ تَہ چِنتا ڪائِي ناهي،
روٽيءَ وقت بِہ روٽِي کائي،
سِياري جِي مُندَ آئِي آهي.

سيءُ ۽ گرمي

سيءُ پوي ٿو سِياري ۾
اُس وڻي ٿِي سِياري ۾
سُئيٽر شالوُن پايوُن ٿا،
گرم پڪوڙا کائوُن ٿا.

گرمي ٿِئي اونِهاري ۾
پگهرُ ڳڙي اونُهاري ۾
هِلڪا ڪَپِڙا پايوُن ٿا،
ڳَنڍا ڪُلفِيوُن کائوُن ٿا.

सीउ पवे थो

सीउ पवे थो सीउ पवे थो
ममी मूंखे सीउ पवे थो,
सुएटर ड॒े टोपी ड॒े
थुल्हो थुल्हो कोटु ड॒े
हथ पेर था ठरी वञनि
बूटु ऐं जोराब ड॒े
सीउ पवे थो सीउ पवे थो
ममी मूंखे सीउ पवे थो ।

सीउ आयो

सीउ आयो सीउ आयो
पापा मूं लाइ कोटु सिबायो
सीउ आयो सीउ आयो ।
कुतो डाढो ड॒के थो
कू कू करे कंबे थो
कुते लाइ बि कुछु ठहिरायो ।
सीउ आयो सीउ आयो
पापा मूं लाइ कोटु सिबायो
कुते लाइ बि कोटु सिबायो ।

سيِءُ پَوي ٿو

سيِءُ پَوي ٿو سيِءُ پَوي ٿو
مَمِي مُونکي سِيءُ پوي ٿو
سُئيٽَر ڏي ٽوپِي ڏي
ٿُلِهو ٿُلِهو ڪوٽُ ڏي
هَٿَ پيرَ ٿا ٺَري وَڃِنِ
بُوٽَ ۽ جورابَ ڏي
سيءُ پوي ٿو سيءُ پوي ٿو
مَمِي مونکي سِيءُ پوي ٿو.

سيِءُ آيو

سيِءُ آيو سيِءُ آيو
پاپا مونلاءِ ڪوٽُ سِبايو
سِيءُ آيو سيِءُ آيو
ڪُتو ڏاڍو ڏڪي ٿو
ڪُوڪُو ڪَري ڪَنبي ٿو
ڪُتي لاءِ بہ ڪُڇُ ٺهِرايو
سيِءُ آيو سيِءُ آيو
پاپا مونلاءِ ڪوٽُ سبايو
ڪُتي لاءِ بِہ ڪوٽُ سِبايو.

गर्मी आहे

ममी डाढी गर्मी आहे
मूंखे तूं लसी डे,
लसी डे लसी डे ।
लसी जे न हुजे त,
जूस डे जूस डे
ममी मूंखे जूस डे,
जूस डे जूस डे ।
जूस जे न हुजे त,
मूंखे तूं शरबत डे
ममी मूंखे शरबत डे,
शरबत डे शरबत डे ।
शरबत जे न हुजे त,
थधो थधो पाणी डे ।

گَرمِي آهي

مَمِي ڏاڍي گَرَمِي آهي
مونُکي تونُ لسِي ڏي
لَسِي ڏي لَسِي ڏي
لَسِي جي نہ هُجي تہ
جوُس ڏي جوُس ڏي
مَمِي مونکي جوُس ڏي
جوُس ڏي جوُس ڏي.
جوُس جي نہ هُجي تہ
مونُکي تونُ شَرِبَتُ ڏي
مَمِي مونکي شَرِبَتُ ڏي
شَرِبَتُ ڏي شَرِبَتُ ڏي
شَرِبَتُ جي نہ هُجي تہ
ٿَڌو ٿَڌو پاڻِي ڏي.

छा तारा बि वडा थींदा ?

सिजु वडो आ चंडु वडो आ
तारा आहिनि नंढिड़ा नंढिड़ा
ममी वडी आ पापा वडो आ
बार आहिनि नंढिड़ा नंढिड़ा
ममी मूंखे बुधाइ तूं
पापा मूंखे बुधाइ तूं
जडहिं मां थींदुसि वडो वडो
छा तारा बि थींदा वडा ?

ڇا تارا بہ وَڏا ٿيندا؟

سِجُ وڏو آ چَنڊُ وڏو آ
تارا آهن ننَڍڙا ننَڍڙا.
مَمِي وَڏِي آ پاپا وَڏو آ
ٻارَ آهِنِ ننَڍڙا ننَڍڙا.
مَمِي مُونکي ٻُڌاءِ تُون
پاپا مُونکي ٻُڌاءِ تُون
جَڏهَنِ مان ٿيندُسِ وَڏو وَڏو
ڇا تارا بہ ٿيندا وڏا؟

बर्सात

बर्सात आई बर्सात आई
छम छम छम बर्सात आई ।
मोरु नचे थो पंख फैलाए
बार नचन था मौज मचाए
रामूं नचंदो शामूं नचंदो
मूं सां गडिजी दामूं नचंदो,
बर्सात आई बर्सात आई
छम छम छम बर्सात आई ।

بَرِسات

بَرِسات آئِي بَرِسات آئِي
ڇم ڇم ڇم برسات آئِي.
مورُ نَچِي ٿو پَنکَ ڦهِلائي
ٻارَ نَچَن ٿا موَج مَچائي
رامُون نَچَندو شامُون نَچَندو
مونُ سان گَڏِجي دامُون نَچَندو
بَرِسات آئِي بَرِسات آئِي
ڇم ڇم ڇم برسات آئِي.

मींहं अचु

अचु अचु अचु मींहं
अचु अचु अचु
वसु वसु वसु मींहं
वसु वसु वसु
ज़ोर सां वसु मींहं,
वसु वसु वसु,
तकिड़ो तकिड़ो वसु मींहं,
वसु वसु वसु,
तरसु थोरो तरसु मींहं
तरसु तरसु तरसु
मुंहिंजी डाडी आहे बाहिरि मींहं
तरसु तरसु तरसु
मुंहिंजो डाडो आहे बाहिरि मींहं
तरसु तरसु तरसु
डाडो डाडी घर में अचनि
पोइ भले वसु
वसु वसु वसु मींहं
वसु वसु वसु
तकिड़ो तकिड़ो वसु मींहं
वसु वसु वसु ।

مِينهن اَچُ

اَچُ اَچُ اَچُ، مِينهن اَچُ اَچُ اَچُ
وَسُ وَسُ وَسُ مِينهن،
وَسُ وَسُ وَسُ
زور سان وَسُ مِينهن،
وَسُ وَسُ وَسُ
تَڪِڙو تَڪِڙو وَسُ مِينهن،
وَسُ وَسُ وَسُ
تَرسُ ٿورو تَرسُ مِينهن،
تَرسُ تَرسُ تَرسُ
منهنجي ڏاڏي آهي ٻاهرِ مِينهن
تَرسُ تَرسُ تَرسُ
منهنجو ڏاڏو آهي ٻاهرِ مِينهن
تَرسُ تَرسُ تَرسُ
ڏاڏو ڏاڏي گهرَ ۾ اَچنِ،
پوءِ ڀلي وَسُ
وَسُ وَسُ وَسُ مِينهن،
وَسُ وَسُ وَسُ
تَڪِڙو تَڪِڙو وَسُ مِينهن
وَسُ وَسُ وَسُ.



सूरज ऐं तारा

ओ सोनहिरी नंढिड़ा तारा
उभ में रात जो चिमको था
चंडु अव्हांजो साथी आहे
गडिजी गडिजी रांदि करियो था
छो न कड॒हिं था ड॒ींह जो डि॒सिजो
सूरज दादा साणु अव्हीं
यां त डि॒जो॒ था सूरज खां
यां त रुठल आहयो मूंसां
शोखु बराबर सूरज आहे
गुसे में हू तपंदो आहे
पर मां आहियां नंढिड़ो बा॒रु
मूंसां छाजे लाइ तकिरारु ?

इंडिलठि

आसमान में रंगबिरंगी
अमड़ि बुधाइ त ही छा आहे ?
रंग किथां ही आया प्यारा !
रंग बणाया कंहिं ही न्यारा ?
पुटिड़ा बु॒धु हीअ इंडिलठि आहे
सतनि रंगन सां ठहंदी आहे,
मींहुं वसे ऐं सिजु बि रहे,
इंडिलठि थी उन मां ई ठहे ।

سُورج ۽ تارا

او سونَهري ننڍڙا تارا
اُڀَ ۾ راتِ جو چِمڪو ٿا
چنڊُ اَوهانجو ساٿي آهي
گَڏجي گَڏجي راند ڪَريو ٿا
ڇو نَہ ڪَڏهن ٿا ڏينهنَ جو ڏسجو
سورجَ دادا ساڻُ اَوهين
يا تَہ ڊِڄو ٿا سورجَ کان
يا تہ رُٺل آهيو مُونسان
شوخُ بَرابَر سورج آهي
غُصي ۾ هوُ تپَندو آهي
پَرَ مان آهيان نَنڍڙو ٻارُ
مونُسان ڇاجي لاءِ تڪِرارُ؟

اِندلَٺِ

آسمان ۾ رَنگ بِرنَگي
اَمڙِ ٻُڌاءِ تہ هِي ڇا آهي؟
رَنگَ ڪِٿان هِي آيا پيارا
رَنگَ ٺاهيا ڪنهن هِي نيارا؟
پُٽڙا ٻُڌ هيءَ اِندلَٺِ آهي
سَتن رَنگن سان ٺهندِي آهي،
مينهنُ وَسِي ۽ سِجُ بہ رَهي،
اِندلَٺِ ٿِي اُن مان ئِي ٺهي.

सिजु

सिज तूं सुबुह सवेर थो निकिरीं
ॻाढ़ो ॻाढ़ो गोल गोल
सुहिणो सुहिणो गोल गोल
सांझीअ जो बि ॻाढ़ो ॻाढ़ो
लॻीं थो मूंखे प्यारो प्यारो
पर मंझंदि जो चिमकीं एॾो
कोन मां तोखे ॾिसी सघां थो
कोन मां तोखे ॾिसी सघां थो ।

سِڄُ

سِڄَ تون صُبُحَ سَوير ٿو نِڪرين
ڳاڙهو ڳاڙهو گول گول
سُهڻو سُهڻو گول گول
سانجهيءَ جو بہ ڳاڙهو ڳاڙهو
لَڳين ٿو مُونکي پِيارو پِيارو
پَرَ مَنجهَندِ جو چِمڪين ايڏو
ڪونَ مان توکي ڏِسي سَگهان ٿو
ڪونَ مان توکي ڏِسي سَگهان ٿو.

सिजु ऐं चंडु



राति जो जॾहिं मां सुम्हां थो
दरीअ मझां चांडोकी अचे थी
दरीअ वटि आउं सुम्हां थो
चंड जी रोशनी लोली ॾिए थी
सुबुह सवेरो सिज जूं किरिणूं
जॾहिं अचनि थियूं दरीअ मंझां
पवनि अची थियूं मुंहिंजे अखियुनि ते
मूंखे उथारिनि प्यार मंझां ।

سِڄُ ۽ چَنڊُ

رات جو جَڏهِن مان سُمِهان ٿو
دريءَ منَجهان چانڊوڪي اَچي ٿِي
دريءَ وٽ آءُ سُمِهان ٿو
چَنڊَ جي روشِني لولي ڏِئي ٿِي
صُبُحَ سويرو سِڄَ جوُن ڪِرڻوُن
جَڏهَن اَچن ٿِيوُن دَريءَ منَجهان
پوَنِ اَچي ٿِيوُن منُهنِجي اَکِينُ تي
موُنکي، اُٿارِن پيار منَجهان.

बादल

अमां मथे डि॒सु बादल आया
अछा ऐं कारा बादल छाया ।

बादल में मूं परी डि॒ठी आ,
अमां परीअ खे हेठि वठी आ,
आहे परीअ जी सुहिणी काया,
अमां मथे डि॒सु बादल आया ।

बादल पिया था ढोड़ूं पाइनि,
हिक बि॒ए खे था गले लगा॒इनि,
गरिजी गरिजी मींहुं वसाइनि,
सुहिणा निज़ारा कुदिरत ठाहिया,
अमां मथे डि॒सु बादल आया ।

बादल में डि॒सु ढोर बि आहिनि,
मुर्ग़ा, मुर्ग़ियूं मोर बि आहिनि,
लगे॒ ईएं ज॒णु चोर बि आहिनि,
कुदिरत जी आ कहिड़ी माया ?
अमां मथे डि॒सु बादल आया ।

بادَلَ

اَمان مٿي ڏِسُ بادَلَ آيا،
اَڇا ۽ ڪارا بادل ڇايا.

بادَلَ ۾ موُن پَري ڏِٺي آ،
اَمان پَريءَ کي هيٺ وَٺي آ،
آهي پَريءَ جي سُهڻي ڪايا،
اَمان مَٿي ڏِسُ بادل آيا.

بادَلَ پيا ٿا ڍوڙُون پائِن،
هِڪ ٻِئي کي ٿا گلي لڳائِن،
گَرجِي گَرجِي مينهنُ وَسائِن،
سُهڻا نِظارا قُدرَتَ ٺاهِيا
اَمان مَٿي ڏِسُ بادل آيا.

بادل ۾ ڏِسُ ڍورَ بہ آهِن،
مُرغا مُرغِيُون مورَ بِہ آهِن،
لڳي اِئين ڄڻُ چور بہ آهِن،
قُدرت جي آ ڪهڙي مايا؟
اَمان مَٿي ڏِسُ بادَلَ آيا.

रंगबिरंगी पखी

पखी बि मुंहिंजे घर में आहिनि,
पिञिरे में था मौज मचाइनि ।

कारा नीला पीला आहिनि,
पाणी पिअनि ऐं खाधो खाइनि,
रुसी था हिक बि॒ए खे परचाइनि,
पखी बि मुंहिंजे घर में आहिनि ।

सुबुह सवेरे गीत बु॒धाइनि,
हिक बि॒ए खे थां भाकिड़ी पाइनि,
प्यार सां मुंहुं था मुंह सां मिलाइनि,
पखी बि मुंहिंजे घर में आहिनि ।

गा॒ढ़े पखीअ जो घोटु आ कारो,
तड॒हिं बि खेसि लगे॒ थो प्यारो,
ज़ाल खे वेठो डि॒से वेचारो,
पिञिरे में बि घरिड़ो ठाहिनि,
पखी बि मुंहिंजे घर में आहिनि ।

رَنگَہ بہِ رَنگِي پَکِي

پَکِي بہِ مُنهِنجي گَهرَ ۾ آهِنِ،
پڃري ۾ تا موڄَ مَچائين.

ڪارا نِيلا پِيلا آهن،
پاڻي پيئَنِ ۽ کاڌو کائِنِ،
رُسِي تا هِڪَ ٻئي کي پَرچائِنِ،
پَکِي بہِ مُنهِنجي گَهرَ ۾ آهن.

صُبُحَ سَويري گيتَ ٻُڌائِنِ،
هِڪَ ٻئي کي تا ڀاڪُڙِي پائِنِ،
پيارَ سان مُنهنُ تا مُنهنَ سان مِلائِنِ،
پَکِي بہِ مُنهِنجي گَهرَ ۾ آهِنِ.

ڳاڙهي پَکيءَ جو گهوٽُ آ ڪارو،
تَڏهِن بہِ کيسِ لَڳي ٿو پيارو،
ڄالَ کي وينو ڏسي ويچارو،
پڃري ۾ بہِ گَهرڙو ٺاهِنِ،
پکِي بہِ مُنهِنجي گَهرَ ۾ آهن.



ककर

ककर आया ककर आया
कारा कारा ककर आया
डुकंदा डुकंदा ककर आया
गजंदा गजंदा ककर आया
ककर आया ककर आया ।
पाणी पाण सां खणंदा आया
मींहुं वसाइण ककर आया
ककर आया ककर आया
कारा कारा ककर आया ।

ڪَڪَرَ

ڪَڪرَ آيا ڪَڪَرَ آيا
ڪارا ڪارا ڪَڪَرَ آيا
ڏُڪندا ڏُڪُندا ڪڪر آيا
گَجَندا گَجَنَدا ڪڪر آيا
ڪڪر آيا ڪڪر آيا.
پاڻِي پاڻَ سان کَڻَندا آيا
مينهُن وَسائِڻُ ڪَڪَرَ آيا
ڪَڪر آيا ڪڪر آيا
ڪارا ڪارا ڪڪر آيا.

ऑटो रिक्शा

पीं पीं जो आवाज़ु कंदी
ऑटो रिक्शा आई आहे
कारी उनजी पोशाक आहे
पीले रंग जो टोपु अथसि
टिन टंगुनि सां पंधु करे
डोड़े डुके थी हिते हुते
गोद में पंहिंजे माण्हूं विहारे,
माग॒ तिन्हीं खे थी त रसाए ।

آٽو رِڪشا

پِين پِين جو آوازُ ڪَندي
آٽو رِڪشا آئِي آهي
ڪارِي اُنجي پوشاڪَ آهي
پيلِي رَنگَ جو ٽوپُ اَٿسِ
ٽِنِ ٽَنگُنِ سان پنڌُ ڪَري
ڊوڙي ڊُڪي ٿِي هِتي هُتي
گودِ ۾ پنهنِجي ماڻهُوَن وهاري
ماڳ تِنهينِ کي ٿِي تَہ رَسائي.



جھِرڪَ جھِرڪيءَ جي شادِي

جھِرڪَ جھِرڪيءَ جِي آهي شادِي،
سَيَئِي پَکي ٿِيا آهن باراتِي،
ڪانوَ پاتو ڪارو ڪوٽُ،
بَگَهَ جو آهي اَڇو ڪوٽُ،
طوطو سائو جامو پائي،
سَڄِي ڄَڃَ ۾ ڦيرا پائي،
رَنگَ بِرَنگِي پَنکَ پَکيڙِي،
مور نَچي ٿو ڇيرِيونُ پائي،
سَڀنِي کي ٿو ساڻُ نچائي.
جھِرڪَ جھِرڪيءَ جِي آهي شادِي،
سَيَئِي پَکي ٿِيا آهن باراتِي.

झिरक झिरिकीअ जी शादी

झिरक झिरकीअ जी आहे शादी,
सभई पखी थिया आहिनि बाराती,
कांव पातो कारो कोटु,
बघ जो आहे अछो कोटु,
तोतो साओ जामो पाए,
सज़ी ज॒ञ में फेरा पाए,
रंगबिरंगी पंख पखेड़े,
मोरु नचे थो छेरियूं पाए,
सभिनी खे थो साणु नचाए,
झिरक झिरकीअ जी आहे शादी,
सभई पखी थिया आहिनि बाराती ।

जपानी गुडिड़ी

मुंहिंजी गुडिड़ी - सुहिणी गुडिड़ी
आहे मोकिली मामा गुडिड़ी
मुंहिंजी गुडिड़ी - सुहिणी गुडिड़ी

हथ पेर थसि नंढिड़ा नंढिड़ा
नकु नंढो थसि कन बि नंढिड़ा
मुंहिंजी गुडिड़ी - सुहिणी गुडिड़ी

नीरा नीरा अखियुनि जा तारा
चप गाढ़ा थसि - वार बि गाढ़ा
मुंहिंजी गुडिड़ी - सुहिणी गुडिड़ी

फ़्राक गुलाबीअ में थी चिमके
चम-चम, चम-चम, बह-बह बहिके
आहे जणु त जपानी गुडिड़ी
मुंहिंजी गुडिड़ी - सुहिणी गुडिड़ी ।

جَپانِي گُڏڙِي

منهِنجِي گُڏڙِي- سُهڻِي گُڏڙِي
آهي موڪِلِي - ماما گُڏڙِي
منهِنجِي گُڏڙِي-سَهڻِي گُڏڙِي
هَٿَ پيرَ ٿسِ ننڍَڙا ننڍِڙا
نَڪُ ننڍو ٿسِ ڪَنَ بِہ ننڍِڙا
منهنجي گُڏڙِي-سهڻي گُڏڙِي
نِيرا نِيرا اَکِيَنَ جا تارا
چَپَ ڳاڙها ٿسِ-وارَ بہ ڳاڙها
منهنجي گُڏڙِي-سهڻي گُڏڙِي
فِراڪ گُلابيءَ ۾ ٿِي چِمِڪي
چَمَ-چَمَ، چَمَ-چَمَ، ٻَهَ ٻَهَ ٻَهِڪي
آهي ڄَڻُ تہ جپاني گُڏڙي
منهنجي گُڏڙِي-سَهڻي گُڏڙِي.

गुडी कुंवारि

मुंहिंजी गुडी नंढिड़ी कुंवारि
मुंहिंजी ....

मुंडियूं पाए, छला पाए
चूड़ियूं ऐं कंगण पाए
मुंहिंजी ....

फुल्यूं पाए झुमिका पाए
नथ ऐं हारु पाए
मुंहिंजी ....

छम छम वारी छेरि पाए
गाढ़ी गाढ़ी साढ़ी पाए
मुंहिंजी ....

گُڏِي ڪُنوارِ

منهِنجِي گُڏِي ننڍِڙِي ڪُنوارِ
منهِنجِي ....
منُڊِيوُن پائي ڇَلا پائي
چوُڙِيوُن ۽ ڪَنگَڻَ پائي
منهنجي ....
ڦُلِيوُن پائي جُهمِڪا پائي
نَٿَ ۽ هار پائي
منهنجي ....
ڇَم ڇَم واري ڇير پائي
ڳاڙهِي ڳاڙهِي ساڙهِي پائي
منهنجي ....

चित्र

नीलम आहे मुंहिंजी भेण
सुंदर चित्र बणाईंदी आ,
बांदर जो ऐं हाथीअ जो
भालूअ जो ऐं चीते जो
चित्र में रंग भरींदी आ
गाढ़ा सावा नीरा कारा
नारंगी ऐं रंगु गुलाबी
मां बि चित्र बणाईंदुसि
नीलम वांगुरु ठाईंदुसि ।

چِتر

نِيلَم آهي مُنهِنجِي ڀيڻ
سُندر چِترَ ٺَاڻائيندِي آ،
باندَر جو ۽ هاٿيءَ جو
ڀالوءَ جو ۽ چِيتي جو
چِترِ ۾ رَنگ ڀَريندِي آ
ڳاڙها ساوا نيرا ڪارا
نارَنگِي ۽ رنگُ گُلابِي
مان بِہ چِتر ٺاڻائيندُس
نِيلَم وانگُر ٺاهِيندُس.

मोटूराम

मोटूराम भाई मोटूराम
गोल मटोल आ मोटूराम,
खाई पी ऐं मौज मचाए
मोटूराम भाई मोटूराम
पेर खणी हू जीअं नचे थो
पेटु त हुनजो ख़ूबु लुडे थो
मोटूराम भाई मोटूराम
पाण खिले ऐं बिया बि खिलाए
तडहिं सभिनी खे वणंदो आहे
मोटूराम भाई मोटूराम ।

موٽُورام

موٽُورام ڀائِي موٽُورام
گول مَٽول آ موٽُورام
کائِي پِي ۽ مؤج مَچائِي
موٽُورام ڀائِي موٽُورام
پيرَ کَڻِي هوُ جيئَن نچِي ٿو
پيٽُ تہ هُن جو خوُب لُڏي ٿو
موٽُورام ڀائِي موٽُورام
پاڻ کِلي ۽ ٻيا بِہ کِلائي
تَڏَهن سَڀِني کي وَڻندو آهي
موٽُورام ڀائِي موٽُورام.

मां बि लिखां

अमां ! क़लमु ॾे त मां बि लिखां
थोरो थोरो मां बि लिखां

कमल जी "क" लिखां
खट जी "ख" लिखां
अमां ! क़लमु ॾे त मां बि लिखां
थोरो थारो मां बि लिखां ।

अंब जी "अ" लिखां
बाल जी "ब" लिखां
अमां ! क़लमु ॾे त मां बि लिखां
थोरो थारो मां बि लिखां ।

سيڌي جو دُڪان

سيधे जो ही दुकानु आहे,
माल खाधे जा रखंदो आहे ।

अमां वठी हलु सेकियल सयूं,
हिन दुकान ते आहिनि पयूं ।

चीगम ऐं चाकलेट वठी ॾे
नेरनि ते ॾे सयूं ठाहे
सीधे जो ही दुकानु आहे ।

कणिक चांवर ऐं मिर्च मसाला
खंडु गुड़ु ऐं ॿिया माल निराला
सीउ अमां अजु ॾाढो आहे,
गुड़ जा लोला ॾे तूं पचाए
सीधे जो ही दुकानु आहे ।

مان بِہ لِکان

اَمان ! قَلَمُ ڏي تَہ مان بِہ لِکان
ٿورو ٿورو مان بِہ لکان.
ڪَمَلَ جِي 'ڪ' لِکان
کَٽَ جِي 'ک' لِکان
اَمان! قلم ڏي تہ مان بِہ لِکان
ٿورو ٿورو مان بِہ لِکان.
اَنبَ جِي 'اَ' لِکان
بالَ جِي 'ب' لِکان
اَمان! قلم ڏي تہ مان بِہ لِکان
ٿورو ٿورو مان بِہ لِکان.

سيڌي جو دُڪان

سيڌِي جو هِي دُڪان آهي،
مالَ کاڌي جا رَکَندو آهي.
اَمان وَٺِي هَلُ سيڪِيَلَ سَيوُن،
هِنَ دُڪان تي آهِنِ پَيوُن.
چيگم ۽ چاڪِليٽ وٺِي ڏي،
نيرَنِ تي ڏي سَيوُن ٺاهي،
سيڌِي جو هِي دُڪان آهي.
ڪَڻِڪَ چانوَرَ ۽ مِرچَ مَصالا
کنڊُ ڳُڙُ ۽ ٻِيا مالَ نِرالا
سِيءُ اَمان اَڄُ ڏاڍو آهي،
ڳُڙَ جا لولا ڏي توُن پَچائي
سيڌِي جو هِي دُڪان آهي.

स्कूल वञां

अमां मां स्कूल वञां
भेण जियां स्कूल वञां ।

सुहिणा कपिड़ा तूं पाराइ
गाढ़ी मूंखे टाइ लगाइ
कारो कारो बूट बि पाइ
भेण जियां मूंखे संभिराइ ।

टोलु टिफिन में खणी वञां
टाफियूं बिसिकूट जाम डिजां
तंहिं सां गडु पाणी बि खणां
टाटा तोखे आंउ करियां ।

अमां मां स्कूल वञां
भेण जियां स्कूल वञां ।

मुंहिंजी टीचर

ममी ममी बुधु हीअ गाल्हि
टीचर असांखे करे थी प्यारु ।
आखाणियूं ऐं गीत बुधाए
सभिनी खे कुझु हूअ खाराए
रांदियूं ख़ूबु कराईंदी आहे
पढ़णु लिखणु सेखारींदी आहे
सभ सां प्यारु कंदी हूअ आहे
खिलंदी ऐं टिड़ंदी हूअ आहे ।

اِسڪوُل وَجان

اَمان مان اِسڪوُل وَجان
ڀيڻ جِيان اِسڪوُل وجان.
سُهڻا ڪپڙا توُن پاراءِ
ڳاڙهي موُنکي ٽاءِ لَڳاءِ
ڪارو ڪارو بوُٽ بِہ پاءِ
ڀيڻ جِيان موُنکي سَنڀِراءِ.
ٽول ٽِفَنَ ۾ کَٽي وَجان
ٽافِيوُن بِسڪوُٽ جام ڏِجان
تَنهن سان ڳڏُ پاڻي بِہ کٽان
ٽاٽا توکي آءُ ڪريان.
اَمان مان اِسڪوُل وَجان
ڀيڻ جِيان اِسڪوُل وَجان.

مُنهنجي ٽِيچَر

مَمِي مَمِي ٻُڌ هيءَ ڳالهہ
ٽِيچر اَسانکي ڪري ٿِي پِيارُ.
آکاڻِيون ۽ گيت ٻُڌائي
سَڀِني کي ڪُجھہ هوءَ ڪارائي
راندِيون خوُب ڪَرائِيندي آهي
پَڙهَڻ لِکَڻ سيکارِيندِي آهي
سَڀَ سان پِيارُ ڪَندي هوءَ آهي
کِلندِي ۽ ٽِڙندِي هوءَ آهي.

हिकु ब॒ टे

हिकु ब॒ टे, हिकु ब॒ टे
नानी मखण मानी डे॒
नानी मखण मानी डे॒

ब॒ टे चारि, ब॒ टे चारि
मां करियां मुनीअ खे प्यारु
मां करियां मुनीअ खे प्यारु

टे चारि पंज, टे चारि पंज
खणी हलां गु॒डी॒अ खे हंज
खणी हलां गु॒डी॒अ खे हंज ।

टीचर बणिबुसि

अमां मां आहियां नंढिड़ो नंढिड़ो
नेठि त थींदुसि वडि॒ड़ो वडि॒ड़ो
वडि॒ड़ो थी मां टीचर थींदुसि
बा॒रनि खे मां पाढ़ींदुसि ।
पढ़णु सेखारियां लिखणु सेखारियां
रांदियूं ख़ूबु कराईंदुसि
मिठिड़ा मिठिड़ा गीत बु॒धाए
तिनिखे मां विंदुराईंदुसि ।

هِڪُ ٻَہ ٽي

هِڪُ ٻَہ ٽي، هِڪُ ٻَہ ٽي
نانيِ مَکڻُ مانيِ ڏي
نانيِ مَکڻُ مانيِ ڏي.
ٻَہ ٽي چار، ٻَہ ٽي چار
مان ڪَرِيان مُنيءَ کي پيارُ
مان ڪَرِيان مُنيءَ کي پيار.
ٽي چار پنجَ، ٽي چار پنجَ
کَڻِي هلان گُڏيءَ کي هنجَ
کَڻِي هلان گُڏيءَ کي هنجَ.

ٽيچر ٻڻبُسِ

اَمان مان آهيان ننڍڙو ننڍڙو
نيٺِ تَہ ٿيندُسِ وَڏڙو وَڏڙو
وَڏڙو ٿي مان ٽيچرُ ٻڻبُسِ
ٻارَن کي مان پاڙهيندُسِ.
پڙهَڻَ سيکاريان لِکڻُ سيکاريان
رانديون خوب ڪرائيندُسِ
مِٺڙا مِٺڙا گيتَ ٻُڌائي
تِن کي مان وِندرائيندُسِ.

डॉक्टर थींदुसि

डॉक्टर थींदुसि – डॉक्टर थींदुसि
मां वॾो थी – डॉक्टर थींदुसि ।

इस्पताल वेंदुसि – इस्पताल वेंदुसि
नंढा वॾा सभु – बीमार ॾिसंदुसि
डॉक्टर थींदुसि – डॉक्टर थींदुसि
मां वॾो थी – डॉक्टर थींदुसि ।

पटी ॿधंदुसि – पटी ॿधंदुसि
दवा ॾींदुसि – दवा ॾींदुसि
डॉक्टर थींदुसि – डॉक्टर थींदुसि
मां वॾो थी – डॉक्टर थींदुसि ।

घर घर वेंदुसि – ॻोठ ॻोठ वेंदुसि
बुख़ारु ॾिसंदुसि – सुई हणंदुसि ।
डॉक्टर थींदुसि – डॉक्टर थींदुसि
मां वॾो थी – डॉक्टर थींदुसि ।

ڊاڪٽر ٿيندس

ڊاڪٽر ٿيندس - ڊاڪٽر ٿيندس
مان وڏو ٿي - ڊاڪٽر ٿيندس.
اسپتال ويندس - اسپتال ويندس
ننڍا وڏا سڀ - بيمار ڏسندس
ڊاڪٽر ٿيندس - ڊاڪٽر ٿيندس
مان وڏو ٿي ڊاڪٽر ٿيندس.
پٽي ٻڌندس - پٽي ٻڌندس
دوا ڏيندس - دوا ڏيندس
ڊاڪٽر ٿيندس - ڊاڪٽر ٿيندس
مان وڏو ٿي - ڊاڪٽر ٿيندس.
گهر گهر ويندس - ڳوٺ ڳوٺ ويندس
بخار ڏسندس -سئي هڻندس.
ڊاڪٽر ٿيندس - ڊاڪٽر ٿيندس
مان وڏو ٿي - ڊاڪٽر ٿيندس.



प्यारो प्यारो चंदा मामा

कारे उभ में चंदा मामा,
गोल गोल आ चंदा मामा,
सोनो सोनो चंदा मामा,
आखाणीअ में चंदा मामा,
लोली बुधाए चंदा मामा,
निंड कराए चंदा मामा,
प्यारो प्यारो चंदा मामा,
कारे उभ में चंदा मामा ।

پِيارو پِيارو چنَدا ماما

ڪاري اُڀ ۾ چنَدا ماما،
گول گول آ چَندا ماما،
سونو سونو چندا ماما،
آکاڻِيءَ ۾ چندا ماما،
لولِي ٻُڌائي چندا ماما،
ننڊَ ڪَرائي چندا ماما،
پِيارو پِيارو چندا ماما،
ڪاري اُڀ ۾ چنَدا ماما.

वडो थींदुसि

अमां जडहिं मां वडो थींदुसि
हवाई जहाज़ जो पाइलट थींदुसि
चंड ते तोखे वठी मां हलंदुसि !

अमां उते परियुनि जो देसु आ
सोनपरी उते रहंदी आ
मां हुन खे वठी ईंदुसि !

अमां जडहिं मां वडो थींदुसि
हवाई जहाज़ जो पाइलट थींदुसि
चंड ते तोखे वठी मां हलंदुसि !

وَڏو ٿِيندُسِ

اَمان جَڏَهِن مان وَڏو ٿِيندُسِ
هوائِي جَهاز جو پائِلَٽ ٿِيندُسِ
چَنڊَ تي توکي وَٺِي مان هَلَندُسِ!

اَمان اُتي پَرِيُن جو ديسُ آ
سونُ پَرِي اُتي رهنَدِي آ
مان هُنَ کي وَٺِي ايِندُسِ!

اَمان جَڏَهِن مان وَڏو ٿِيندُسِ
هَوائِي جَهاز جو پائِلَٽ ٿِيندُسِ
چَنڊَ تي توکي وَٺِي مان هَلَندُسِ!

मां पाइलट थींदसि

वड़ी थी मां पाइलट थींदसि
वड़ी थी मां पाइलट थींदसि ।
हवा में उड़ंदसि हवा में घुमंदसि
वड़ी थी मां पाइलट थींदसि ।
दिल्ली वेंदसि बाम्बे वेंदसि
चीन जापान जा देश मां घुमंदसि
पंहिंजे देश में मोटी ईंदसि
पापा खे सभि हाल मां ड़ींदसि
वड़ी थी मां पाइलट थींदसि
वड़ी थी मां पाइलट थींदसि ।

مان پائِلَٽ ٿيندَسِ

وڏِي ٿِي مان پائِلَٽ ٿيندَسِ
وڏِي ٿِي مان پائِلَٽ ٿيندَسِ.
هوا ۾ اُڏندَسِ هوا ۾ گُهمَندَسِ
وڏِي ٿِي مان پائِلَٽ ٿيندَسِ.
دهليءَ ويندَسِ بامبي ويندَسِ
چين جاپان جا ديشَ مان گُهمندَسِ
پَنهِنجي ديشَ ۾ موٽِي اِيندَسِ
پاپا کي سَڀِ حالُ مان ڏيندَسِ
وَڏِي ٿِي مان پائِلَٽ ٿيندسِ
وَڏِي ٿِي مان پائِلَٽ ٿيندَسِ.

नदी घर खां परे परे

नदी घर खां परे परे
हरिको पाणी उतां भरे
अमां दिलो दिली ड़े तूं
पाणी मां भी अचां भरे
मथे ते सेनूढ़ी लगाए
दिलो दिली हिक बिए ते ठाहे
चेल्हि मथां चौरी भी रखंदिसि
ठुमक ठुमक मां नचंदी ईंदसि
घर लाइ पाणी भरे भरे
नदी घर खां परे परे ।

نَدِي گَهرَ کان پَري پَري

نَدي گَهرَ کان پَري پَري
هَرِڪو پاڻي اُتان ڀَري
اَمان دِلو دِلِي توُن ڏي
پاڻِي مان ڀِي اَچان ڀَري
مَٿي تي سينِهوُڙِي لَڳائي
دِلو دِلِي هِڪَ ٻِئي تي ٺاهي
چيلِهِ مَٿان چوُنرِي ڀِي رَکَندَسِ
ٺُمَڪ ٺُمڪ مان نَچَندي اِيندَسِ
گَهرَ لاءِ پاڻي ڀَري ڀَري
ندي گهر کان پري پَري.

हवाई जहाज़ु

आसमान में जहाज़ु उडे॒ थो
पखी ज॒ण को बाज़ु लगे थो
पंहिरीं पट ते फेरियूं पाए
आसमान डे॒ चढ़ंदो आहे
हेठि त डा॒ढो वडो॒ लगे॒ थो
आसमान में नंढो लगे॒ थो
ममी मूंखे जहाज़ु घुमाइ
आसमान जो सैरु कराइ ।

هوائِي جَهازُ

آسمان ۾ جَهازُ اُڏي ٿو
پَکِي جَڻُ ڪو بازُ لڳي ٿو
پَهِرين پَٽَ تي ڦيريون پائي
آسِمانَ ڏي چَڙهندو آهي
هيٺِ تہ ڏاڍو وَڏو لَڳي ٿو
آسِمان ۾ ننَڍو لَڳي ٿو
مَمِي مونکي جَهازُ گُهماءِ
آسِمان جو سئِرُ ڪَراءِ.

भाज़ीअ वारो

भाज़ीअ वारो आयो – भाज़ीअ वारो आयो,
भाजि॒यूं खणी आयो – भाजि॒यूं खणी आयो ।

गा॒ढ़ा गा॒ढ़ा टमाटा, वडा॒ वडा॒ टमाटा,
गोल गोल पटाटा गोल गोल बसर,
सावा सावा मिर्च, ऐं सावा सावा धाणा,
भाज़ीअ वारो आयो – भाज़ीअ वारो आयो,
भाजि॒यूं खणी आयो – भाजि॒यूं खणी आयो ।

गोबी खणी आयो – मटर खणी आयो,
पालक खणी आयो – मेथी खणी आयो,
वाङण खणी आयो – भींडियूं खणी आयो,
भाज़ीअ वारो आयो – भाज़ीअ वारो आयो,
भाजि॒यूं खणी आयो – भाजि॒यूं खणी आयो ।

ڀاڄيءَ وارو

ڀاڄيءَ وارو آيو - ڀاڄيءَ وارو آيو،
ڀاڄِيونُ کَڻِي آيو - ڀاڄِيونُ کَڻِي آيو.
ڳاڙها ڳاڙها ٽماٽا - وڏا وڏا ٽماٽا
گول گول پٽاٽا - گول گول بصر
ساوا ساوا مرچ ۽ ساوا ساوا ڌاڻا
ڀاڄيءَ وارو آيو - ڀاڄيءَ وارو آيو،
ڀاڄِيونُ کَڻِي آيو - ڀاڄِيونُ کَڻِي آيو.
گوبي کَڻِي آيو - مٽَر کَڻِي آيو،
پالڪَ کَڻِي آيو - ميٿِي کَڻِي آيو،
واڱڻ کَڻِي آيو - ڀينڊِيونُ کَڻِي آيو،
ڀاڄيءَ وارو آيو - ڀاڄيءَ وارو آيو،
ڀاڄِيونُ کَڻِي آيو - ڀاڄِيونُ کَڻِي آيو.



پوليس وارو ۽ بَتِيونُ

پوليس وارو پوليِس وارو
سُهڻي سَفيدِ وَرِديءَ وارو
چؤنڪ تي بِيٺل پوليس وارو
سيٽي وَڄائي پوليس وارو
ٽِرَئِفِڪ ڪَنٽِرول ڪَرَڻ وارو
پوليس وارو.........
بَتي ٻَري ٿي لال جَڏهن
گاڏيون بِهجي وَڃن تَڏهن
بِتي ٻري ٿي پيلي جَڏهن
گاڏيون ٿِيَن ٿِيون تِيارُ تَڏهن
سائي بَتي ٻَري جَڏهن
گاڏيون سڀ ٿِيون هَلَن تَڏهن
ڊوڙن ٿِيون سي تيز تَڏهن
ڊوڙن ٿِيون سي تيز تَڏهن.

पुलीस वारो ऐं बतियूं

पुलीस वारो पुलीस वारो
सुहिणी सफ़ेद वरिदीअ वारो
चौंक ते बीठल पुलीस वारो
सीटी वजाए पुलीस वारो
ट्रैफिक कंट्रोल करण वारो
पुलीस वारो.......
बती बरे थी लाल जडहिं
गाडियूं बिहिजी वञनि तडहिं
बती बरे थी पीली जडहिं
गाडियूं थियनि थियूं तियारु तडहिं
साई बती बरे जडहिं
गाडियूं सभि थियूं हलनि तडहिं
डोड़नि थियूं से तेज़ तडहिं
डोडनि थियूं से तेज़ तडहिं ।

कुड़िमी

मुंहिंजे पाड़े जो ई कुड़िमी
सुबुह सवेरो उथंदो आहे
काहे जोड़ी डांदनि जी हू
खेतनि में भी वेंदो आहे
हरु खेड़ींदो बिजु छटींदो
पाणी बि हू ड़ींदो आहे
अनु उपाईंदो ही कुड़िमी
मुंहिंजे पाड़े जो ई कुड़िमी ।

चाचा कुंभर

चाचा कुंभर चाचा प्यारा
हथ अथई जादूअ वारा ।

चकरु चलाईं गोलु घुमाईं
सुहिणा सुहिणा बर्तन ठाहीं

पोइ उन्हनि लाइ बाहि लगाईं
कचे मां पको थो ठाहीं

थांव थांव ते रंग लगाईं
सुंदर हर हिकु थांव बणाईं

मटिकियूं ठाहीं मटिका ठाहीं
गोलु घुघियूं रांदीका ठाहीं

चाचा कुंभर चाचा कुंभर
हथ अथई जादूअ वारा ।

ڪُڙمِي



مُنهِنجي پاڙي جو ئِي ڪُڙمِي
صُبُح سَويرو اُٿندو آهي
ڪاهي جوڙي ڏاندَنِ جي هُو
کيتَنِ ۾ بہ ويندو آهي
هَرُ کيڙيندو، بِجُ ڇَٽيندو
پاڻِي بہ هُو ڏيندو آهي
اَنُ اُپائيندو هِي ڪُڙمِي
مُنهِنجي پاڙي جو ئِي ڪُڙمِي.

چاچا ڪُنير

چاچا ڪُنير چاچا پيارا
هَٿ اَٿئي جادوءَوارا.
چَڪَرُ چَلائين گولُ گُھمائين
سُهڻا سُهڻا بَرتَن ٺاهين
پوءِ اُنهَنِ لاءِ باهِہ لڳائين
ڪَچي مان پَڪو ٿو ٺاهين
ٿانوَ ٿانوَ تي رَنگَ لڳائين
سُندر هَرهِڪُ ٿانءُ بَڻائين
مَٽِڪِيُون ٺاهين مَٽِڪا ٺاهين
گول گُھگھِيُون رانديڪا ٺاهين
چاچا ڪُنير چاچا پيارا
هَٿ اَٿئي جادوءَوارا.

टपाली

टपाली आयो टपाली आयो
ख़ाकी ख़मीस वारो आयो
ख़ाकी पैंट वारो आयो
ख़ाकी टोपीअ वारो आयो
ख़ाकी थेल्हे वारो आयो
टपाली आयो टपाली आयो ।
चिठी चाचे जी खणी आयो
ख़ाकी वरिदीअ वारो आयो
टपाली आयो टपाली आयो
टपाली आयो टपाली आयो ।

ٽَپالِي

ٽپالِي آيو ٽپالِي آيو
خاڪِي خمِيصَ وارو آيو
خاڪِي پَئِنٽِ وارو آيو
خاڪِي ٽوپِيءَ وارو آيو
خاڪِي ٿيلهي وارو آيو
ٽَپالِي آيو ٽپالِي آيو.
چِٺِي چاچي جي کڻي آيو
خاڪي وَرِديءَ وارو آيو
ٽپالي آيو ٽپالي آيو
ٽپالي آيو ٽپالي آيو.

जोकर

पटा-पटी कपड़ा पाए
जोकर जहिड़ो चहिरो ठाहे
वडा वडा जंप लगायां
मां पाण खे जोकर सडायां ।

दोस्तन खे मां ख़ूबु खिलायां
दोस्तन खे मां नाचु डेखारियां
सभिनी खे मां मौज वठायां
मां पाण खे जोकर सडायां ।

جوڪَرُ

پَٽاپَٽِي ڪَپڙا پائي
جوڪَرَ جهڙو چِهرو ٺاهي
وڏا وڏا جمپ لڳايان
مان پاڻ کي جوڪَرُ سَڏايان.
دوسِتَن کي مان خوُب کِلايان
دوسِتَن کي مان ناچُ ڏيکارِيان
سَڀِني کي مان موُجَ وَٺايان
مان پاڻَ کي جوڪَرُ سَڏايان.

साईकिल आहे

साईकिल आहे साईकिल आहे
राजूअ वटि हिक साईकिल आहे
साईकिल ॻाढ़ी-कारी आहे
राजूअ वटि हिक साईकिल आहे।
राजूअ खे हलाइण ईंदी आहे
ट्रिन-ट्रिन, ट्रिन-ट्रिन कंदी आहे,
मूंखे बि ॾाढी वणंदी आहे
पर न हलाइण ईंदी आहे ।

سائيڪلِ آهي

سائيڪلِ آهي سائيڪلِ آهي
راجوءَ وٽ هڪ سائيڪلِ آهي
سائيڪلِ ڳاڙهي - ڪاري آهي
راجوءَ وٽ هڪ سائيڪلِ آهي
راجوءَ کي هلائڻ ايندي آهي
ٽرن ٽرن، ٽرن ٽرن ڪندي آهي
مونکي بہ ڏاڍي وَڻندي آهي
پَرَ نہ هلائڻ ايندي آهي.

स्कूल बस

अची वई आ स्कूल बस
स्कूल बस, स्कूल बस
बस मुंहिंजी आ ॻाढ़ी ॻाढ़ी
ॾाढी आहे मूंखे प्यारी
बस जॾहिं हलंदी आहे
पूं-पूं पूं-पूं कंदी आहे
सभिनी सां गडु वेंदसि बस में
खिलंदी-खिलंदी वेंदसि बस में
अची वई आ स्कूल बस
स्कूल बस, स्कूल बस ।

اِسڪُول بَس

اَچي وَئي آ اِسڪُول بَس
اِسڪُول بَس اِسڪُول بس
بَس مُنهنجي آ ڳاڙهي ڳاڙهي
ڏاڍي آهي مونکي پياري
بَس جَڏهن هَلندي آهي
پُون-پُون، پُون-پُون ڪندي آهي
سڀني سان گڏ ويندس بَس ۾
کِلندي کِلندي ويندس بَس ۾
اَچي وئي آ اِسڪُول بَس
اِسڪُول بَس - اِسڪول بَس.

घोड़ा गाॾी

मूं वटि घोड़ा गाॾी आहे,
वाह वाह घोड़ा गाॾी आहे ।

घोड़े जो रंगु ॻाढ़ो आहे,
पुछु संदसि जो कारो आहे,
मूंखे लॻंदो प्यारो आहे,
सभिनी खे थो सैरु कराए,
मूं वटि घोड़ा गाॾी आहे ।

काठ जी गाॾी गाॾी आहे,
वॾिड़नि फीथनि वारी आहे,
रंगबिरंगी गाॾी आहे ।
रस्ते ते थी डोड़ूं पाए,
मूं वटि घोड़ा गाॾी आहे,
वाह वाह घोड़ा गाॾी आहे,
वाह वाह घोड़ा गाॾी आहे ।

گهوڙا ڳاڏي

مُون وَٽِ گهوڙا ڳاڏي آهي،
واهه واهه گهوڙا ڳاڏي آهي.
گهوڙي جو رَنگُ ڳاڙهو آهي،
پُڇُ سَندَسِ جو ڪارو آهي،
مُونکي لَڳندو پِيارو آهي،
سَڀِني کي ٿو سَئِرُ ڪَرائي،
مُون وَٽِ گهوڙا ڳاڏي آهي.
ڪاٺَ جِي ڳاڏي ڳاڏي آهي،
وِڏِڙَن ڦِيٿَنِ واري آهي،
رَنگَ بِرَنگِي ڳاڏي آهي.
رَستي تي ٿِي ڊوڙُون پائي،
مُون وَٽِ گهوڙا ڳاڏي آهي،
واهه واهه گهوڙا ڳاڏي آهي،
واهه واهه گهوڙا ڳاڏي آهي.

जादूगरु

ख़ाली मुठी बंदि करे थो
जादूअ जी छड़ी घुमाए थो
जादूगर जो जादू आहे
जादूगर जो जादू आहे !

मुठीअ मां हू कढी कबूतरु
उन खे छड़े उड़ाए थो
जादूगर जो जादू आहे !

ख़ाली वात मां बालु कढे थो
सभिनी खे डेखारे थो
जादूगर जो जादू आहे !

ख़ाली हथ मां सूफु कढे थो
सभिनी खे खाराए थो
जादूगर जो जादू आहे !

हवा मझां हू अंबु बणाए
सभिनी खे खाराए थो
जादूगर जो जादू आहे !
जादूगर जो जादू आहे !

جادوُگر

خالِي مُٺِي بَندِ ڪَري ٿو
جادوءَ جي ڇَڙِي گُھمائي ٿو
جادوُگَرَ جو جادوُ آهي
جادوُگَرَ جو جادوُ آهي!

مُٺِيءَ مان هوُ ڪَڍي ڪبوُتر
اُنکي ڇَڏي اُڏائي ٿو
جادوُگَرَ جو جادوُ آهي.

خالِي وات مان بالُ ڪَڍي ٿو
سَڀِني کي ڏيکاري ٿو
جادوُگَرَ جو جادوُ آهي!

خالِي هَٿَ مان صوُف ڪَڍي ٿو
سَڀِني کي کارائي ٿو
جادوُگَرَ جو جادوُ آهي!

هوا مَنجهان هوُ اَنبُ بَڻائي
سَڀِني کي کارائي ٿو
جادوُگَرَ جو جادوُ آهي
جادوُگَرَ جو جادوُ آهي!

سرڪس



ڏِسي مان سَرڪَس آيو آهيان
تَنهِنجو توکي حالُ سُڻايان
هاٿِي گهوڙا تَنهِن ۾ آهن
شينهِنُ ٻَڪرُ ٿا گڏِجي کائِين
ڏسي مان سرڪس آيو آهيان
تَنهِنجو توکي حالُ سُڻايان

ڊيمبو جوڪَر خُوبُ کِلائي
سائيڪِل نوڙِيءَ مٿان هَلائي
مَٿي مَٿي جهُولا جهُولِن
جهُولِي جهُولِي جمپ ڏين
نَنڍِڙا وَڏِڙا ٻارَ چَڙهَن
مُونکي وَڻندا آهِن تَڏهَن.



सर्कस

डि॒सी मां सर्कस आयो आहियां
तंहिंजो तोखे हाल सुणायां
हाथी घोड़ा तंहिंमें आहिनि
शींहुं ब॒करु था ग॒डि॒जी खाईनि
डि॒सी मां सर्कस आयो आहियां
तंहिंजो तोखे हाल सुणायां
डेंबो जोकर ख़ूबु खिलाए
साईकिल नोड़ीअ मथां हलाए
मथे-मथे झूला झूलिनि
झूली झूली जम्प डि॒यनि
नंढिड़ा वडि॒ड़ा ब॒ार चढ़नि
मूंखे वणंदा आहिनि तड॒हिं ।



هَوا ڪِٿان اِينديِ آهي؟



اَمان اَمان مونکي ٻُڌاءِ
هَوا ڪٿان اِيندي آهي؟
ڪَهِڙو هُنَجو گهرُ آهي؟
ڪَهِڙو هُنَجو گهرُ آهي؟
مؤجَ مَستِيءَ ۾ ڊوڙنديِ آهي
هَوا ڪِٿان اِيندي آهي؟
اَمان اَمان مونکي ٻُڌاءِ
هَوا ڪِٿان اِينِدي آهي؟
پيرَ اَٿسِ ڪونَ پَرَ هَلي ڪِيئَن ٿِي؟
هَتَ اَٿسِ ڪونَ پَرَ ڇُهي ڪِيئَن ٿِي؟
اَمان اَمان مونکي ٻُڌاءِ
هَوا ڪِٿان اِينديِ آهي؟

हवा किथां ईंदी आहे

अमां अमां मूंखे बुधाइ
हवा किथां ईंदी आहे ?
कहिड़ो हुनजो घरु आहे ?
कहिड़ो हुनजो घरु आहे ?
मौज मस्तीअ में डोड़ंदी आहे
हवा किथां ईंदी आहे ?
अमां अमां मूंखे बुधाइ
हवा किथां ईंदी आहे ?
पेर अथसि कोन
पर हले कीअं थी ?
हथ अथसि कोन
पर छुहे कीअं थी ?
अमां अमां मूंखे बुधाइ
हवा किथां ईंदी आहे ?

मुफ़त न पाणी असां विञायूं

पाणी पिअंदे प्यास मिटे थी
पाणीअ सां रोटी बि ठहे थी
पाणी घुरिजे वणनि टिणनि खे
जंहिंमां मेवा मिलनि मणनि में
नदी नहिर झर्णे में पाणी
घर में अचे थो नल मां पाणी
मुफ़त न पाणी असां विञायूं
ख़्यालु रखी था उहो खपायूं
पंहिंजो पाणी जड॒हिं भरियूं था
नल खे पोइ बंद करियूं था ।

مُفتِ نَہ پاڻِي اَسان وِڃايُون

پاڻِي پِئَندي پِياسَ مِٽي ٿِي
پاڻِيءَ سان روٽِي بہ ٺهي ٿِي
پاڻِي گُهرجي وَڻن ٽِڻن کِي
جَنهن مان ميوا مِلن مَڻنَ ۾
نَدي نَهرَ جَهرڻِي ۾ پاڻِي
گهرَ ۾ اَچي ٿو نَلَ مان پاڻِي
مُفتِ نَہ پاڻِي اَسان وِڃايُون
خِيالُ رَکِي ٿا اُهو کَپايُون
پنهنجو پاڻِي جَڏهن ڀَريون ٿا
نَلَ کي پوءِ بَندِ کَريون ٿا.

पाणी

समुंड जो पाणी खारो छो ?
खूह जो पाणी ब॒ाड़ो छो ?
नल नदीअ जो मिठो मिठो,
तिनि में किथां अचे थो सो ?

پاڻِي

سمُندَ جو پاڻِي کارو ڇو؟
کُوهَ جو پاڻِي ٻاڙو ڇو؟
نَلَ نَديءَ جو مِٺو مِٺو،
تِنِ ۾ کِٿان اَچي ٿو سو ؟

پَکي او پَکي

پَکي، او پيارا پَکي
سَڄو ڏينهُن تو اُڏامين
هاڻي تون آرام ڪَرِ
اُڏامڻ مان بہ چاهيان تو
لاهي ڏي، مونکي پنهنجا پَرَ
تنهنجي پَرَنِ سان مان اُڏامان
مَٿي ۽ مَٿي
سِجَ، چنڊَ، تارَنِ ۽
پَريُنِ جي ديسَ ڏي.
موٽِي اَچِي توکي ڏيندُسِ
واپس تنهنجا پَرَ
پَکي، او پيارا پَکي!

पखी ओ पखी

पखी, ओ प्यारा पखी
सज॒ो ड॒ींहुं थो उड॒ामी

हाणे तूं आराम करि
उड॒ामणु मां बि चाहियां थो
लाहे ड॒े मूंखे पंहिंजा पर
तुंहिंजे परनि सां मां उड॒ामां
मथे ऐं मथे,
सिज, चंड, तारनि ऐं
परियुनि जे देस ड॒े,
मोटी अची तोखे ड॒ींदुसि
वापस तुंहिंजा पर
पखी, ओ प्यारा पखी !





مِٺڙا گيت هي ٻارَن لاءِ
نَنڍڙَن گُلڙَنِ پيارَنِ لاءِ

मिठिड़ा गीत ही ॿारनि लाइ
नंढिड़नि गुलिड़नि प्यारनि लाइ